ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 25 سيپٽمبر 2026ع 12 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيا شمارو (41)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ افغان ڌرين جي ملوث هجڻ جا ثبوت ملي ويا، مستونگ حملي ۾ مارجي ويل دهشتگرد کان افغان دستاويز هٿ

پاڪ فوج جا افغانستان ۾ مختلف هنڌن تي جوابي حملا دهشتگردن جا ڪيئي ٺڪاڻا ۽ انفراسٽرڪچر تباهه

فضائي ۽ ٻرون ڪاررواين جي ذريعي افغان طالبان حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ علائقن ۾ 10 جاين تي دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ معاون انفراسٽرڪچر کي مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويو: عطاءُ الله تارڙ

مستونگ حملي ۾ مارجي ويل فتنہ الهندستان جي دهشتگردن ۾ افغاني رهواسي شامل، دهشتگرد ذوالفقار عرف ابو عمر جي قبضي مان افغان جنرل ڊائريڪٽوريٽ آف انٽيليجنس جو باضابطہ رڪارڊ هٿ

هڪ ٻي مارجي ويل دهشتگرد خليل احمد کان افغان قومي سڃاڻپ دستاويز مليون، پاڪستان ۾ تخريبڪاري لاءِ ڀارتي ڳجهي ايجنسي "را" ۽ طالبان رجيم جو ڪٺ ڄوڙ پهرين به انٽيليجنس رپورٽس ۾ بي نقاب

سال 2025ع ۾ "را" ۽ افغان طالبان انٽيليجنس وچ ۾ گڏيل ڳجهي نيٽ ورڪ جو انڪشاف ٿيو، ڀارتي ايجنسي بلوچستان ۾ بدامني پکيڙڻ لاءِ 78 لک ڊالرن جي وڏي رقم فراهم ڪئي هئي: ڳجهي رپورٽ

ڀارتي "را" افغان طالبان رجيم جي تعاون سان پاڪستان خلاف افغان سرزمين کي دهشتگردن جي تربيت، مالي مدد، محفوظ پناهگاهن طور مسلسل استعمال ڪري رهي آهي، هندوستان وٽان جديد هٿيار ڏنا ويا

راولپنڊي/ڪوئيٽا (اي پي پي) پاڪستان ۾ دهشتگردي جي ڪاررواين ۾ ملوث افغان ڌرين جا ٺوس ثبوت هڪ دفعو ٻيهر سامهون اچي ويا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب بلوچستان جي علائقي مستونگ ۾ ٿيل حملي ۾ مارجي ويل فتنہ الهندستان جي دهشتگردن ۾ افغاني رهواسي شامل هئا ويا آهن ڪارروائي دوران مارجي ويل دهشتگرد ذوالفقار عرف ابو عمر جي قبضي مان افغان جنرل ڊائريڪٽوريٽ آف انٽيليجنس (جي ڊي آءِ) جو باضابطہ رڪارڊ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايران - آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ اميد ناهي ڇڏي، ٽياڪڙي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

وزيراعظم، گڏيل قومن جي هيڊ ڪوارٽر ۾ اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحن جو حوالو ڏنو، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان پڻ صحيحون ڪيون هيون

معاهدي تي صحيحن کانپوءِ ٿيندڙ اڳڀرائي غير متوقع رخ اختيار ڪيو، تنهن هوندي به هن ان ڳالهه کي ڀيهر ورجايو ته پاڪستان ان معاملي تي پورو ڌيان ڏئي رهيو آهي: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪستان پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هڪ سچي ۽ ايماندار ثالث جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، خطي ۾ امن حاصل ڪرڻ لاءِ دوست ۽ ڀائر ملڪن ۾ سهڪار ضروري آهي

اسان مڪمل طور تي پرعزم آهيون ته صورتحال ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي لاءِ وڌيڪ ڪوششون ڪنداسين ۽ اڳڀرائي حاصل ڪنداسين، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ رابطي جو عمل جاري آهي: صحافين سان ڳالهيون

گڏيل قومن (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف هڪ ڀيرو وري ان عزم جو اظهار ڪيو آهي ته پاڪستان ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ثالث جو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي ۽ چيو آهي ته اسلام آباد ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش جي اميد ناهي ڇڏي وزيراعظم گڏيل قومن جي هيڊ ڪوارٽر ۾ صحافين سان ڳالهائيندي اسلام آباد

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستان جي نوجوان واپارين ۽ صنعتڪارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

اخبارون علم ۾ وسعت ۽ موجوده حالتن جي پسمنظر کي سمجهڻ جو موثر ذريعو آهن: وزيراعظم

صحافين ۽ صحافي تنظيمن خاص طور اي پي اين ايس جي ميمبرن ۽ اخبارن جي پڙهندڙن کي خصوصي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

اخبارون اسان جي قومي زندگي جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي رخن جي عڪاسي ڪن ٿيون ۽ هڪ باشعور معاشري جي جوڙجڪ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون

آزادي جي تحريڪ دوران به اخبارن ننڍي کنڊ جي مسلمانن جو موثر آواز بڻجي سياسي شعور ۽ اتحاد جي فروغ ۾ ڀرپور حصو ورتو

وزيراعظم شهباز شريف صحافين، فوٽوگرافرن، پريس ورڪرز ۽ اخبارن جي شعبي سان واڳيل سمورن ماڻهن جي قومي خدمت ۽ لڳاءُ کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف عوام خاص طور تي نوجوان نسل جي اخبارن جي مطالعي جي عادت اختيار ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪندي چيو آهي ته اخبارون واقعن جي خبرن کانسواءِ علم ۾ وسعت پيدا ڪرڻ موجوده حالتن جي پس منظر کي سمجهڻ ۽ شهري ذميوارين کان آگاهي جو موثر ذريعو آهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي ايران جي پرڏيهي وزير سان ملاقات

علائقائي امن ۽ سلامتي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

نيويارڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي ٽوڙڻ جي ڪا به سازش ڪامياب نه ٿيندي: وزيراعليٰ بلوچستان

بلوچستان ۾ بغاوت ناهي، پر ڪجهه عنصر شناخت جي بنياد تي عليحدگي جي سوچ کي هٿي ڏئي رهيا آهن

بلوچ نوجوانن کي لاحاصل جنگ طرف ڌڪيو پيو وڃي، جنهن سان بلوچستان جي نوجوانن کي ڪجهه حاصل نه ٿيندو

پرڏيهه ۾ ويٺل پاڪستان مخالف ڌريون منظم پروپيگنڊا ذريعي نوجوانن کي گمراهه ڪري رهيون آهن: مير سرفراز بگٽي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي ته بلوچستان ۾ بغاوت ناهي پر ڪجهه عنصر شناخت جي بنياد تي عليحدگي جي سوچ کي هٿي ڏئي رهيا آهن اهڙا عنصر

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرالر جي ٽڪر سبب موٽرسائيڪل سوار فوت، دڪان تي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف سيڪٽر 16 اي درخشان شادي هال جي ويجهو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير ملير ويجهو خوفناڪ حادثي جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب، امدادي سرگرمين تيز ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ٿرپارڪر جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بيلاروس: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني شهيدن جي يادگار تي گل رکڻ لاءِ اچي رهيو آهي

ٿر ڪول پاڪستان لاءِ حقيقي سيڙپڪاري آهي، چين ۾ اربين رپين جا معاهدا ٿيندا: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت عالمي سيڙپڪارن کي سنڌ ڏانهن آڻڻ ۽ سيڙپڪاري وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪري پئي

ٿر جي ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ بجلي جا فائدا رڳو سنڌ کي نه پر سڄي پاڪستان کي ملي رهيا آهن

سياسي اختلافن کي خاندانن تائين نه وٺي وڃڻ گهرجي، عمران خان جي ڀينرن جي گرفتاري جي حمايت نٿا ڪيون

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته افغانستان جي سرزمين پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا. پاڪستان جون فوجون جرئت ۽ بهادري سان دهشتگردي خلاف جنگ وڙهي رهيون آهن اسان پنهنجي فوجن کي سلام پيش ڪيون

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پي پي ايڇ آءِ جا صحت مرڪز 1,917 ڳوٺن تائين پهچي ويا آهن: چيف سيڪريٽري جو دورو

او پي ڊي مريضن جي مشورن جو انگ 18.7 ملين مان وڌي 45.4 ملين تائين پهتو آهي

صوبي ۾ صحت مرڪزن سان لاڳاپيل 367 فعال ايمبولينسون پڻ موجود آهن: بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي هيڊ آفيس جو سرڪاري دورو ڪيو جتي هن اداري جي مجموعي ڪارڪردگي، بنيادي صحت جي سهولتن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ناجائز طالبان رجيم اڳرين تي ڳڻڻ جيترن راانديڪن سان پاڪستان کي ديهاڙي نٿي سگهي: صدارتي ترجمان

پاڪستان کي نه دٻاءُ ۾ آڻي سگهجي ٿو نه ان جو ڌيان هٽائي سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان مرعوب ڪري سگهجي ٿو

ڪابل کي ان خوشفهمي ۾ نه رهڻ گهرجي ته ان جون اشتعال انگيزيون بنا ڪنهن نتيجن جي گذري وينديون: مرتضيٰ سولنگي

طالبان رجيم افغانستان جي اڌ آباديءَ کي پنهنجي گهرن تائين محدود ۽ ڇوڪرين کي تعليم، روزگار ۽ بنيادي آزادين کان محروم رکيو آهي

پاڪستان سان ڇڪتاڻ ان کي پنهنجي ناڪامين کان ڇوٽڪارو نه ڏياريندي پر ان ۾ وڌيڪ اضافو ڪندي: صدر جي ترجمان جو بيان

اسلام آباد (اي پي پي) صدر جي ترجمان مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته ناجائز طالبان رجيم جيڪڏهن اهو سمجهي ٿي ته سرحد پار کان موڪليل اڳرين تي ڳڻڻ جيترن راانديڪن سان پاڪستان کي ديهاڙي سگهجي ٿو ته هو شديد غلط فهمي جو شڪار آهي خميس ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾ هن چيو ته پاڪستان کي نه دٻاءُ ۾ آڻي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس جا ٻه مبينا مقابلا، 4 ڌوهاري مارجي ويا، هٿيار هٿ اچڻ جي دعويٰ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ضلعي سينٽرل ۾ ٻن پوليس جي الڳ الڳ مبينا مقابلن ۾ چار ڌوهاري مارجي ويا ايس ايس پي سينٽرل ڊاڪٽر عمران خان جي ترجمان موجب تيموريه ٿاڻي جي پوليس مقابلي ۾

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه پي پي ايڇ آءِ هيڊ ڪوارٽر جي دوري وقت گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ رينجرز مقرر ڪرڻ جي منظوري، شرپسندن خلاف ڪارروائي جو حڪم

چيف ڪمشنر رينجرز جي مقرري ۽ قانوني اختيارن تحت رينجرز کي مڪمل سهڪار فراهم ڪرڻ جي اجازت ڏني

رينجرز اهلڪار امن امان برقرار رکڻ ۽ سيڪيورٽي جي سهڪار لاءِ سمورو ضروري ذميواريون انجام ڏيندا: نوٽيفڪيشن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ رينجرز مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي گهرو ڪاتي، چيف ڪمشنر اسلام آباد ۽ پنجاب حڪومت جي درخواست تي رينجرز جي مقرري ۽ قانوني اختيارن تحت رينجرز کي مڪمل سهڪار

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نون ڄاول ٻارن ۾ اکين جي بيمارين جي علاج جو منصوبو اهم عوامي خدمت آهي: ناصر شاهه

صوبائي وزير ڪراچي ايڊوٽنسٽ اسپتال جو دورو ڪري نئين منصوبي بابت بريفنگ ورتي

سنڌ حڪومت ٻارن اسپتال انتظاميا کي هر ممڪن سهڪار فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني حڪومت واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي ايڊوٽنسٽ اسپتال جو دورو ڪيو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه ايڊوٽنسٽ اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي، سينيٽر انور لال الدين پڻ ساڻس گڏ آهي

ڪراچي ۾ صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ "جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ" قائم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ شرجيل انعام ميمڻ جي خاص هدايت تي اطلاعات کاتي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

شادي لاج ويجهو ڊمپر جي مسافر ڪوسٽر سان ٽڪر، 5 ڄڻا ٿڏي تي فوت، 13 ڄڻا زخمي

پيلوڙ پوليس چيڪ پوسٽ وٽ حادثي ۾ 17 ورهين جو سڄڻ، 11 ورهين جو ليکراج ۽ ٻين ٿڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ چيتن، مڪيش، اشوڪ، لالا، مهيش، رحيميا زال جامون، چندرا ڄر ولد سومار ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال مٺي منتقل ڪيو ويو، جتان ڪجهه زخمين کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

شادي لاج/مٺي (نمائندن وٽان) خوني ٽرڪول هاءِ وي تي ٿر جي پيلوڙ پوليس چيڪ پوسٽ وٽ بدمست ڊمپر ڊرائيور مسافرن سان ڀريل ڪوسٽر کي سامهون زوردار ٽڪر هڻي 5 ماڻهو ماري وڌا 13

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

چين ۽ آمريڪا جي سهڪار ڪانسواءِ عالمي مسئلن جو حل ڏکيو ٿي ويندو: شي جن پنگ

خودمختيار آمريڪا جو سرڪاري دورو ڪرڻ تي خوش ۽ ميزباني تي صدر ٽرمپ جو ٿورائتو آهيان

چيني صدر پنهنجي گهرواري سان گڏ وائيٽ هائوس پهتو، جتي سندس شاندار آجيان ڪئي وئي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيني صدر شي جن پنگ چيو آهي ته آمريڪا ۽ چين وچ ۾ سهڪار ڪانسواءِ دنيا جي ڪيترن ئي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ مدرسته الاسلام ۽ پوليس وچ ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس ۾ سهڪار جو فيصلو

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو يونيورسٽي ۾ جناح ميوزيم، لائبريري ۽ اي آءِ ليب جو معائنو ڪيو

ٻنهي ادارن ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس شعبي ۾ گڏيل ڪم لاءِ جلد ايم او يو تي صحيحون ٿينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل (آءِ جي) پوليس جاويد عالم اوڍو خميس ڏينهن سنڌ مدرسته الاسلام

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ماضي جي الزامن بدران موجوده ڪارڪردگي جو حساب ڏئي: علي خورشيدي

ڪراچي جي عوام کي ماضي جون ڪهاڻيون نه پر پاڻي، بجلي، روڊ، نيڪال ۽ روزگار گهرجي

سنڌ ۾ 17 سالن کان حڪومت ڪندڙن کي هر ناڪامي جو بار ماضي تي وجهڻ جو حق ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي چيو آهي ته شرجيل انعام ميمڻ ماضي جي الزامن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

نيپرا پاران ڪي اليڪٽرڪ جي 19 سيڪڙو گهٽ ڪيل بنيادي اگهه جو فيصلو

اپيليٽ ٽربيونل پاران ڪي اليڪٽرڪ جي اپيل رد ٿيڻ کانپوءِ گهٽ ڪيل اگهه برقرار

نئين ٽيرف ۾ بجلي خريد ڪرڻ، پهچائڻ ۽ ورڇ جا خرچ پڻ شامل آهن: نيپرا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) کي اليڪٽرڪ جي سراسري بنيادي بجليءَ جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب آمريڪا جي انويسٽمينٽ بينڪ جي عهديدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

جسقم پاران سنڌ جي وحدت ۽ سنڌو درياهه جي سلامتي لاءِ 27 سيپٽمبر تي احتجاج جو اعلان

جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي پاران سنڌو درياهه جي ڪنارن تي گڏ ٿي احتجاج جو سڏ ڏنو ويو

سنڌي پنهنجي درياهه، زمينن، ٻيٽن ۽ وسيلن خلاف ٿيندڙ سازشون ڪڏهن به برداشت نه ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت ۽ سنڌو درياهه جي سلامتي لاءِ 27

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گلشن حديد کي 5 ايم جي ڊي پاڻي فراهمي ۽ فلٽر پلانٽ جلد فعال ڪرڻ جو فيصلو

ڪارساز ۾ واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ پمپنگ اسٽيشن جي انتظامي ۽ فني معاملن بابت اجلاس منعقد ٿيو

رهواسين کي رليف ڏيڻ لاءِ 12 ڪلاڪن جي پاڻي فراهمي جي مدت وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC) ڪارساز ۾ گلشن حديد 5 ايم جي ڊي واٽر سپلاءِ ۽

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي

شاهه لطيف ٽائون ۾ دڪان تان ڦر دوران فائرنگ ۾ سعيد نواز قتل ۽ منير احمد زخمي ٿي پيو

واقعي بعد جوابدار فرار ٿي ويا، پوليس لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون ۾ دڪان تان ڦر دوران مزاحمت تي جوابدارن جي فائرنگ، هڪ شخص قتل ٻيو زخمي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" ريلي، سنڌ جي حقن جدوجهد جو اعلان

ايس ٽي پي پاران نڪتل ريلي ۾ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اڳواڻن پاران سنڌ جي حقن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ٽي پي پاران گهگهر ڦاٽڪ ۾ سنڌ منهنجي امان ريلي، حقن لاءِ تعريباڻي خبر موجب سنڌ ترقي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير علي پرويز ملڪ وزيراعظم جي تيل سبسڊي جي ادائگين بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي ريلوي اسٽيشنن ۽ ٽرينن ۾ اسمگلنگ خلاف سخت نگراني جون هدايتون

غيرقانوني سرگرمين يا اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ايس ايس پي ريلوي

مسافرن جي تحفظ لاءِ ريل گاڏين، پليٽ فارمن ۽ اسٽيشنن تي گشت ۽ نگراني وڌائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي ريلوي ڪراچي ڊويزن خرم شهزاد راجپوت ڪراچي ڊويزن جي 8 ريلوي ٿاڻن جي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايت ڪئي آهي ته ريلوي گاڏين اسٽيشنن ۽ مسافرن جي آمدرفت دوران ڪنهن به قسم جي اسمگلنگ، غيرقانوني سرگرمي يا ان ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

روم: وفاقي وزير راڻا تنوير حسين فوڊ اينڊ ايگريڪلچرل آرگنائيزيشن جي عهديدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران ڊاڪٽر نجيب نقي کي آزاد جمون ۽ ڪشمير جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد

نيويارڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر نجيب نقي کي آزاد جمون ۽ ڪشمير جو صدر چونڊجڻ تي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ڊاڪٽر نجيب نقي آزاد ڪشمير جو صدر چونڊجي ويو

مظفرآباد (اي پي پي) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ڊاڪٽر نجيب نقي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

جمهوريت جي استحڪام ۾ اخبارن جو غيرجانبدارانو ۽ متوازن ڪردار قابل قدر آهي: صدر آصف زرداري

اڄ بدلجندڙ ميڊيا جي ماحول ۾ اخبارن جو مطالعو هاڻي رڳو مطبوعہ صحفن تائين محدود ناهي رهيو پر اخبارون تيزي سان ڊيجيٽل پليٽ فارمز ۾ تبديل ٿيون آهن

اهڙي ماحول ۾ ذميوارانو ادارتي نگراني تحت اعتماد جوڳي ۽ متوازن صحافت اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري نوجوانن کي اخبارن جي مطالعي جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انٽيليجنس آپريشن، 8 خارجي دهشتگرد مارجي ويا

فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق واري اطلاع تي موثر ڪارروائي ڪئي، ٺڪاڻن کي مڪمل طور تباهه ڪيو ويو

راولپنڊي/پشاور (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ ڳجهي معلومات تي ٻڌل ڪامياب آپريشن ڪندي فتنہ الخوارج جي 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آهي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پي آءِ اي، ريڪوڊڪ ۽ ريفائنري منصوبن لاءِ آمريڪي ايڪسم بئنڪ کان مالي مدد گهري ورتي

سينيٽر محمد اورنگزيب آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ (ايڪسم بئنڪ) جي چيئرمين جان جووانووچ سان ملاقات ڪئي

منصوبي ۾ ديرجا معيشت تي وڏا اثر پئجي سگهن ٿا، هن ريڪوڊڪ منصوبي لاءِ آمريڪي ايڪسم بئنڪ جي مسلسل دلچسپي ۽ سهڪار جي آجيان پڻ ڪئي

جهازن جي اڳواٽ ادائگين لاءِ امڪاني فنانسنگ ۽ ريفائنرين جي اپ گريڊيشن منصوبن ۾ آمريڪي ايڪسم بئنڪ جي سهڪار جو پڻ جائزو ورتو ويو

نيويارڪ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي ناڻي ۽ روينيو وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ (ايڪسم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

عورتن کي اڳتي وڌڻ جا برابري وارا موقعا ڏيڻ گڏيل ذميواري آهي: احسن اقبال

پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ عورتن جو معاشي، سماجي ڪردار نهايت اهم آهي

سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ته اهڙو سازگار ماحول جوڙيون جتي عورتون اڳتي وڌي سگهن

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايڊ پلس ميڊيا ايجنسي جو سي اي او خرم جعفري آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال فيڊرل چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز جي گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: ملير ندي ويجهو عورت جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مرغي خانا وٽ ملير ندي ويجهو عورت جي لاش هٿ اچڻ جي اطلاع ملڻ تي شاهه لطيف پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي ضروري ڪاروائي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ سان پردي پٺيان رابطا جاري آهن، پر لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ تائين ڳالهيون نه ٿينديون: راڻا ثناءُ الله

شهر ۾ ڪنٽينر حفاظتي انتظامن طور رکيا ويا آهن، ڪنٽينر روڊ جي ڪناري تي پيل آهن ۽ روڊ کليل آهن

اسلام آباد ۾ ڪنهن کي به چڙهائي ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، لانگ مارچ تائين ڳالهيون نه ڪنداسين

پي ٽي آءِ قيادت سان بيڪ ڊور رابطا اڃا به موجود آهن، پر لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ تائين ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ تائين پي ٽي آءِ سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي، 2 ارب رپين جون متروڪ وقف ملڪيتون ضبط

ٻيهر پورهه ۽ نشتر روڊ تي 160 دڪان ۽ 7 گودام سيل ڪري قبضو بورڊ حوالي ڪيو ويو

ضبط ڪيل 2 ارب کان وڌيڪ ملڪيتن جي ڪرائيدارن تي 10 ڪروڙ رپيا رهيل هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري ايف آءِ اي جي اينٽي ڪرپشن سرڪل ڪراچي غيرقانوني قبضي ۽ ڪرڻ واجبات خلاف وڏي ڪارروائي ڪندي لڳ ڀڳ 2 ارب رپين جي ماليت جون متروڪ وقف

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ملتان: سج لهڻ وقت ورتل هڪ شاندار تصوير

ڪراچي ۾ ملڪيت جي تڪرار تان وڏي ڀاءُ هٿان ننڍو ڀاءُ قتل، جوابدار گرفتار

فيوچر ڪالوني ۾ جوابدار وحيد داد تيز ڌار واري اوزار سان پنهنجي ڀاءُ بنات خان کي قتل ڪيو

پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري پستول ۽ قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار هٿ ڪري ورتا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ لانڍي جي فيوچر ڪالوني ۾ ملڪيت جي تڪرار دوران وڏي ڀاءُ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي تيز ڌار واري اوزار سان قتل ڪري ڇڏيو پوليس قتل ۾ ملوث وڏي ڀاءُ کي گرفتار ڪري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪيٽي بندر کي ڊيپ سي پورٽ بڻائڻ جو عزم، سامونڊي معيشت کي هٿي ڏني ويندي: وڏو وزير

سنڌ جا سامونڊي وسيلا واپار، روزگار، سيڙپڪاري ۽ معاشي ترقي جا وسيع موقعا رکن ٿا

سامونڊي آلودگي جو خاتمو، جيوت ۽ ماحولياتي نظام جو تحفظ گڏيل ذميواري آهي: مراد علي شاهه

جديد ٽيڪنالاجي، تربيت ۽ عالمي معيارن تي عملدرآمد سان ميري ٽائيم شعبي ۾ ترقي ممڪن آهي

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ورلڊ ميري ٽائيم ڊي جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته سمنڊ پاڪستان جي معيشت، واپار ۽ پائيدار ترقي ۾ بنيادي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جو دورو ڪري رهيو آهي

ملير جي ڳوٺن ۾ ڏکي لوڊشيڊنگ خلاف ڪي اليڪٽرڪ آفيس اڳيان ڌرڻو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي مختلف

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غيرقانوني ڪرنسي ۽ حوالا ڪاروبار خلاف ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائيم سرڪل ڪراچي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ يو اي اي وچ ۾ افرادي قوت، روزگار ۽ فني تربيت ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين اماراتي قونصل جنرل سان ملاقات ڪئي گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن تي ڳالهيون

ٻنهي ملڪن وچ ۾ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ فني تربيت جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

وفاقي وزير يو اي اي جي قونصل خاني ۽ ويزا مرڪز جو دورو ڪري درخواستگذارن جي سهولتن بابت ڄاڻ ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير براءِ اوورسيز پاڪستانين ۽ انساني وسيلن جي ترقي چوڌري سالڪ حسين ڪراچي ۾ گڏيل عرب امارتن جي قونصل خاني جو دورو ڪيو جتي اماراتي قونصل جنرل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

WORLD ECONOMIC FORUM
Sustainable Development Impact Meetings
WORLD ECONOMIC FORUM

نيويارڪ: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي گڏجاڻي ۾ آيل وفدن سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي جي روڊن ۽ فٽ پاٿن تي قائم قبضن خلاف ڪارروائي جاري رهندي: ڪرم الله وقاصي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ترجمان ميئر

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کي سنڌ کي ڌار ڪرڻ جون ڳالهيون نفرت وڌائڻ جي ڪوشش آهن: قادر مندوخيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

مفاهمتي يادداشت (ايم او يو) تي صحيحن جو حوالو ڏنو جنهن تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان پڻ صحيحون ڪيون هيون هن چيو ته پاڪستان پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هڪ سچي ۽ ايماندار ثالث جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته مفاهمتي يادداشت تي ٽنهي اڳواڻن صحيحون ڪيون هيون وزيراعظم تسليم ڪيو ته معاهدي تي صحيحن ڪانپوءِ ٿيندڙ اڳڀرائي غير متوقع رخ اختيار ڪيو تنهن هوندي به هن ان ڳالهه کي ٻيهر ورجايو ته پاڪستان ان معاملي تي پورو ڌيان ڏئي رهيو آهي هن چيو ته پاڪستان جو مڪمل طور تي ان معاملي تي پورو ڌيان آهي اسان اميد ناهي ڇڏي اسان مڪمل طور تي پرعزم آهيون ته صورتحال ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي لاءِ وڌيڪ ڪوششون ڪنداسين ۽ اڳڀرائي حاصل ڪنداسين ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هڪ ٻي ملاقات جي منصوبابندي جي حوالي سان سوال جو جواب ڏيندي وزيراعظم چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ رابطي جو عمل جاري آهي جڏهن ته خطي ۾ امن حاصل ڪرڻ لاءِ دوست ۽ ٻيا ملڪ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

بقايا 2 روزاني عبرت

وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف اخبارن جي مطالعي جي قومي ڏينهن تي اخبارن ۽ صحافت جي شعبي سان واڳيل سمورن صحافين ۽ صحافتي تنظيمن خاص طور تي آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) جي ميمبرن ۽ اخبارن جي پڙهندڙن کي خصوصي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته اخبارون اسان جي قومي زندگي جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي رخن جي عڪاسي ڪن ٿيون ۽ هڪ باشعور معاشري جي جوڙجڪ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون هن چيو ته سڄي دنيا ۾ تاريخ جي مختلف دورن ۾ اخبارن شعور ۽ آگاهي جي فروغ، عوامي راءِ جي جوڙجڪ ۽ عوام کي مستند معلومات ۽ متنوع موقف تائين پهچ فراهم ڪرڻ ۾ ساراهه جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته آزادي جي تحريڪ دوران به اخبارن ننڍي کنڊ جي مسلمانن جو موثر آواز بڻجي سياسي شعور ۽ اتحاد جي فروغ ۾ ڀرپور حصو ورتو پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ به صحافت جمهوريت جي استحڪام، شفافيت جي فروغ ۽ قومي ۽ عالمي اهميت جي معاملن کان شهرين کي باخبر رکڻ جون قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون وزيراعظم چيو ته موجوده دور ۾ ڊيجيٽل ۽ سوشل ميڊيا خبرن تائين اسان جي پهچ ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي طريقن کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي تنهن هوندي به اخبارن جي افاديت اڄ به برقرار آهي موجوده پس منظر ۾ جتي جعلي خبرون، غلط معلومات ۽ گمراهه ڪندڙ اطلاع تيزي سان پکڙجي سگهن ٿا، معياري صحافت ۽ ذميواراڻي رپورٽنگ جي اهميت اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌي وئي آهي. هن چيو ته اخبارن ۾ مستند ادارتي نظام پڙهندڙن کي تحقيق ۽ تصديق تي ٻڌل خبرون تجزيا ۽ باخبر موقف فراهم ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف صحافين، فوٽوگرافرن، پريس ورڪرز ۽ اخبارن جي شعبي سان واڳيل سمورن ماڻهن جي قومي خدمت ۽ مسلسل محنت ۽ لڳاءَ کي ساراهيو

بقايا 3 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ اسحاق ڊار علائقائي امن ۽ سلامتي جي فروغ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه سفارتڪاري ۽ مسلسل رابطي جي ضرورت تي زور ڏنو خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي لاڳاپن ۽ علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ٻنهي اڳواڻن ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 4 روزاني عبرت

پاڪستان کي ڪيڪ وانگر ورهائڻ چاهين ٿا جڏهن ته پاڪستان کي ٽوڙڻ جي ڪا به سازش ڪامياب نه ٿيندي اهڙو اظهار هن ڪوئيٽا ۾ 21 هين نيشنل ورڪشاپ بلوچستان جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڪيو وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو ته بلوچ نوجوانن کي هڪ لاحاصل جنگ طرف ڌڪيو پيو وڃي جنهن سان نه بلوچستان جي نوجوانن کي ڪجهه حاصل ٿيندو ۽ نه ئي صوبي جي مستقبل کي ڪو فائدو پهچندو هن چيو ته غير متوازن ترقي ۽ محرومي کي بلوچستان ۾ بدامني جو مرڪزي سبب قرار ڏيڻ درست ناهي ڇاڪاڻ ته غير متوازن ترقي جو مسئلو پاڪستان سميت دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ موجود آهي. جڏهن ته ترقي لاءِ ڪٿي بندوق نٿي کنئي وڃي ۽ نه ئي ڪٿي ايئن رت وهايو ويندو آهي هن نوجوانن تي زور ڀريو ته هو حقن ۽ تصور ۾ فرق کي سمجهن ۽ پنهنجي صوبي جي درست تاريخ کان آگاهي حاصل ڪن هن چيو ته پرڏيهه ۾ ويٺل پاڪستان مخالف ڌريون منظم پروپيگنڊا ذريعي نوجوانن کي گمراهه ڪري رهيون آهن ان لاءِ نوجوان تعليم، ترقي ۽ روشن مستقبل تي ڌيان ڏين ۽ رياست مخالف پروپيگنڊا جو حصو نه بڻجن

بقايا 5 روزاني عبرت

دڪان تي فائرنگ جي نتيجي ۾ 37 سالن جو سعيد نواز ولد محمد نواز زخمي ٿي پيو واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا. اطلاع تي ڇيپا جا رضاڪار پهچي زخمي کي ايمبولينس جي ذريعي طبي امداد جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي سائيٽ ايريا حبيب چورنگي شيل پمپ جي ويجهو ٽرالر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار عبدالحق فوت ٿي ويو آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

علائقي مٺي ۾ بدين روڊ تي بس ۽ ٽريلر وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ جو افسوسناڪ واقعو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي بابت ڊي آءِ جي ميرپورخاص کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آءِ جي سنڌ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آءِ جي سنڌ ايس ايس پي ٿرپارڪر کي فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي امدادي سرگرمين جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون حادثي ۾ زخمين کي فوري ۽ بهترين طبي امداد جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي آءِ جي سنڌ چيو ته حادثي واري هنڌ کي محفوظ بڻائيندي امدادي سرگرمين ۽ ٽريفڪ جي رواني لاءِ رستا ڪليئر رکيا وڃن آءِ جي سنڌ چيو ته حادثي جي سببن ۽ ٻين سمورن لاڳاپيل معاملن جو جائزو وٺي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وڃي

بقايا 7 روزاني عبرت

ٿا هن چيو ته صدر آصف علي زرداري چين جا ٻه ڪي دورا ڪيا آهن پاڪ چين دوستي کي سلام پيش ڪيون ٿا. پاڪستان ۽ چين جي دوستي هماليه کان بلند ۽ سمنڊ جي گهرائيءَ کان وڌيڪ گهري آهي سنڌ ۽ چين جو صوبو هونان سسٽر صوبن جي طور تي سڃاتا وڃن ٿا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏنو پيو وڃي ڊائريڪٽوريٽ آف اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ۾ پريس ڪانفرنس سان خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت چين ۾ انويسٽمينٽ ڪانفرنس منعقد ڪري رهي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير به شرڪت ڪندو هن چيو ته چائنا اليڪٽرڪ ٿر ڪول جي منصوبي ۾ به سيڙپڪاري ڪئي آهي ۽ چين ۾ ٿيندڙ انويسٽمينٽ ڪانفرنس ۾ اربين روپين جا معاهدا ٿيندا، جڏهن ته مختلف شعبن ۾ ايم او يوز ۽ معاهدن تي دستخط ڪيا ويندا. سنڌ حڪومت جي هميشه ڪوشش رهي آهي ته عالمي سيڙپڪارن کي سنڌ ۾ آندو وڃي ۽ پاڪستان ۾ غير ملڪي سيڙپڪاري جي وسيع موقعن کان دنيا کي آگاهه ڪيو وڃي سنڌ ۽ هونان جي وچ ۾ هينئر تائين جي رابطن ۾ اقتصادي، تجارتي، سيڙپڪاري، ٽيڪنالوجي ۽ عوامي سطح تي تعاون جي امڪانن تي به بحث ٿيو آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ مختلف شعبن ۾ غير ملڪي سيڙپڪاريءَ جا بهترين موقعا موجود آهن حڪومت جي ترجيح اهڙا منصوبا جوڙڻ آهي جن ذريعي پاڪستان ۾ غير ملڪي سيڙپڪاري اچي ۽ ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ مدد ملي هن چيو ته پاڪستان کي سيڙپڪاري، صنعت، توانائي انفراسٽرڪچر ٽرانسپورٽ ۽ ٻين شعبن ۾ وڏا موقعا حاصل آهن اسان کي دنيا کي انهن موقعن کان آگاهه ڪرڻو پوندو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٿر جي ڪوئلي مان حاصل ٿيندڙ فائدو صرف سنڌ نه پر پوري پاڪستان کي ملي رهيو آهي ٿر جو ڪوئلو وفاق ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ نيشنل گرڊ جي ذريعي ملڪ جي مختلف حصن کي بجلي فراهم ٿي رهي آهي هن چيو ته هڪ طرف پاڪستان اڄ به پرڏيهه مان ڪوئلو درآمد ڪري رهيو آهي جڏهن ته ٻئي طرف سنڌ ۾ ڪوئلي جا وسيع ذخيرا موجود آهن ٿر جي ڪوئلي جا منصوبا پاڪستان جي مستقبل جي توانائي جي ضرورتن کي آڏو رکندي شروع ڪيا ويا آهن ۽ انهن ذخيرن ۾ طويل مدت تائين ملڪ جي توانائي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي هن چيو ته ٿر ڪول پاڪستان لاءِ هڪ حقيقي سيڙپڪاري آهي ۽ مستقبل ۾ ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪري ٻاهرئين ملڪن ڏانهن موڪلڻ جا امڪان به پيدا ڪري سگهجن ٿا. هن چيو ته ٿر ڪول جي منصوبي ۾ تقريبن هڪ ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪئي وئي آهي ۽ ان منصوبي جي بنياد گذريل پنج سالا دور حڪومت ۾ رکي وئي هئي بدقسمتيءَ سان ٻين حڪومتن ٿر ڪول منصوبي کي اها سنجيدگي نه ڏني، جنهن جو پاڪستان کي نقصان ٿيو هن چيو ته ٿر جو ڪوئلو سنڌ مان نڪري رهيو آهي ان تي پوري قوم کي خوش ٿيڻ گهرجي ڇو ته ان جا فائدا پوري پاڪستان کي حاصل ٿي رهيا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جڏهن کان قائم ٿي آهي ان کي مختلف سازشن ۽ پروپيگنڊا جو منهن ڏسڻو پيو آهي پر پيپلز پارٽي ملڪ کي وڏا منصوبا ڏنا هن چيو ته پاڪستان جو آئين پيپلز پارٽي جي دور ۾ ٺاهيو ويو ايٽمي طاقت ۽ بيلسٽڪ ميزائل ٽيڪنالوجي جي حصول ۾ به پيپلز پارٽي جي دورن جو اهم ڪردار رهيو آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت گذريل 18 سالن جو حساب ڏيڻ لاءِ تيار آهي ۽ صحت سميت مختلف شعبن ۾ وڏا منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن هن چيو ته صحت جي شعبي ۾ سنڌ جون سهولتون پوري پاڪستان ۾ قابل تعريف آهن ۽ ملڪ ڀر مان لکن جي تعداد ۾ ماڻهو علاج لاءِ ڪراچي اچن ٿا. سنڌ جي اسپتالن ۾ مريضن کان اهو ناهي پڇيو ويندو ته هو ڪهڙي صوبي سان تعلق رکن ٿا يا انهن جو سڃاڻپ ڪارڊ ڪٿان جو آهي مريضن کي علاج جي سهولت فراهم ڪرڻ اسان جي ترجيح آهي ڪراچي ۾ صحت جون موجوده سهولتون پاڪستان پيپلز پارٽي جي دورن ۾ قائم ۽ ترقي يافته ٿيون. جڏهن ته 18 سال اڳ ڪراچي ۾ صحت جون سهولتون اهڙي سطح تي نه هيون شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اين آئي سي وي ڊي پيپلز پارٽي جي دور ۾ ملڪ ڀر ۾ علاج جي سهولتن جو دائرو وسيع ڪيو ۽ اڄ پاڪستان جي مختلف علائقن مان ماڻهو اتي علاج لاءِ اچن ٿا. سنڌ ۾ صحت جي شعبي ۾ ٿيندڙ ڪم تي هڪ پوري ڪتاب لکي سگهجي ٿي لاڙڪاڻو حيدرآباد، ڄامشورو نوابشاهه جيڪب آباد، سکر شهدادپور عمرڪوٽ ٺٽو ۽ ڪراچي سميت مختلف شهرن ۾ صحت جي منصوبن تي ڪم ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترائي منصوبا علاج لاءِ اڄا به جاري آهن سنڌ ۾ جگر جي پيوندڪاري (ليور ٽرانسپلانٽ) سميت پيچيده بيمارين جي جديد علاج جون سهولتون موجود آهن هن چيو ته ڪراچي ۾ سائبر نائف ذريعي جديد ترين علاج جي سهولت موجود آهي ۽ سنڌ حڪومت پاران ان سهولت ذريعي مريضن کي مفت علاج فراهم ڪيو پيو وڃي جي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سائبر نائف جهڙي علاج جي لاڳت لکن ڊالرن تائين پهچي ٿي جڏهن ته پاڪستان ۾ جديد طبي ٽيڪنالوجي ذريعي عوام کي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن پنجاب سميت پوري پاڪستان مان ماڻهو روزانو علاج لاءِ ڪراچي اچن ٿا. ميڊيا کي گهرجي ته سنڌ جي اسٽيٽ آف دي آرٽ اسپتالن ۽ جديد طبي سهولتن کي عوام جي سامهون آڻي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 2010 ۽ 2011 جي ٻوڏ ۽ برساتن دوران به سنڌ حڪومت متاثرين جي مدد ڪئي، جڏهن ته تازي ٻوڏ ڪانپوءِ سنڌ حڪومت 21 لک خاندانن کي گهر ٺاهي ڏنا آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت صحت انفراسٽرڪچر رستا، روڊ نيٽ ورڪ، تعليم ٽرانسپورٽ ۽ ٻين شعبن ۾ به ڪيترائي منصوبا مڪمل ڪيا آهن سکر ايئرپورٽ جو منصوبو به پيپلز پارٽي جي دور ۾ شروع ڪيو ويو جڏهن ته ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ ايئرڪنڊيشنڊ بسن جو نظام متعارف ڪرايو ويو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن ماضي جي حڪومتن ڪراچي ۾ هڪ ايئرڪنڊيشنڊ بس به متعارف ڪرائي هجي ته ميڊيا ان جو به ذڪر ڪري ۽ اهي به ٻڌائي ته انهن حڪومتن ڪيترين اسپتالون قائم ڪيون هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي دور ۾ صرف ڪراچي ئي نه پر پاڪستان کي به نقصان پهتو صنعتن ۽ ڪاروباري سرگرمين کي نقصان پهتو ايڪسپورٽرز کي مقرر وقت تي پنهنجا آرڊر مڪمل ڪري موڪلڻا هوندا هئا، پر اهڙا حالات پيدا ڪيا ويا جو ڪي چار يا پنج ڏينهن ڪانپوءِ به ڪاروباري سرگرميون رڪجي وينديون هيون ۽ ايڪسپورٽ آرڊر متاثر ٿيڻ شروع ٿيندا هئا. ڪاروباري ماڻهو ڄاڻين ٿا ته ان صورتحال جا اصل سبب ڪهڙا هئا هن چيو ته ان وقت ايم ڪيو ايم وٽ طاقت ۽ اثر رسوخ موجود هو آپريشن ۾ حصو وٺندڙ پوليس آفيسرن بابت به سنگين واقعا پيش آيا ۽ 35 ايس ايڇ اوز کي چونڊي چونڊي قتل ڪيو ويو جن آفيسرن ٻين شهرن ۾ تعينات ٿي تحفظ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي انهن کي واپس ڪراچي آڻي نشانو بڻايو ويو هن چيو ته اڄ ڪجهه ماڻهو انهن سمورن معاملن کي مختلف انداز ۾ پيش ڪن ٿا، پر باني ايم ڪيو ايم الطاف حسين جي دور جي حالات ۽ واقعن کي به آڏو رکڻ گهرجي جيڪي ماڻهو ان وقت ٽي وي تي ويهي انهن واقعن جو دفاع ڪندا هئا، پوءِ الطاف حسين جي زوال ڪانپوءِ انهن پنهنجون سياسي جماعتون قائم ڪري ورتيون شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ايم ڪيو ايم هڪ ڀيرو ٻيهر لساني فساد کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪري هن صوبي ۽ شهر تي اردو سنڌي ۽ پشتو ڳالهائيندڙن جو برابر حق آهي اردو ٻولي هاڻي صرف علائقائي ٻولي ناهي رهي پر بين الاقوامي سطح تي استعمال ٿيندڙ ٻولي بڻجي چڪي آهي اردو جي آڙ ۾ لساني سياست نه ٿيڻ گهرجي لساني ڳالهيون ڪري پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڪنهن کي به ٻيهر بدمعاشي، تشدد ۽ لساني سياست جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي هن چيو ته اسان نائين زيرو ان ڪري ويندا هئاسين جو ايم ڪيو ايم کي چئون ته تشدد، لسانيت ۽ فسادن جي سياست کي ڇڏين اسان جي ڪوشش رهي آهي ته ڪراچي ۾ امن قائم ٿئي صنعتون واپس اچن، ڪاروباري سرگرميون وڌن ۽ شهر ترقي ڪري منهنجو مقصد ڪنهن جي ذاتي مخالفت ناهي اسان کي ملي ڪري پاڪستان کي اڳتي وٺي وڃڻو آهي پاڪستان کي ڪيترن ئي چئلينجن جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي ۽ اسان کي متحد ٿي انهن جو مقابلو ڪرڻو پوندو خالد مقبول صديقي تي مصطفيٰ ڪمال پاران پارٽي ايجنٽ هجڻ جي لڳايل الزام بابت شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن مصطفيٰ ڪمال جو الزام صحيح هو ته کيس پنهنجي موقف تي قائم رهڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهن الزام غلط هو ته خالد مقبول صديقي کان معافي گهرڻ گهرجي هن چيو ته اهو هڪ سنگين الزام هو ۽ ان معاملي کي واضح ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته پاڪستان اسان جو ملڪ آهي پنجاب ۽ سنڌ ٻئي اسان لاءِ برابر عزيز آهن اسان نه تعصب جي سوچ رکون ٿا ۽ نه تعصب ڏانهن وڃڻ چاهيون ٿا، اسان ڪڏهن به تعصب ڏانهن نه وينداسين

بقايا 8 روزاني عبرت

جي فراهمي ۽ صوبي جي مختلف علائقن ۾ اداري جي ڪاميابين جو جائزو ورتو. دوري جي موقعي تي پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي چيئرمين، جناب فضل الرحمان، چيف سيڪريٽري سنڌ جي باضابطه آجيان ڪئي.اجلاس ۾ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي اعليٰ انتظامي قيادت شرڪت ڪئي جنهن ۾ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جناب جاويد علي جکراڻي، چيف آپريٽنگ آفيسر جناب رياض حسين راهوجو ۽ ڪمپني سيڪريٽري جناب محمد يحيٰ شامل هئا. ان موقعي تي پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي آپريشنل نيٽ ورڪ ۽ صحت جون خدمتون فراهم ڪرڻ بابت چيف سيڪريٽري سنڌ کي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي چيف سيڪريٽري سنڌ، پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي نمايان ڪاميابين، انتظامي ڪارڪردگي ۽ سنڌ جي ڏورانهن ۽ ٻهراڙي وارن علائقن تائين معياري صحت جون سهولتون پهچائڻ جي سلسلي ۾ اداري جي اڳڀرائي کي ساراهيو هن چيو ته انهن ڪوششن ۾ حڪومت سنڌ جي سهڪار پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي پي پي ايڇ آءِ سنڌ جو آپريشنل نيٽ ورڪ 2013ع ۾ 1,137 صحت مرڪزن کان وڌي 2026—2027ع دوران متوقع طور تي 1,917 صحت مرڪزن تائين پهچي ريو آهي اهڙيءَ طرح سالياني او پي ڊي (OPD) مريضن جي مشورن جو انگ 2013—2014ع ۾ 18.7 ملين هو جيڪو نمايان اضافي سان 2025—2026ع ۾ 45.4 ملين تائين پهچي ويو پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي صحت مرڪزن تي محفوظ ويم (Safe Deliveries) جو انگ پڻ 2013—2014ع ۾ 28,444 کان وڌي 2025—2026ع ۾ 410,488 تائين پهچي ويو جيڪو 343 سيڪڙو واڌ جي عڪاسي ڪري ٿو مريضن کي بروقت ريفرل ۽ هنگامي طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي صحت مرڪزن سان لاڳاپيل 367 فعال ايمبولينسون پڻ موجود آهن اڳتي وڌندي، چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته صوبائي حڪومت جي صحت جي مقصدن سان هم آهنگي برقرار رکندي پي پي ايڇ آءِ سنڌ کان مڪمل سهڪار جي اميد آهي هن زور ڏيندي چيو ته سنڌ جي صحت جي اشارن ۾ بامعنيٰ بهتري آڻڻ لاءِ گڏيل عزم، تعاون ۽ مسلسل ڪوششون انتهائي اهم آهن

بقايا 9 روزاني عبرت

سگهجي ٿو.ان جو ڌيان هٽائي سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان مرعوب ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪابل کي ان خوشفهمي ۾ نه رهڻ گهرجي ته ان جون اشتعال انگيزيون بنا ڪنهن نتيجن جي گذري وينديون هن چيو ته ڪا به مصنوعي ڇڪتاڻ پاڪستان کي علائقائي ۽ عالمي امن جي لاءِ پنهنجي سفارتي ڪوششن کان نه ٿي هٽائي سگهي، نه ئي ٻاهرئين مهم جوئي طالبان حڪومت جي ٽٽل واعدن، اندروني ڏاڍ ۽ ذميواراڻي طرز حڪمراني ۾ ناڪامي جي رڪارڊ کي لڪائي سگهي ٿي هن چيو ته طالبان رجيم افغانستان جي اڌ آباديءَ کي پنهنجي گهرن تائين محدود ڪري رکيو آهي، عورتن ۽ ڇوڪرين کي تعليم، روزگار ۽ بنيادي آزادين کان محروم رکيو آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

3 ڦورو مارجي ويا. تيموريا ٿاڻي جي حد لڳ ڊي سي آفيس بلاڪ اين نارٿ ناظم آباد جي سامهون تيموريه ٿاڻي جي پوليس ۽ هٿياربند اسٽريٽ ڪرمنلز جي وچ ۾ مقابلو ٿيو ڪي هٿياربند جوابدار هڪ شهري کي ڦر مار ڪري رهيا هئا، جڏهن متاثر شخص مزاحمت ڪئي ته جوابدارن فائرنگ ڪري کيس ٽنگ ۾ گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس فوري طور تي رسپانس ڪندي ۽ جوابدارن کي پڪڙڻ لاءِ موقعي تي پهتي، پر جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪري ڏني ان ڪانپوءِ ٿيندڙ فائرنگ جي ڏي وٺ ۽ پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ ٽئي هٿياربند جوابدار مارجي ويا. مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي ڏوهاري رڪارڊ جي تصديق جو عمل جاري آهي جوابدارن جي قبضي مان ٽي پسٽل، هڪ موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون هٿ ڪيا ويا. زخمي شهري کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

فراهم ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي ان حوالي سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته شرپسند ۽ هٿياربند جٿن جي حملن جي صورت ۾ رينجرز ۽ پوليس مناسب ۽ ضروري جوابي ڪارروائي ڪن، جڏهن ته ڪنهن به پرتشدد سرگرمي يا خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ رينجرز ۽ پوليس مڪمل قدم کڻن نوٽيفڪيشن موجب، رينجرز اهلڪار امن امان برقرار رکڻ ۽ سيڪيورٽي جي سهڪار لاءِ سمورين ضروري ذميواريون انجام ڏيندا

بقايا 12 روزاني عبرت

حڪومت سنڌ پاران صحافي برادريءَ کي درپيش مسئلن جي ترت حل ۽ ٻين سهولتن جي فراهميءَ لاءِ "جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ (Journalists Facilitation Desk)" قائم ڪيو ويو آهي.اطلاعات کاتي حڪومت سنڌ موجب جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ جي قيام جو مقصد صحافين، پريس ڪلبن ۽ ميڊيا پرسنز کي مختلف معاملن جي حوالي سان سهولت ۽ رهنمائي فراهم ڪرڻ آهي.تمام معزز صحافتي حضرات، پريس ڪلبن ۽ ميڊيا پرسنز پنهنجي درپيش مسئلن سميت ايڪريڊيٽيشن ڪارڊن کي جاري ڪرڻ، مالي سهائتا، طبي صورتحال، پريس ڪلبن سان لاڳاپيل معاملن ۽ ٻين فلاحي معاملن جي ترت حل لاءِ جرنلسٽس فيسيليٽيشن ڊيسڪ سان رابطو ڪري سگهن ٿا.

بقايا 13 روزاني عبرت

جتي اسپتال انتظاميا پاران سندس آجيان ڪئي وئي ان موقعي تي سينيٽر لال دين، ڊاڪٽر ٻچ پلل ميرو ۽ جانسن فضل پڻ موجود هئا. اسپتال انتظاميا پاران صوبائي وزير کي ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال طرفان فراهم ڪيل طبي خدمتن، خاص طور تي نون ڄاول ٻارن ۾ اکين جي بيمارين ۽ پيدائشي نابينائي جي روڪٿام ۽ علاج لاءِ شروع ٿيندڙ نئين منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت اکين جي بيمارين جي علاج ۽ مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي حوالي سان ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال کي هر ممڪن سهڪار ۽ سهولتون فراهم ڪندي هن چيو ته عوامي ڀلائي ۽ فلاحي ڪمن ۾ سهڪار سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي جڏهن ته صحت جي شعبي ۾ سرڪاري ادارن سان گڏ فلاحي ۽ خانگي ادارن جو ڪردار پڻ اهم آهي صوبائي وزير چيو ته نون ڄاول ٻارن ۾ اکين جي بيمارين ۽ نابينائي جي علاج لاءِ اسپتال پاران شروع ڪيو ويندڙ منصوبو هڪ اهم عوامي خدمت آهي. جنهن سان ٻارن ۾ اکين جي بيمارين جي بروقت سڃاڻپ ۽ علاج ۾ مدد ملندي

بقايا 14 روزاني عبرت

زخمي، 3 جي حالت گنڀير ٻڌائي وڃي ٿي زخمي مٺي سول اسپتال ميرپورخاص ۽ سول اسپتال حيدرآباد ريفر حادثي واري هنڌ قيامت جو منظر خوني روڊ رت سان رنگجي ويو روڊ تي زخمين تڙپي تڙپي دم ڏنو.شادي لارج کان ٿر جي سائيٽ پيلوڙ پوليس چيڪ پوسٽ وٽ خوني ٽرڪول هاءِ وي تي ڪوسٽر ۾ سوار ماڻهو فقير پارپرهم ڳوٺ ويڙيجهپ درگاهه تي حاضري ڀرڻ بعد پنهنجي ڳوٺ واپس وڃي رهيا هئا ته پيلوڙو اسٽاپ وٽ مٺي کان بدين ويندڙ ڊمپر ٽريلر سان ڪوسٽر جو ٽڪر ٿي پيو حادثي جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 13 زخمي ٿي پيا فوت ۽ زخمي ٿيل سمورن ماڻهن جو تعلق ڀيل برادري سان ٻڌايو وڃي ٿو فوت ٿيلن ۾ 17 ورهين جو سڄڻ ولد ڪرمن، 11 ورهين جو ليڪراج ولد جيوراج، ڏودو ولد آچان 55 ورهين جو سومار ولد خميسو ۽ ڀيمراج ولد مهندرو شامل آهن

بقايا 15 روزاني عبرت

ملوث ڏوهارين تي سخت نظر رکي وڃي ۽ اهڙي ڪنهن به سرگرمي جي نشاندهي ٿيڻ تي بنا دير قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ايس ايس پي ريلوي ڪراچي ڊويزن خرم شهزاد راجپوت سينيئر صحافين سان پنهنجي آفيس ۾ ٿيل ملاقات دوران ڪيوهن وڌيڪ چيو ته ريلوي پوليس جي بنيادي ذميوارين ۾ مسافرن سندن سامان ۽ ريلوي اسٽيشنن تي امن امان کي يقيني بڻائڻ شامل آهي هن لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ريلوي گاڏين ۾ سفر ڪندڙ مسافرن جي تحفظ لاءِ گشت ۽ نگراني جو نظام وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي ۽ شڪي ماڻهن جي سرگرمين تي خاص نظر رکي وڃي هن چيو ته ريلوي گاڏين ۾ اسمگلنگ يا ڪنهن به غيرقانوني سامان جي منتقلي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو اهڙي عمل ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته ريلوي پوليس اهلڪار پنهنجي مقرر ڪيل حدن ۾ ذميواري سان فرض سرانجام ڏين ايس ايس پي ريلوي مسافرن کي پڻ اپيل ڪئي ته هو سفر دوران پنهنجي قيمتي سامان، پرس ۽ موبائل فونن جي حفاظت لاءِ بي ڌياني کان پاسو ڪن هن چيو ته ڪيترن ئي موقعن تي مسافر موبائل فون چارجنگ تي لڳائي يا سيٽ تي رکي آرام ۽ ننڊ ڪندا آهن جنهن سبب چوري جا واقعا پيش اچن ٿا خرم شهزاد راجپوت چيو ته مسافرن ۽ سندن سامان جي حفاظت ريلوي پوليس جي ذميواري آهي.

بقايا 16 روزاني عبرت

پسند پارٽي پاران سنڌ منهنجي امان جي عنوان هيٺ گهگهر ڦاٽڪ ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي ايس ٽي پي ڪراچي ڊويزن جي اڳواڻن اعجاز سامٽيو، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ، خير محمد مگسي، پير بخش ٻهلڪاڻي، گل محمد عارفاڻي ۽ اصغر سبزوئي ڪئي ريلي دوران شرڪت ڪندڙن سنڌ جي حقن، صوبي جي وحدت ۽ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪندي نعريبازي ڪئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن هٿن ۾ پارٽي جا جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ اسان جي سڃاڻپ، تاريخ ۽ ثقافت جي ڌرتي آهي ۽ سنڌ جي وسيلن زمينن ۽ حقن جي تحفظ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد هر صورت جاري رکي ويندي ريلي گهگهر ڦاٽڪ جي مختلف رستن کان ٿيندي پنهنجي مقرر ڪيل هنڌ تي پهتي جتي اڳواڻن ڪارڪنن کي خطاب ڪندي سنڌ جي موجوده مسئلن ۽ پارٽي جي موقف تي تفصيلي روشني وڌي ريلي ۾ ايس ٽي پي جي مقامي اڳواڻن ۽ وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 17 روزاني عبرت

خبر موجب شاهه لطيف ٽائون ۾ دڪان تان ڦر دوران مزاحمت تي جوابدارن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شخص قتل ۽ هڪ ٻيو زخمي ٿي پيو جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويا، اطلاع ملڻ تي شاهه لطيف پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب مارجي ويل شخص جي سڃاڻپ سعيد نواز ۽ زخمي جي سڃاڻپ منير احمد جي نالي سان ٿي آهي. پوليس واقعي جي جاچ ۽ جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن علائقي واسين ۽ دڪاندارن پوليس جي ڪارڪردگي تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته شاهه لطيف ٿاڻي جي حدن ۾ ڦرون، چورين ۽ بدامني روز جو معمول بڻجي چڪيون آهن پر پوليس مڪمل طور تي خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن سبب جوابدارن جا حوصلا بلند آهن شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي

بقايا 18 روزاني عبرت

فلٽر پلانٽ پمپنگ اسٽيشن جي انتظامي ۽ فني معاملن جي حوالي سان هڪ ميٽنگ ٿي اجلاس ۾ پاڻي جي سپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ پمپنگ اسٽيشن جو چارج جلد سنڀالڻ جي معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ چيف انجنيئر مصطفيٰ منگي، زاهد شيخ ۽ چيف انجنيئر ڊسٽريبيوشن ملير سميت ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي ان کان علاوه سياسي ۽ سماجي شخصيتن عبدالستار خليفو جنرل سيڪريٽري پي پي پي پي ايس 85 ۽ وائيس چيئرمين يو سي گهگهر عبدالستار ٻٽ انفارميشن سيڪريٽري پي پي پي پي ايس 85، غلام رضا جتوئي چيئرمين يو سي اسٽيل ٽائون وقار لاڙڪ ۽ سلطان وقو پڻ موجود هئا. اجلاس دوران گلشن حديد 5 ايم جي ڊي منصوبي ۽ فلٽر پلانٽ پمپنگ اسٽيشن جي فني معاملن جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي يقين ڏياريو ويو ته واٽر ڪارپوريشن جو متعلق عملو باقاعده طور تي اسٽيشن جو چارج سنڀالي وٺندو جڏهن ته اڄ شام ۽ سپلائي تائين سڀ ضروري ورڪنگ ۽ فني انتظام مڪمل ڪيا ويندا. ان کان علاوه گلشن حديد جي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پاڻي جي موجوده 12 ڪلاڪن جي سپلاءِ جي مدتي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ ان ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو جيئن شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۾ درپيش مشڪلاتن جو ازالو ٿي سگهي

بقايا 19 روزاني عبرت

سيپٽمبر تي سنڌو جي تهذيب سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏيان ٿو هن چيو ته 27 سيپٽمبر تي سنڌ کي شاد ۽ آباد رکندڙ سنڌو درياهه جي ڪنارن تي گڏ ٿي سنڌ جي وحدت خلاف ۽ درياهه جي بچاءَ لاءِ تاريخي احتجاج ڪيو ويندو جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿينديون، ست ڪروڙ سنڌي سمنڊ، درياءَ، زمينون ٻيلا جبل سنڌ جي وحدت ۽ ڌرتي وسيلا بچائڻ لاءِ روڊن تي نڪري ايندا. جسقم سربراهه صنعان خان قريشي جي ميڊيا ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ سندس وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ جي وحدت خلاف ڳالهائيندڙ مهاجرن کي غير قانوني افغانين سان گڏ سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن آهي ڪو عالمي يتيم خانو يا مهاجر ڪيمپ ناهي تنهن ڪري سنڌ مان افغانين برمين بهارين سميت سڀني کي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

اگهه ۾ 19 سيڪڙو گهٽتائي وارو نظرثاني ٿيل فيصلو برقرار رکندي ڪمپني جي اپيل رد ٿيڻ ڪانپوءِ باضابطه فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي ڪي اليڪٽرڪ جو سراسري بنيادي اگهه 32.37 رپيا في يونٽ برقرار رهندو تنهن هوندي به هن فيصلي سان ڪراچي جي لڳ ڀڳ 35 لک صارفين جي بجليءَ جي بلن ۾ سڌي ريت گهٽتائي نه ٿيندي نيپرا موجب ڪي اليڪٽرڪ جو ملٽي ايئر ٽيرف مالي سال 2023-24 کان 2029-30 تائين لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي شروعاتي طور نيپرا ڪمپني لاءِ سراسري اگهه 39.97 رپيا في يونٽ مقرر ڪيو هو جنهن خلاف ڪي اليڪٽرڪ ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين نظرثاني درخواستون داخل ڪيون هيون نيپرا مختلف نظرثاني درخواستن تي 20 آڪٽوبر 2025ع تي فيصلو ڪندي سراسري اگهه 39.97 رپين مان گهٽتائي 32.37 رپيا في يونٽ ڪري ڇڏيو هو اهڙيءَ ريت سراسري بنيادي اگهه ۾ 7.60 رپيا في يونٽ، يعني لڳ ڀڳ 19 سيڪڙو گهٽتائي ڪئي وئي ڪي اليڪٽرڪ نظرثاني ٿيل 32.37 رپيا في يونٽ واري اگهه کي اپيليٽ ٽربيونل ۾ چئلينج ڪيو تنهن هوندي به لڳ ڀڳ 11 مهينن جي ڪارروائي ڪانپوءِ اپيليٽ ٽربيونل ڪمپني جي اپيل رد ڪندي گهٽ ڪيل اگهه برقرار رکيو نيپرا هاڻي 20 آڪٽوبر 2025ع جي نظرثاني ٿيل فيصلن کي باضابطه طور نوٽيفاءِ ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪانپوءِ ڪي اليڪٽرڪ جو سراسري بنيادي اگهه 32.37 رپيا في يونٽ برقرار رهندو نئين سراسري اگهه ۾ بجلي خريد ڪرڻ جي لاڳت لڳ ڀڳ 27.83 رپيا في يونٽ، بجلي پهچائڻ جا خرچ 2.40 رپيا ۽ ورڇ جا خرچ 2.90 رپيا في يونٽ شامل آهن جڏهن ته فراهميءَ جي خرچن ۾ لڳ ڀڳ 0.78 رپيا في يونٽ جي ڪريڊٽ رقم پڻ شامل ڪئي وئي آهي هن معاملي جو پسمنظر 27 مئي 2025ع جي نيپرا فيصلي سان لاڳاپيل آهي، جنهن ۾ ڪي اليڪٽرڪ جي بجليءَ جي اگهه ۾ 6.15 رپيا في يونٽ واڌ جي منظوري ڏني وئي هئي ۽ ڪمپني جو سراسري اگهه 39.97 رپيا في يونٽ مقرر ٿيو هو بعد ۾ نظرثاني درخواستن تي اگهه ۾ گهٽتائي ڪئي وئي جنهن کي ڪي اليڪٽرڪ اپيليٽ ٽربيونل ۾ چئلينج ڪيو تنهن هوندي به اپيل رد ٿيڻ ڪانپوءِ 32.37 رپيا في يونٽ جو سراسري بنيادي اگهه برقرار رهيو

بقايا 21 روزاني عبرت

آڙ ۾ اڄ جي سنڌ حڪومت جي ناڪامين تان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي سنڌ جي ٽرانسپورٽ وارو وزير سنڌ جي عوام کي هڪ سيڪڙو به بسن جي سهولت فراهم نه ڪري سگهيو آهي ايم ڪيو ايم بابت ڳالهائڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي جو حساب ڏئي هن چيو ته ڪراچي جي عوام کي ماضي جون ڪهاڻيون نه پر اڄ پاڻي بجلي روڊ، نيڪال ۽ روزگار گهرجي انتظامي يونٽن جو قيام هن صوبي جي تقدير بڻجي چڪو آهي ان ڪري ئي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ۾ بوکلاهٽ نظر اچي رهي آهي علي خورشيدي چيو ته شهيد بينظير آباد ۽ لاڙڪاڻي جي عوام کي بااختيار بڻائڻ ايم ڪيو ايم جو مقصد آهي ٻنهي علائقن جي عوام کي به اهي ئي اختيار ۽ وسيلا ملڻ گهرجن جيڪي سندن حق آهن ايم ڪيو ايم خلاف سنگين ڏوهن جا ثبوت آهن ته سياسي بيانن بدران عدالتن ۾ پيش ڪيا وڃن ڪنهن سياسي جماعت جي سمورن ڪارڪنن کي گڏيل طور قاتل قرار ڏيڻ انصاف نه پر سياسي الزام تراشي آهي هن چيو ته 12 مئي سميت سمورن سانحن جي حقيقت شفاف جاچ ۽ عدالتي شاهدين ذريعي سامهون اچڻ گهرجي 35 ايس ايڇ اوز جي قتل ۽ پوليس کان هٿيار ڦرڻ جي دعوائن جا مستند ثبوت قوم سامهون آندا وڃن اپوزيشن ليڊر چيو ته سترهن سالن کان سنڌ تي حڪومت ڪندڙن کي هر ناڪامي جو ملبو ماضي تي وجهڻ جو حق ناهي.جيڪڏهن ماضي ئي هر خرابي جو سبب آهي ته سترهن سالن جي سنڌ حڪومت ڪراچي جا مسئلا ڇو حل نه ڪيا؟ ڪراچي جي صنعت ۽ سيڙپڪاري لاءِ سنڌ حڪومت ڪهڙا عملي قدم کنيا آهن شرجيل ميمڻ ان جو جواب ڏئي علي خورشيدي چيو ته نائن زيرو اچڻ جي تاريخ ٻڌائڻ کان اڳ اڄ جي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي جو حساب ڏنو وڃي ڪراچي کي سياسي الزام تراشي نه، پر بااختيار مڪاني نظام صاف پاڻي، بهتر بنيادي ڍانچو ۽ روزگار گهرجي ڪراچي جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام حڪومت عوام جو ڌيان سياسي بيان بازي ذريعي هٽائڻ چاهي ٿي ماضي جي آڙ ۾ حال جي ناڪامين کي لڪائڻ واري سياست هاڻي وڌيڪ نه هلندي

بقايا 22 روزاني عبرت

يونيورسٽي جو دورو ڪيو دوري دوران هن وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي سان گڏجي يونيورسٽي ۾ قائد جناح ميوزيم، خانبهادر حسن علي آفندي لائبريري، ڪي وي اسڪوئس حشمت لوڌي يوٿ ڊوليپمينٽ سينٽر، آءِ ٽي ٽاون بزنس انڪيوبيشن سينٽر ۽ اي آءِ ليب جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته هن عظيم اداري جو دورو ڪرڻ سندس لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ڇاڪاڻ جو نه رڳو پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح هتان تعليم حاصل ڪئي هئي، پر کيس بيٺي خوشي انڪري به محسوس ٿي رهي آهي جو سندس ڏاڏي ۽ پڙڏاڏي پڻ 1920ع ۽ 1930ع وارن ڏهاڪن ۾ هن اداري مان تعليم حاصل ڪئي هئي جاويد عالم اوڍو نوجوانن تي زور ڀريو ته هو سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي هن اصول کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائين ته: "سکڻ لاءِ اچو ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ اڳتي وڃو" تعليم مڪمل ڪري عملي زندگيءَ ۾ قدم رکڻ وقت، جتي شاگردن کي پنهنجو ڪيريئر ٺاهڻ ۽ پنهنجي خاندان جي سک کي يقيني بڻائڻ گهرجي، اتي کين پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت به ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙي خدمت ئي سندن زندگيءَ جو بنيادي مقصد هئڻ گهرجي سنڌ مدرسه يونيورسٽي جي حشمت لوڌي يوٿ ڊوليپمينٽ سينٽر جي دوري دوران شاگردن کي خطاب ڪندي، انسپيڪٽر جنرل پوليس چيو ته جديد تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ شاگردن کي سماج جي بهتري لاءِ پڻ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن ان ڳالهه تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ته نوجوان جن ۾ تعليمي ادارن ۾ زير تعليم شاگرد به شامل آهن منشيات جي لعنت جو شڪار ٿي رهيا آهن هن زور ڏنو ته والدين، استادن ۽ ساٿي شاگردن کي گڏجي انهن کي صحيح رستي تي آڻڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اي آءِ ليب جي دوري دوران، هن چيو ته سنڌ مدرسه يونيورسٽي ۽ سنڌ پوليس آرٽيفيشل انٽيليجنس جي شعبي ۾ گڏجي ڪم ڪندا ۽ ان سلسلي ۾ جلد مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون وينديون سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ کي اعليٰ معيار جي تعليمي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ تي ان جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي جي ڪردار کي ساراهيندي، سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل پوليس چيو ته ڊاڪٽر صحرائي هن تاريخي تعليمي اداري کي هر لحاظ کان جديد بڻايو آهي ان سان گڏوگڏ، وڌيڪ بهتري جي گنجائش کي تسليم ڪندي، يونيورسٽي مستقبل ۾ پڻ پنهنجي شاگردن کي معياري تعليم ۽ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري رکندي. ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو ته، سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي پنهنجي تاريخي ڪردار سبب هن ملڪ جو هڪ اهڙو قومي ورثو آهي جنهن جي تاريخي ۽ 142سالن جي ڪامياب تعليمي ۽ تربيتي عمل مان اسان جا بيشمار نسل فيضياب ٿيندا رهيا آهن هن چيو ته اسان ڪوشش ڪئي آهي ته هن اداري جو نه صرف تاريخي تشخص بحال رهي، پر هي اڳ واري هر دور جي جديد اداري جيان موجوده دور ۾ به ملڪ جي هڪ معياري ۽ جديد اداري جيان پنهنجي نئين نسل کي جديد تعليم ڏئي ۽ ان جي تربيت ڪري. ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ جاويد عالم اوڍو جو سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي دوري تي اچڻ تي سندس ٿورو پڻ مڃيو.دوري دوران محترم زبيره جلالي مينيجر ڊائريڪٽوريٽ آف اسٽوڊنٽ افيئرز اينڊ ڪائونسلنگ، ڊاڪٽر منصور احمد کهڙو ڊپٽي ڊائريڪٽر (اسٽاف) جاويد عالم اوڍو کي جناح ميوزيم بابت بريفنگ ڏني

بقايا 23 روزاني عبرت

مسئلن جو حل ڳولڻ تمام ڏکيو ٿي ويندو وائيٽ هائوس ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات دوران شي جن پنگ چيو ته هو خوبصورت آمريڪا جو سرڪاري دورو ڪرڻ تي خوش ۽ ميزباني تي صدر ٽرمپ جو ٿورائتو آهي چيني صدر پنهنجي گهرواري سان گڏ وائيٽ هائوس پهتو جتي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ آمريڪي خاتون اول سندس آجيان ڪئي باضابطه ملاقات کان اڳ ٻنهي صدرن وچ ۾ تفصيلي ڳالهه ٻولهه پڻ ٿي. شي جن پنگ چيو ته چين ۽ آمريڪا کي هڪ ٻئي سان رابطا وڌائڻ جي ضرورت آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اختلافن باوجود کليل گهري ۽ مسلسل ڳالهه ٻولهه ذريعي هڪ ٻئي کي بهتر نموني سمجهي سگهجي ٿو ۽ گڏيل اعتماد وڌائي سگهجي ٿو سندس چوڻ هو ته هن ۽ صدر ٽرمپ ۾ گڏيل احترام موجود آهي ۽ ٻئي اڳواڻ هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهن ٿا. ٻنهي ملڪن جا مفاد هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تنهنڪري سچي نيت سان سهڪار ڪرڻ گهرجي. شي جن پنگ چيو ته چين ۽ آمريڪا وچ ۾ سهڪار جا وڏا موقعا موجود آهن جيڪڏهن ٻنهي ملڪن جو سهڪار دنيا جو هر مسئلو حل نٿو ڪري سگهي، پر ان کانسواءِ دنيا جي ڪيترن ئي مسئلن جو حل ڳولڻ به تمام ڏکيو ٿي ويندو". ان موقعي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته سندس ۽ چيني صدر جو تعلق گڏيل احترام تي ٻڌل آهي هن چيو ته آمريڪا ۽ چين گڏجي ٻنهي ملڪن کي پيش ايندڙ مسئلن تي غيرمعمولي اڳڀرائي حاصل ڪئي آهي. ٽرمپ موجب، ٻنهي ملڪن وچ ۾ وڌيڪ متوازن واپاري لاڳاپا قائم ڪرڻ تي ڪم جاري آهي، جنهن ۾ آمريڪي آبادگارن ۽ مال پاليندڙن لاءِ نين مارڪيٽن تائين رسائي پڻ شامل آهي هن چيو ته آمريڪا ۽ چين وچ ۾ سيڪيورٽي، ٽيڪنالاجي ۽ "سپر انٽيليجنس" سميت اهم معاملن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿيندي سندس چوڻ هو ته انهن شعبن ۾ اڄ ٿيندڙ فيصلا ايندڙ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين امن ۽ خوشحالي کي هٿي ڏئي سگهن ٿا. چيني ۽ آمريڪي فوجن فاشسٽ اڳرائي خلاف گڏجي جنگ ڪئي: شي جن پنگ

وائيٽ هائوس ۾ پنهنجي خطاب دوران شي جن پنگ چيو ته هڪ وقت اهڙو به هو جڏهن چيني ۽ آمريڪي فوجن "فاشسٽ جارحيت" خلاف گڏجي جنگ وڙهي هئي هن چيو ته چيني عوام تاريخ جي ان باب کي ڪڏهن به نه وساريو آهي ۽ نه ئي آمريڪي عوام ان کي وساريو آهي. ان حوالي سان چيني صدر اعلان ڪيو ته ايندڙ پنجن سالن دوران هڪ لک آمريڪي نوجوانن کي تعليمي ۽ ثقافتي مٽاسٽا جي پروگرامن تحت چين اچڻ جي دعوت ڏني ويندي. چين ۽ آمريڪا وچ ۾ دوستي جي علامت طور شي جن پنگ اهو به چيو ته ٻه پانڊا آمريڪا ۾ پنهنجي نئين گهر اٽلانٽا زو ۾ آمريڪي عوام سان ملندا. پانڊا تحفي طور ڏيڻ کي ڊگهي عرصي کان چين جي سفارتي دوستي ۽ نيڪ خواهشن جي علامت سمجهيو ويندو آهي. پنهنجي خطاب جي پڇاڙي تي شي جن پنگ آمريڪي صدر کي مخاطب ٿيندي چيو ته "ٻنهي ملڪن کي پنهنجي عوام جي اميدن تي پورو لهڻ، تاريخي ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ دوستي کي هٿي ڏيڻ لاءِ مسلسل ڪم ڪرڻ گهرجي جيئن گڏجي هڪ بهتر دنيا تعمير ڪري سگهجي".

بقايا 24 روزاني عبرت

هٿ آيو آهي جڏهن ته هڪ ٻي مارجي ويل دهشتگرد خليل احمد کان افغان قومي سڃاڻپ دستاويز (تذڪره) مليو آهي سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ تخريبڪاري لاءِ ڀارتي ڳجهي ايجنسي "را" ۽ طالبان رجيم جو گڏيل گٺ جوڙ ڀهرين به انٽيليجنس رپورٽس ۾ بي نقاب ٿي چڪو آهي، ڳجهي رپورٽ موجب سال 2025ع ۾ "را" ۽ افغان طالبان انٽيليجنس وچ ۾ گڏيل ڳجهي نيٽ ورڪ جو انڪشاف ٿيو هو جنهن تحت ڀارتي ايجنسي بلوچستان ۾ بدامني پکيڙڻ لاءِ 78 لک ڊالرن جي وڏي رقم فراهم ڪئي هئي رپورٽ ۾ وڌيڪ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته طالبان سربراهه ملا هيبت الله جي هدايتن تي فتنه الهندستان جي دهشتگردن کي جديد ترين هٿيارن ۽ لاجسٽڪ سپورٽ مهيا ڪئي وئي جڏهن ته طالبان رجيم طرفان انهن کي هٿيارن جي فراهمي لاءِ لکيل باضابطه خط به ان گٺ جوڙ جو واضح ثبوت آهي ذريعن موجب ڀارتي "را" افغان طالبان رجيم جي تعاون سان پاڪستان خلاف افغان سرزمين کي دهشتگردن جي تربيت، مالي مدد، محفوظ پناهگاهن طور مسلسل استعمال ڪري رهي آهي ان کان اڳ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو ته فضائي ۽ ڊرون ڪارروايون جي ذريعي افغان طالبان حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ علائقن ۾ 10 جاين تي دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ معاون انفراسٽرڪچر کي مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويو جن ۾ ڊرونز جي لانچنگ ۽ ذخيرو ڪرڻ جون جايون به شامل هيون خميس ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير آپريشن غضب الحق جي تفصيلن کان آگاهه ڪندي هڪ وڊيو ڪلپ پڻ شيئر ڪئي جنهن ۾ افغان طالبان حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ علائقن پڪتيڪا، خوست ۽ قنڌار ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ معاون انفراسٽرڪچر کي تباهه ڪندي ڏيکاريو ويو آهي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اهي هدف پاڪستان جي اندر معصوم شهرين جي خلاف دهشتگرد حملن ۽ 23 سيپٽمبر تي افغان طالبان حڪومت پاران ڊرون جي ذريعي تازي ناڪام دراندازي جي ڪارروائي سان واڳيل هئا. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان دهشتگرد پراڪسيز پاران ٻاهرئين سرپرستي، پناهه ۽ مدد جي ذريعي موجود ڪنهن به خطري جي خلاف پنهنجي علائقائي سالميت جو دفاع ۽ پنهنجي شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ جاري رکندو

بقايا 25 روزاني عبرت

مبارڪباد ڏني آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر نجيب نقي جي لاءِ بطور صدر آزاد جمون ۽ ڪشمير چونڊجڻ تي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته ڊاڪٽر نجيب نقي جي چونڊ آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي اعتماد جو مظهر آهي وزيراعظم چيو ته اميد آهي ته ڊاڪٽر نجيب نقي پنهنجون ذميواريون بهتر انداز ۾ سرانجام ڏيندي آزاد جمون ۽ ڪشمير جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي جي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندو وزيراعظم محمد شهباز شريف آزاد جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ وفاقي حڪومت جي ڀرپور تعاون جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 26 روزاني عبرت

آزاد ڪشمير جو صدر چونڊجي ويو آهي خميس ڏينهن صدارتي چونڊن جو عمل آزاد ڪشمير قانونساز اسيمبلي هال ۾ منعقد ٿيو اسپيڪر چوڌري طارق فاروق جي هدايت تي اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري پرزائيڊنگ آفيسر طور ووٽنگ جي عمل جي نگراني ڪئي چونڊن ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو اميدوار ڊاڪٽر نجيب نقي 32 ووٽ حاصل ڪري آزاد ڪشمير جو نئون صدر چونڊجي ويو جڏهن ته پيپلزپارٽي جي اميدوار چوڌري لطيف اڪبر کي 13 ووٽ مليا

بقايا 27 روزاني عبرت

عادت اختيار ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته جمهوريت جي استحڪام ۾ اخبارن جو غيرجانبدارانو ۽ متوازن ڪردار قابل قدر آهي اميد آهي ته اخبارن جا ايڊيٽوريل بورڊز رياست ۽ معاشري جي وسيع تر مفاد ۾ سماجي ۽ اقتصادي، مذهبي ۽ سياسي مسئلن سان گڏوگڏ پرڏيهي پاليسي تي مناسب ڌيان ڏيندا. هن اها ڳالهه اخبار پڙهڻ جي قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 25 سيپٽمبر تي ملهايو پيو وڃي صدر آصف علي زرداري ان ڏينهن جي موقعي تي آزاد صحافت ۽ شهرين جي حقن جي تحفظ ۾ چوٿين ٿنڀ جي حيثيت سان ان جي ڪردار تي پنهنجي پختي يقين جو ورجاءُ ڪندي رياست ۽ معاشري بابت ۽ فيصلاسازن کي جوابده بڻائڻ جي حوالي سان ان جي ذميوارين جي ياد ڏياري هن چيو ته جڏهن ته اسان متنوع ميڊيا جي تيز رفتار ترقي جو مشاهدو ڪري رهيا آهيون اخبارون اڄ به عوامي راءِ جي جوڙجڪ ۽ باخبر شهري معاشري جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن چيو ته اڄ بدلجندڙ ميڊيا جي ماحول ۾ اخبارن جو مطالعو هاڻي رڳو مطبوعه صفحن تائين محدود ناهي رهيو پر اخبارون تيزي سان ڊيجيٽل پليٽ فارمز ۽ آن لائين پهچ جي ٻين شڪلين جي ذريعي پڻ پڙهندڙن تائين پهچي رهيون آهن صدر جي مصنوعي ذهانت جي تيز رفتار ترقي، جعلي خبرن جي هدف بڻائڻ ۽ ڊس انفارميشن جي بدل مهم به اسان جي سماجي قدرن ثقافتي موقف ۽ طرز عمل کي متاثر ڪري رهي آهي اهڙي ماحول ۾ ذميواراڻي ادارتي نگراني تحت اعتماد جوڳي ۽ متوازن صحافت اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وئي آهي صدر پاڪستان جي نوجوانن تي زور ڀريو ته اهي اخبارن جي مطالعي جي عادت اختيار ڪن ڀلي مطالعو مطبوعه شڪل ۾ هجي يا ڊيجيٽل پليٽ فارمز جي ذريعي ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ کي جديد ٽيڪنيڪي مهارتن سان پڻ ليس ڪن هن چيو ته جمهوريت جي استحڪام ۾ اخبارن جي غيرجانبدارانو ۽ متوازن ڪردار کي قدر جي نگاهه سان ڏسان ٿو آئون اها به اميد ڪريان ٿو ته ادارتي بورڊز رياست ۽ معاشري جي وسيع تر مفاد ۾ سماجي ۽ اقتصادي، مذهبي ۽ سياسي مسئلن سان گڏوگڏ پرڏيهي پاليسي تي پڻ مناسب ڌيان ڏيندا رهندا. صدر آصف علي زرداري اميد ظاهر ڪئي ته آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) ۽ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي بابت باخبر قومي مباحثي ۽ وسيع تر عوامي فهم ۽ آگاهي جي فروغ ۾ پنهنجو ڪردار جاري رکندا. صدر ان موقعي تي صحافت جي اعليٰ ترين معيار کي برقرار رکڻ ۽ آزاد صحافت جي لاءِ سازگار ماحول جي فروغ جي سلسلي ۾ پريس کي پنهنجي مسلسل حمايت جو ڀرپور يقين ڏياريو

بقايا 28 روزاني عبرت

سيڪيورٽي ذريعن موجب فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق واري اطلاع تي موثر ڪارروائي ڪئي جنهن دوران خوارجين جي ٺڪاڻن کي مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويو. ذريعن ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار، ڌماڪيدار مواد ۽ ٻيو جنگي سامان هٿ آيو آهي. آپريشن دوران خوارجي سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائي کان بچڻ لاءِ مسجد کي ڍال طور استعمال ڪرڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي. فورسز مسجد جي تقدس ۽ حرمت کي نظر ۾ رکندي انتهائي پيشيوراڻي مهارت ۽ حڪمت عملي سان دهشتگردن کي نشانو بڻايو ۽ مسجد کي ڪنهن به نقصان کان بچائي ورتو سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخواهه ۽ خاص ڪري قبائلي ضلعن ۽ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي مڪمل خاتمي ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي بحالي لاءِ پنهنجي پختي عزم تي سختي سان ڪاربند آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

بئنڪ) جي چيئرمين جان جوزانووچ سان ملاقات ڪئي جنهن دوران پاڪستان جي اهم اقتصادي ۽ صنعتي منصوبن لاءِ مالي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران پي آءِ اي جي هوائي جهازن جي فليٽ ۾ واڌ، ريفائنرين جي اپ گريڊيشن ۽ ريڪوڊڪ منصوبي لاءِ امڪاني مالي سهڪار تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ناڻي واري وزير پي آءِ اي طرفان بوئنگ جهازن خاص طور تي بوئنگ 787 ڊريم لائنر جهازن جي خريداري ۾ دلچسپي کان آگاهه ڪندي جهازن ۽ انهن جي انجڻن جي خريداري لاءِ مالي پيڪيج ۾ سهڪار جي درخواست ڪئي هن گرائونڊ ٿيل بوئنگ 777 جهازن کي ٻيهر فعال بڻائڻ لاءِ گهربل اسپيئر پارٽس جي ضرورت بابت پڻ آگاهه ڪيو ٻنهي ڌرين اتفاق ڪيو ته مخصوص منصوبن تي اڳڀرائي سان گڏ ڊگهي سهڪار جي فريم ورڪ تي پڻ ڪم جاري رکيو ويندو ان ڏس ۾ جهازن جي اڳواٽ ادائيگين لاءِ امڪاني فنانسنگ ۽ ريفائنرين جي اپ گريڊيشن منصوبن ۾ آمريڪي ايڪسم بئنڪ جي سهڪار جو پڻ جائزو ورتو ويو ريڪوڊڪ منصوبي بابت ڳالهائيندي محمد اورنگزيب ان کي پاڪستان جي مستقبل جي برآمدات ۽ معاشي ترقي لاءِ انتهائي اهم قرار ڏنو ۽ چيو ته منصوبي ۾ دير جا معيشت تي وڏا اثر پئجي سگهن ٿا. هن ريڪوڊڪ منصوبي لاءِ آمريڪي ايڪسم بئنڪ جي مسلسل دلچسپي ۽ سهڪار جي آجيان پڻ ڪئي

بقايا 30 روزاني عبرت

جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ عورتن جو معاشي، سماجي ڪردار نهايت اهم آهي. عورتن کي بااختيار بڻائڻ ئي ملڪ کي پائيدار ترقي جي راهه تي گامزن ڪري سگهجي ٿو پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته پنهنجي ملڪ جي عورتن کي فرنٽ لائين تي سيڪيورٽي جون ذميواريون نڀائيندي ڏسي کيس تمام گهڻي خوشي ۽ فخر ٿيو وفاقي وزير چيو ته اها اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ته اهڙو سازگار ۽ بااختيار ماحول جوڙيون جتي عورتون اڳتي وڌي سگهن ۽ پنهنجي صلاحيتن کي ڀرپور طريقي سان ڪتب آڻي سگهن ۽ ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن هن چيو ته هڪ مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان ان وقت ممڪن آهي جڏهن ملڪ جي عورتن کي به اڳتي وڌڻ جا هڪجهڙا موقعا حاصل هجن عورتون پاڪستان جي سائي جهنڊي جي ستاري وانگر ملڪ جي ترقي خوشحالي ۽ روشن مستقبل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون

بقايا 31 روزاني عبرت

بعد پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب لاش هڪ کان ٻه ڏينهن پراڻي آهي جنهن جي عمر لڳ ڀڳ 30 سال آهي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 32 روزاني عبرت

راڻا ثناءُ الله چيو ته شهر ۾ ڪنٽينر حفاظتي انتظامن طور رکيا ويا آهن ڪنٽينر روڊ جي ڪناري تي بيٺل آهن ۽ روڊ کليل آهن هن چيو ته پي ٽي آءِ قيادت سان بيڪ ڊور رابطا اڃا به موجود آهن. پر لانگ مارچ ملتوي ٿيڻ تائين انهن سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن راڻا ثناءُ الله جو چوڻ هو ته لانگ مارچ بابت رڳو بيان ڏنا پيا وڃن عملي طور تي مارچ نه ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته اسلام آباد ۾ ڪنهن کي به چڙهائي ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

بقايا 33 روزاني عبرت

ملڪيتون ضبط ڪرايو ورتيون آهن ايف آءِ اي ترجمان موجب گڏيل ڪارروائي دوران پيمر پوره ۽ نشتر روڊ ڪراچي ۾ واقع متروڪ وقف ملڪيت نمبر ايل آر-2/1/2 ضبط ڪيون ويون ڪارروائي دوران 160 دڪان ۽ 7 گودام سيل ڪري ملڪيت جو قبضو متروڪ وقف املاڪ بورڊ حوالي ڪيو ويو ترجمان موجب واڳزار ڪرايل ملڪيتن جي مجموعي مارڪيٽ ماليت لڳ ڀڳ 2 ارب رپيا آهي، جڏهن ته ڄاڻايل ملڪيتن جي ڪرائيدارن تي لڳ ڀڳ 10 ڪروڙ رپين جا واجبات پڻ رهيل هئا، جيڪي ادا نه ڪيا ويا هئا. ايف آءِ اي ترجمان موجب ڪارروائي ڪانپوءِ سمورين ملڪيتن کي ضابطي موجب سيل ڪري متروڪ وقف املاڪ بورڊ حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

ورتو ۽ واقعي واري هنڌان هٿيار ٽوڙي قتل ۾ استعمال ٿيل تيز ڌار وارو اوزار هٿ ڪري ورتا. تفصيل موجب خميس ڏينهن صبح جو شرافي گوٺ ٿاڻي جي علائقي لانڍي فيوچر ڪالوني جي ڪرسچن ڪمپائونڊ، گلي نمبر 1 ۾ تيز ڌار واري اوزار جي وار سان هڪ شخص قتل ٿي ويو سندس لاش قانوني ڪارروائي لاءِ ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي مقتول جي سڃاڻپ 50 سالن جي بنات خان پٽ ولي باز خان جي نالي سان ڪئي وئي واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائيم سين يونٽ کي طلب ڪيو شرافي گوٺ ٿاڻي جي ايس ايڇ او شاهد تاج ٻڌايو ته مقتول بنات خان کي سندس وڏي ڀاءُ وحيد داد قتل ڪيو جنهن ملڪيت جي تڪرار دوران مٿس تيز ڌار واري اوزار سان وار ڪيو پوليس جوابدار وحيد داد کي واقعي واري هنڌان گرفتار ڪري ورتو ٻنهي ڀائرن وچ ۾ ملڪيت جو پراڻو تڪرار هلندڙ هو ايس ايڇ او وڌيڪ ٻڌايو ته ڀائرن وچ ۾ جهڳڙي دوران فائرنگ پڻ ٿي هئي ۽ پوليس واقعي واري هنڌان گولين جا پنج خالي خول هٿ ڪيا هن وڌيڪ چيو ته پوليس گرفتار جوابدار کان فائرنگ ۾ استعمال ٿيل پسٽول ۽ تيز ڌار وارو اوزار هٿ ڪري ورتا آهن ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

اهميت رکي ٿو جڏهن ته سنڌ جا خوبصورت سامونڊي علائقا ملڪ جي قومي سڃاڻپ ۽ قدرتي اثاثن جو اهم حصو آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ جا سامونڊي ڪنارا، ساحلي پٽي ۽ سامونڊي وسيلا ترقي ۽ خوشحالي جا وسيع موقعا رکن ٿا. ورلڊ ميري ٽائيم ڊي اسان کي سامونڊي شعبي ۾ عالمي معيارن تي اثرائتي نموني عملدرآمد جو پيغام ڏئي ٿو هن سال عالمي سامونڊي ڏهاڙي جو پيغام آهي ته پاليسي کان عملي اپائن ۽ عملي اپائن کان ميري ٽائيم ايڪسيلينس تائين سفر جاري رکڻو پوندو سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ ڪراچي پورٽ ۽ پورٽ قاسم کان پوءِ هاڻي اسان ڪيٽي بندر کي ڊيپ سي پورٽ بڻائڻ جو عزم رکون ٿا ڪيٽي بندر جي ترقي سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ معاشي سرگرمين واپار، روزگار ۽ سيڙپڪاري جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي وڏي وزير چيو ته محفوظ ماحول دوست ۽ اثرائتو سامونڊي نظام پاڪستان جي پائيدار ترقي لاءِ ناگزير آهي سامونڊي وسيلن کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ جدت ذريعي ترقي جي نون موقعن ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته ميري ٽائيم شعبي ۾ مهارت، تربيت، جديد ٽيڪنالاجي ۽ صلاحيتن ۾ واڌ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته ساحلي علائقن جي تحفظ سان گڏوگڏ انهن جي معاشي ۽ سياحتي صلاحيت مان ڀرپور فائدو وٺڻ ضروري آهي سامونڊي آلودگي جو خاتمو ۽ سامونڊي جيوت جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

ڳوٺن ۾ بجلي جي ڊگهي بندش خلاف سوين رهواسين ڪي اليڪٽرڪ بن قاسم آفيس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج جي اڳواڻي يوسي چوڪنڊي جي چيئرمين عبدالرشيد ٻنهون ڪائونسلر صلاح الدين عارفاڻي مشتاق ڪوس اجمل ڪلمتي پيو مکوانا ۽ ٻين ڪئي جڏهن ته حسن ٻنهور ڳوٺ، رزاق آباد، شفيع ڳوٺ، يوسف عارفاڻي ڳوٺ، شاهه لطيف ٽائون، عارب ٻنهور ڳوٺ، اسماعيل جوکيو ڳوٺ، دائود شورو ڳوٺ، لاشاري ڳوٺ، موسيٰ ڳوٺ ۽ ٻين علائقن جا رهواسي وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا مظاهرين ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته علائقن ۾ 24 ڪلاڪن دوران رڳو هڪ ٻن ڪلاڪن لاءِ بجلي فراهم ڪئي وڃي ٿي جنهن سبب سخت گرمي ۾ عورتون، ٻار بزرگ ۽ بيمار ماڻهو سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن بجلي جي مسلسل بندش سبب پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، ڪاروبار، شاگردن جي پڙهائي ۽ روزمره جا ضروري ڪم پڻ متاثر ٿي رهيا آهن.ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ملير جي ڳوٺن ۾ بجلي جي فراهمي بابت رهواسين کي مسلسل ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جيڪڏهن ٽيڪنيڪل فالٽ يا بجلي چوري جو ڪو مسئلو آهي ته ان کي مخصوص علائقن تائين محدود رکي حل ڪيو وڃي، سمورن رهواسين کي اجتماعي سزا ڏيڻ بدران بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي.هن مطالبو ڪيو ته غيراعلانيل لوڊشيڊنگ جو خاتمو آڻي بجلي جي فراهمي جو واضح شيڊول جاري ڪيو وڃي

بقايا 37 روزاني عبرت

غيرقانوني ڪرنسي جي خريد ۽ وڪري ۽ حوالا جي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ڪندي وڌيڪ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي ترجمان موجب ڪارروائي ايف آءِ آر نمبر 17/2026 جي سلسلي ۾ گرفتار جوابدار محمد آصف شيخ جي نشاندهي تي ڪئي وئي

بقايا 38 روزاني عبرت

بخيت عتيق الرومعي سندس گرمجوشيءَ سان آجيان ڪئي ملاقات دوران پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ افرادي قوت روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ فني تربيت ۽ گڏيل سهڪار وڌائڻ سميت گڏيل دلچسپيءَ جي ٻين معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين چيو ته پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ لاڳاپا مثالي آهن جيڪي وقت سان گڏ وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن

بقايا 39 روزاني عبرت

ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته شهر ۾ عوامي گذرگاهن روڊن ۽ شهري سهولتن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ تجاوزات خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري رهندو جڏهن ته بلدياتي ادارا ترقياتي منصوبن جي تڪميل سان گڏ شهري نظم ۽ نسق کي بهتر بڻائڻ لاءِ به عملي قدم کڻي رهيا آهن هن چيو ته ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تحت ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ شهري مسئلن جي حل ۽ تجاوزات جي خاتمي جي لاڳاپيل کاتن کي متحرڪ ڪيو ويو آهي پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي ٻڌايو ته ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايت تي گزري جي مختلف هنڌن تي دڪاندارن پاران قائم ڪيل تجاوزات خلاف ڪارروائي ڪئي وئي ڪارروائي دوران بلديه عظميٰ ڪراچي جا سٽي وارڊن پڻ موجود هئا، جڏهن ته علائقي جا معزز ماڻهو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪارڪن پڻ موقعي تي موجود رهيا. هن چيو ته ڪارروائي جو مقصد ڪنهن کي بنا سبب پريشان ڪرڻ نه پر شهرين لاءِ مخصوص رستن کي کليل رکڻ ۽ قانون ضابطن موجب واپاري سرگرمين کي يقيني بڻائڻ آهي ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته تجاوزات سبب رڳو پيادل هلندڙن کي تڪليف نٿي ٿئي

بقايا 40 روزاني عبرت

سينيئر اڳواڻ قادر مندوخيل ايڊووڪيٽ چيو آهي ته ڪراچي ۽ سنڌ الڳ ناهن اهڙيون ڳالهيون ڪري شهر ۾ ٻيهر نفرت جي باهه ٻرڪائڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي جڏهن پنهنجي سياست جو جنازو نڪرڻ لڳي ٿو ته انهن کي سنڌ ڌرتي ۽ ڪراچي جي تفريق ياد اچي وڃي ٿي هن چيو ته سنڌ ڌرتي سڀني کي پنهنجي هنج ۾ جاءِ ڏني آهي هن ڌرتي تي سياست جو الزام لڳائيندڙ پاڻ مفادن جي سياست جا قيدي آهن ڪراچي کي انتظامي ورهاڱي جو لالي پاپ ڏيندڙ پهريان پنهنجن وکريل ڌڙن کي ته هڪ ڪري وٺن

نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج_II، شهيد بينظير آباد

ايف سي سوٽ نمبر 144 سال 2026

قائدِ عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس ۽ ٽيڪنالوجي معرفت رجسٽرار رضوان عزيزي صديقي.. پلينٽف .... بخلاف....

(1) **جگديش ڪمار ولد روگهو مل، ليڪچرار/اسڪالر، شعبو اليڪٽريڪل انجنيئرنگ، ڪوئسٽ، نوابشاهه**

پتو: معرفت (1) ڪيلاش ڪمار، ساگر ميڊيڪل اسٽور، مستوئي محلو شهدادڪوٽ (2) شيخ محلو نزد شاهي بازار، شهدادڪوٽ، ضلعو لاڙڪاڻو (3) حنا محلو، نزد همدرد هوٽل، شهدادڪوٽ

(2) **مسٽر سنيل ڪمار ولد روگو مل، رهندڙ پوسٽ آفيس هندو محلو، ڪوڪر اسٽريٽ، شهدادڪوٽ، ضلعو لاڙڪاڻو**

(3) **مختيارڪار روينيو تعلقو شهدادڪوٽ، ضلعو قمبر شهدادڪوٽ**

(4) **صوبو سنڌ معرفت سيڪريٽري ايجوڪيشن، بذريعه ڊپٽي ڪمشنر، ضلعو قمبر شهدادڪوٽ** ...... ڊفينڊنٽس

نالي متي ڄاڻايل ڊفينڊنٽس ڏانهن

جئين ته متي ڏنل پلينٽف توهان جي خلاف 15,281,830 رپين جي ڊڪلريشن ۽ وصولي جو ڪيس داخل ڪيو آهي، جيڪو توهان جي تحريري جواب/اعتراضن لاءِ تاريخ 09.10.2026 تي صبح 08:30 وڳي مقرر ڪيو ويو آهي. جيئن ته توهان کي عام طريقي سان نوٽس تعميل نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري توهان کي هن اخبار ذريعي اطلاع ڏني وڃي ٿي ته توهان بذاتِ خود، وڪيل جي معرفت يا ڪنهن بااختيار ايجنٽ ذريعي هن عدالت ۾ حاضر ٿي ٻڌڻي جي تاريخ تي پنهنجا تحريري جواب/اعتراض داخل ڪريو. غير حاضريءَ جي صورت ۾ مٿئين درخواست تي قانون موجب هڪطرفي (Ex-parte) ڪارروائي ڪندي فيصلو ڪيو ويندواڄ مورخه 22 سيپٽمبر 2026ع تي منهنجي دستخط ۽ عدالت جي مهر سان جاري ڪيو ويو.

بحڪم:

PID(H)85/2026-A

(علي بخش ميمڻ) سي او سي ۽ سينئر سول جج_II، شهيد بينظير آباد

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

انساني جانين کي قيمتي ڇو نٿو سمجهيو وڃي؟
صفحو 4

محمود شام
خانداني سهارا ڪيڏانهن ويا؟
صفحو 4

عثمان پٽي
پاڪستان، امن جو علمبردار
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 25 سيپٽمبر
صفحو 4

ميهڙ ميونسپل ڪاميٽي جي مبينہ نااهلي ۽ بنيادي سهولتون فراهم نہ ٿيڻ خلاف پيادل مارچ

بنيادي سهولتون فراهم نہ ٿيڻ خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي احتجاج جو سلسلو 12هين ڏينهن بہ جاري رکيو ويو

نياز علي برڙو جي اڳواڻي ۾ بيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر ۽ اتان آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن، جڏهن تہ شهر جون ڪالونيون، گهٽيون ۽ محلا گندگي سان ڀريل آهن،هنن چيو تہ شهر جا روڊ رستا تباهہ آهن،اڳواڻ

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
صاف ميهڙ صحت مند ميهڙ شهر کي خاروءِ بدبودار پاڻي ۽ شهر جي صفائي سترائي نہ ٿيڻ خلاف
احتجاجي مظاهرو
پاران شهري اتحاد

ميهڙ: بنيادي سهولتون فراهم نہ ٿيڻ خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي احتجاج

ميهڙ (ن ع)ميهڙ ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي مبينہ نااهلي ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم نہ ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي احتجاج جو سلسلو 12هين ڏينهن بہ جاري رهيو، شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙو جي اڳواڻي ۾ بيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر ۽ اتان آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،احتجاجي ريلي ۾ پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو هاءِ ڪورٽ بار جي ايڊووڪيٽ عابد ڪلهوڙو عوامي پورهيت تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو وڪيل رحيم بخش بگهيو ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي ڪائونسلر محمد اسماعيل بروهي، پير نبيل پنهور اشتياق تنيو عالمگير ٿهيم ڪائونسلر سيد عبدالفتاح شاهہ محمد عرس ڪوسو مير شڪيل عطاڻ مير عمران تيوڻو زبير احمد سومرو صدام حسين ٿهيم جاويد منگي جهانگير ابڙو دلبر علي ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي،ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ پيپلزپارٽي جي 17 سالن جي اقتداري دور باوجود ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم نہ ٿي سگهيو آهي جنهن سبب شهري گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن جڏهن تہ شهر جون ڪالونيون گهٽيون ۽ محلا گندگي سان ڀريل آهن،هنن چيو تہ شهر جا روڊ رستا تباهہ آهن ۽ امن امان جي صورتحال پڻ خراب هجڻ سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن، اڳواڻن الزام لڳايو تہ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران لاڳاپيل ادارا ۽ انتظاميا طرفان مسئلن جي حل لاءِ سنجيدگي جو مظاهرو نہ ڪيو پيو وڃي،احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ ميهڙ ۾ صاف پيئڻ جو پاڻي صفائي سترائي روڊن جي مرمت، واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽن جي بحالي سميت شهر جا بنيادي مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن شهري اتحاد جي اڳواڻن اعلان ڪيو تہ جيستائين ميهڙ جي شهرين جا بنيادي مسئلا حل نہ ڪيا ويندا، تيستائين احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

حاڪم علي زرداري فري آئي ٽي سينٽر ۽ ذيبسٽ ۾ معاهدي تي صحيحون

نياڻيون تعليمي ميدان جيان هنر واري پاسي بہ اڳتي نڪرنديون:عذير اختر شاهہ

ذيبسٽ سان ٻن ڪورسن بابت معاهدو طئي ٿيو آهي،ڪورس ٽي مهينا هلندا

سڪرنڊ (س ر)ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ پاران سڪرنڊ ۾ شروع ڪيل حاڪم علي زرداري فري آئي ٽي سينٽر ۾ چيئرمين سيد عذير اختر شاهہ جاکوٽ جي مسلسل ڪوشش سان سڪرنڊ ۾ قائم هن سينٽر جو پاڪستان جي وڏي تعليمي اداري ذيبسٽ سان هڪ معاهدي تحت ايم او يو تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ سيد عذير اختر شاهہ ميڊيا کي ٻڌايو تہ اسان کي يقين آهي تہ نياڻيون جيئن تعليمي ميدان ۾ اڳتي آهن ايئن هنر واري پاسي بہ اڳتي نڪرنديون هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ذيبسٽ سان ٻن ڪورسن بابت معاهدو طئي ٿيو آهي جيڪي ڪورس ٽي مهينا هلندا ڪورس جي ڪلاسن دوران نياڻين کي رفريشمينٽ پڻ مفت فراهم ڪئي ويندي جڏهن تہ کين ماهوار وظيفو وٺڻ ڏنو ويندو هن اهو پڻ ٻڌايو تہ ڪورس مڪمل ڪرڻ تي کين ذيبسٽ پاران سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويندا جيڪي سندن تعليمي سرگرمين ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا سيد عذير اختر وڌيڪ چيو تہ بلاول ڀٽو زرداري ، آصفہ ڀٽو زرداري ۽ ميڊم فريال ٽالپر جو هڪ مقصد آهي عورت تعليم جي ميدان ۾ اڳيان هجڻ گهرجي ان ئي مقصد تي عمل ڪري ڪوششون وٺي ذيبسٽ سان ايم او يو تي صحيحون ڪيون آهن اميد آهي تہ هن ڪورس سان بهتر نتيجا نڪرندا

دادو ۾ پوليس اهلڪار پاران شهرين تي فائرنگ ۽ بدتميزي جو معاملو

ايس ايس پي جو سخت نوٽيس، پوليس اهلڪار رفيق خشڪ تي ڪيس داخل

شهري غلام رسول ميرائي جي فرياد تي پوليس اهلڪار تي ڪيس داخل،لاڪپ

دادو(ذ ر)پوليس اهلڪار رفيق خشڪ پاران شهرين تي فائرنگ ۽ بدتميزي جو معاملو، ايس ايس پي دادو جو سخت نوٽيس ، پوليس اهلڪار تي ڪيس داخل ، اهلڪار گرفتار دادو ۾ پوليس اهلڪار رفيق احمد خشڪ پاران شهرين سليم جمالي ، غلام رسول ميرائي ۽ منصور ٻبر سان مبينا بدتميزي ۽ فائرنگ واري معاملي تي ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي سخت نوٽيس وٺندي قانوني ڪارروائي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا، شهري غلام رسول ميرائي جي فرياد تي پوليس اهلڪار رفيق احمد خشڪ خلاف دادو اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس نمبر 319/2026 قلم 324، 427 ۽ 504 قلم هيٺ ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

ٽائون ميونسپل گڏاپ جي چيئرمين سان معززن ۽ آفيسرن جي ملاقات

علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن ۽ مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

ترقياتي عمل کي اڳتي وڌائڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي،طارق عزيز بلوچ

ڪراچي(بيورو رپورٽ)ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ سان علائقائي معززن ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز سان ڪاٽي جي آفيسرن ملاقات ڪئي، جنهن دوران گڏاپ ٽائون جي مختلف علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن انفراسٽرڪچر، روڊن جي تعمير ۽ مرمت، صفائي سٿرائي سميت ٻين بنيادي شهري مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو، ملاقات ۾ ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر (بي اينڊ آر) مهران ملڪ سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي آفيسرن پاران جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي، فيلڊ ۾ جاري ڪم ۽ مختلف علائقن کي درپيش مسئلن بابت بريفنگ ڏني وئي، ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو تہ گڏاپ ٽائون جي سمورن علائقن ۾ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ترقياتي عمل کي ادرائتي نموني اڳتي وڌائڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، عوامي نمائندن ۽ علائقائي معززن جي نشاندهي سان گڏ ڪائونسل ميمبرن جي مشاورت سان عوامي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا پيا وڃن،هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ جاري ترقياتي منصوبن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي ۽ ڪم جي معيار تي خاص ڌيان ڏنو وڃي، ترقياتي منصوبن ۾ شفافيت، معيار ۽ مقرر وقت جي پابندي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي، ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو تہ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جا سمورا لاڳاپيل کاتا عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي منصوبن جي بروقت تڪميل لاءِ پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪري رهيا آهن، ترقياتي ڪمن جي نگراني لاءِ فيلڊ ۾ آفيسرن جي موجودگي ۽ باقاعده مانيٽرنگ کي يقيني بڻايو پيو وڃي تہ جيئن منصوبا مقرر ڪيل معيار موجب مڪمل ٿين ۽ انهن جا ثمرات عوام تائين پهچي سگهن. ملاقات دوران ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، ڊائريڪٽر ايڊورٽائزنگ هدايت شيخ، ڊائريڪٽر پينشن جلال حنيف بلوچ، اسسٽنٽ شاهہ محمد شاهہ پي ايس ميونسپل ڪمشنر علي مهر ۽ پي ايس چيئرمين لعل جان نبي پڻ موجود هئا

ڪراچي: علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن ۽ مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

صحت جي ڍانچي ۽ ادارن کي اين جي اوز حوالي ڪيو ويو آهي:ڊاڪٽر زمان بلوچ

صحت ادارن ۾ بجيٽ، خرچن ۽ آفيسرن جي انگ ۾ بي پناهہ اضافو ڪيو ويو آهي

بنيادي صحت مرڪزن جون سهولتون ۽ عوام لاءِ خدمتون ختم ٿينديون پيون وڃن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (پي ايم اي) سنڌ جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد زمان بلوچ سنڌ حڪومت پاران صحت کاتي بابت تازن فيصلن تي سخت ڳڻتي ۽ تحفظات جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي هڪ جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو آهي تہ صحت جي بنيادي ڍانچي ۽ ادارن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پي پي ايڇ آءِ (پي پي ايڇ آئي) ۽ غير ضروري اين جي اوز حوالي ڪيو ويو آهي انهن ادارن ۾ بجيٽ، خرچن ۽ آفيسرن جي انگ ۾ بي پناهہ اضافو ڪيو ويو آهي ۽ عملي طور تي بنيادي صحت مرڪزن جون سهولتون ۽ عوام لاءِ صحت جون خدمتون ختم ٿينديون پيون وڃن ارٻين رپين جي فنڊن باوجود ڪو بہ مثبت نتيجو سامهون نہ اچي رهيو آهي هن ٽيڪنيڪل ۽ انتظامي عهدن ۾ ڪيل تبديلين تي سخت تنقيد ڪندي چيو تہ ماضي ۾ ڊپٽي ايڊيشنل سيڪريٽري ٽيڪنيڪل جي عهدي تي قاعدن ۽ ضابطن تحت ڊاڪٽر مقرر ٿيندو هو جيڪو ڊاڪٽرن جي اعليٰ تعليم اسڪالرشپس ۽ داخلا سميت اهم ٽيڪنيڪل معاملن کي ڏسندو هو ۾ هاڻي اهو عهدو ختم ڪري ان کي اسپيشل سيڪريٽري جو نالو ڏئي نان ڊاڪٽرن حوالي ڪيو ويو آهي ساڳئي طرح ڊائريڪٽر جنرل (ڊي جي) هيلٿ جي اهم ٽيڪنيڪل عهدي تان 20هين گريڊ جي سينيئر ڊاڪٽر کي هٽائي 19هين گريڊ جي نان ڊاڪٽر CSS/CSPآفيسرن کي مقرر ڪيو ويو آهي، جن کي طبي شعبي بابت مناسب ڄاڻ ناهي ڊاڪٽر زمان بلوچ وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت جي غلط پاليسين ۽ رويي سبب صحت جو شعبو تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي ڊاڪٽرن کي بنيادي سهولتون فنڊنگ ۽ اسپتالن ۾ بهتر موقعا فراهم نٿا ڪيا وڃن ۽ کين مزدورن وانگر اڪيلو ڇڏي ڏنو ويو آهي ان صورتحال سبب ڊاڪٽرن ۾ بيچيني ۽ مايوسي وڌي رهي آهي ۽ ڪجهہ ڊاڪٽر خودڪشي جهڙا دردناڪ قدم کڻڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن هن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ ۽ ٻين ٽيڪنيڪل عهدن تي نان ڊاڪٽرن يا سي ايس پي آفيسرن جي مقرري فوري طور واپس ورتي وڃي ۽ ميرٽ جي بنياد تي سينيئر ڊاڪٽرن کي مقرر ڪيو وڃي

حيدرآباد ۾ نوجوان جا مڪ قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور ناٿن شاهہ جي ڳوٺ ماڇو جاگير واسين احتجاجي مظاهرو ڪيو

گهر تي حملي ۾ منهنجو پٽ سجاد چانڊيو فائرنگ ۾ قتل ٿي ويو،نظيران چانڊيو

جوابدار گرفتار ڪرڻ بدران مخالفن جي ڪيس ۾ پوليس اسان خلاف رڻ ٻاري ڇڏيو آهي

حيدرآباد: خيرپور ناٿن شاهہ جي ڳوٺ ماڇو جاگير واسين احتجاجي مظاهرو ڪيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)خيرپور ناٿن شاهہ جي ڳوٺ ماڇو جاگير جي رهواسڻ نظيران زال بخشل چانڊيو ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي ڌيئرن سان گڏ پٽن تي قتل ڪيس داخل ٿيڻ ۽ پٽ جا مڪ قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو،ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو تہ 31آگسٽ 2026 جي رات ڌاري جوابدارن علي حسن، خادم، شهباز،واحد ۽ غلام مصطفيٰ چانڊيو گهر تي کهاڙين،لٺين ۽ هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ منهنجو هڪ پٽ سجاد چانڊيو فائرنگ ۾ قتل ٿي ويو جڏهن تہ مخالفن جي پنهنجي ڪارروائي ۾ رسائڻ آندل هڪ ونگاري امتياز بي ڏينهن سندن وٽ فوت ٿي ويو هن چيو تہ اسان سجاد جو قتل ڪيس ڄاڻايل جوابدارن خلاف داخل ڪرايو جنهن تي پوليس موقع تان 2 ڄڻن واحد ۽ غلام مصطفيٰ کي گرفتار ڪيو جڏهن تہ وڌيڪ گهربل جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي هن چيو تہ پوليس منهنجي پٽ سجاد جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار ڪرڻ بدران مخالفن جي داخل ڪوڙي ڪيس ۾ اسان خلاف رڻ ٻاري ڇڏيو آهي جنهن سبب اسان بي گهر ٿي ويا آهيون هن چيو تہ جوابدار ڌر اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي جنهن سبب سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون هن ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي دادو کي اپيل ڪئي تہ منهنجي پٽن خلاف داخل قتل جو ڪوڙو ڪيس ختم ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

دادو ۾ صحافين پاران ڪاريون پٽيون ٻڌي پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو

صحافي مظفر ڳوڙ جي گهر ۾ گهڙي حراسان ڪري تشدد ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پوليس صحافي جي گهر تي چڙهائي ڪري ٿي، ايس ايس پي بيخبري آهي،اڳواڻ

دادو(ذ ر)دادو ۾ پوليس ڊريس ۾ ۽ خانگي ڪپڙن ۾ جديد هٿيارن سان پوليس رات دير سان صحافي مظفر ڳوڙ جي گهر ۾ گهڙي پچ ڊاهہ ڪرڻ صحافي مظفر ڳوڙ سندس نوجوان نياڻين ۽ معصوم ٻارڙن کي حراسان ڪري تشدد ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي خلاف دادو پريس ڪلب آڏو وڏي تعداد ۾ صحافين ڪاريون پٽيون ٻڌي پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو جيڪي پوليس گردي بند ڪيو ملوث پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪيو جا مطالبا ڪري رهيا هئا دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ ، جي ڊبليو سي جي ولي چانڊيو ، ايڇ يو جي جي ولي محمد لنڊ ، سرور جلال سولنگي ، رضوان منگي ، سخي سردار چارڻ ، راجا ڪوريجو ، آصف پنهور، ممتاز ٻنڊ ، محرم شينو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ راڻڻ جي صحافي جي گهر تي چڙهائي جو وفاقي سرڪار،سنڌ سرڪار ۽ آءِ جي پوليس ۽ هاءِ ڪورٽ نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي هنن ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي کي ذميوار قرار ڏيندي چيو تہ سينيئر صحافي جي گهر تي اڌ رات چڙهائي پوليس ڪري ٿي پر بي خبري جو مظاهرو ڪري ٿو دادو ۾ قانون انصاف نالي ڪا شيءِ نظر نہ ٿي اچي ، هنن چيو تہ پوليس وردي ڀيريل ۽ خانگي ڪپڙن ۾ ڌاڙيلن وانگر گهر ۾ گهڙندڙ ساٿيهن بابت اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي ذميورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي نہ تہ سجي ضلعي ۾ شروع ٿيندڙ احتجاجي تحريڪ سجي سنڌ ۾ پکڙجي ويندي

ٽنڊوڄام ويجهو ڳوٺ قاسم ڪوسو واسين پاران يوسي چيئرمين خلاف احتجاج

ٽنڊوڄام(ت ر)ٽنڊوڄام ويجهو ڳوٺ محمد قاسم ڪوسو جي رهواسين يوسي 66 جي چيئرمين نعيم ميمڻ خلاف احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي تہ نعيم ميمڻ 5 ايڪڙ 20 گهنٽا زرعي زمين جي وڪري عيوض ڪانٽن 20 لک رپيا سوٽي رقم طور ورتا ويا، ۽ رقم وٺڻ باوجود زمين جو قبضو نہ ڏنو ويو ۽ نہ ئي رقم واپس ڪئي وئي احتجاج ڪندڙن محمد خان ڪوسو ۽ ٻين چيو تہ زمين جي ڏيتي ليتي جا دستاويز ۽ شاهد موجود آهن جڏهن تہ رقم يا زمين جو قبضو طلب ڪرڻ تي کين مبينا ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هنن لاڳاپيل اختيارين کان معاملي جي شفاف جاچ ڪري ساڻن انصاف ڪرڻ جي اپيل ڪئي ٻئي طرف يوسي چيئرمين نعيم الرحمان ميمڻ الزامن جي ترديد ڪندي چيو تہ سعود ڪوسو جا 20 لک رپيا آهن زمين وڪرو ٿيڻ بعد اها رقم ادا ڪري ڇڏيندس

ڪاڇي ۾ سڱاوتي تڪرار ۽ اٽ ڪاهڻ تان جهيڙو،فائرنگ ،2ڄڻا زخمي

فريدآباد(ن ع)فريدآباد ،ڪاڇي ۾ سڱاوتي تڪرار ۽ اٽ ڪاهڻ تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ستار چانڊيو ۽ حُر چانڊيو وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو،جهيڙي دوران فائرنگ ڪئي وئي، گوليون لڳڻ ڪري ڌرين 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ علي مرداڻ چانڊيو ۽ صدام حسين چانڊيو شامل آهن زخمين کي وارثن پاران ڳڻتي جوڳي حالت ۾ فريدآباد ٿاڻي تي آندو جتان ميڊيڪل ليٽر ملڻ بعد ميهڙ تعلقا اسپتال ڪاهي ويا آهن جڏهن تہ اطلاع ملڻ تي فريدآباد پوليس ۽ ساڙو پوليس جاءِ واردات تي روانا ٿي ويئي آهي

واڳهٽي ۾ ڪليل ڪچهري،شهرين شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

صدارت ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ فضل محمد شيخ ڪئي

شهرين جون شڪايتون ٻڌي انهن جي ازالي لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون

گهوٽڪي(ن ع) يونين ڪائونسل واڳهٽي ضلعي گهوٽڪي ۾ چيئرمين ۽ سيڪريٽري يونين ڪائونسل الله جوايو ملڪ پاران کليل ڪچهري ڪوٺائي وئي،جنهن جي صدارت ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ ڪئي ڪليل ڪچهري ۾ يونين ڪائونسل واڳهٽي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي، جتي شهرين شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا ۽ پنهنجن مختلف مسئلن ۽ شڪايتن بابت ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ کي آگاهہ ڪيو ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ شهرين جون شڪايتون تفصيل سان ٻڌيون ۽ انهن جي ازالي لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي ڳالهائيندي فضل محمد شيخ چيو تہ ڪليل ڪچهرين جو مقصد عوام کي سندن دروازي تي داد رسي جي سهولت فراهم ڪرڻ آهي شهرين کي گهرجي تہ بنا ڪنهن خوف ۽ هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪن جن جي حل لاءِ قانون موجب هر ممڪن قدم کنيو ويندو

آفيس آف دي مختيارڪار تعلقو جاتي ضلعو سجاول

روانگي نمبر 233

تاريخ: 04-06-2026

نوٽيس عام اطلاع

جيئن تہ سنڌ صوبي جي حقن جي ريڪارڊ جي آخري ڀيرو تصديق ۽ تصحيح سال 86-1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي۽ ان کانپوءِ ڪا بہ سرگرمي نہ ڪئي وئي آهي. درستي کي يقيني بنائڻ، سالميت کي برقرار رکڻ، حقن جو ريڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي ريڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصدن سان بورڊ آف روينيو سنڌ پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ذريعي هيٺين نوٽيفڪيشن تحت صوبي ۾ زمين جي ريڪارڊ جي خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

Notification No. Misc/K.W/BOR/2024/Rev-I(ii) dated 12-02-2026 issued by full board, board of revenue sindh

1. اهڙي طرح بورڊ آف روينيو سنڌ حقن جي ريڪارڊ کي مضبوط ۽ معياري بنائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي آسان بنائڻ لاءِ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي وئي آهي.
2. تنهنڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن کي استعمال ڪندي بورڊ آف روينيو سنڌ طرفان حڪم ڏنو ويو آهي تہ تعلقو سجاول جي ديهن احمد راڄو-3، احمد راڄو-4 ۽ ديهہ ڪيرسري ٽپو رنتا ضلعو سجاول جي حوالي سان حقن جي ريڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني، تصحيح ۽ تصديق ڪئي وڃي.
3. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٿيل ريڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 جي ذيلي سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) تحت مقرر ڪيل طريقي ڪار موجب لاڳاپيل مختيارڪار ۽ ٻهرين گريڊ جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو
4. مٿئين حوالي مطابق ديهہ ڏوهو، ديهہ گهنوار، ديهہ صاحباڻي جاگير، ديهہ پٽ مڪڙا، ديهہ گونگاڏو، ديهہ وڏيرون، ديهہ بونبالو ديهہ رتني، ديهہ ڳنڊو، ديهہ لس، ديهہ مهري، ديهہ سري، ديهہ لاڪا، ديهہ ڳنڙو، ديهہ گڏاپ واهہ، ديهہ آپن تعلقو جاتي ضلعو سجاول جي ڪاتيدارن جا نالا، سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي بابت ڪنهن کي بہ اعتراض هجي تہ جناب اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو سجاول جي آفيس يا مختيارڪار جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل ريڪارڊ واسطيدار ڪاتيدارن جي نالن سان ٻيهر لکيو (Re-write) ڪيو ويندو.

ريڪارڊ آف رائٽس VF-VII-A

ديهہ سياڻي جاگير ٽپو شاهڪپور تعلقو جاتي ضلعو سجاول

انٽري نمبر	پراڻي انٽري نمبر	تاريخ ٽيل	حوالو انٽريز	تاريخ	ڪاتيدار جو نالو	سجاڳ ڪارڊ نمبر	سروي نمبرز	سروي نمبرز جي ايراضي	حصو	حصي مطابق ايراضي	ريمارڪس
01	01	05-01-2024	01 11 12 15 16	1985-86 10-05-1987 15-06-1994 24-08-2003 30-10-2003	1. ملڪ غلام محمد ولد ملڪ غلام حسين ملڪاڻي	41402-9043387-3	1 ڪان 40، 42 ڪان 44، 71 ڪان 107، 112 ڪان 118، 120 ڪان 136، 138 ڪان 154، 158 ڪان 170، 172 ڪان 186، 191 ڪان 196، 204 ڪان 227 ڪل سروي نمبرز 179 (هڪ سئو اٺاسي)	774/24 2/3	00-08	62-00	HBL ديوان سٽي جي حق ۾ گروي ڏسو انٽري نمبر: 02 تاريخ 20-03-2026
	10	10-05-1987			2. محمد زمان ولد ملڪ غلام حسين ملڪاڻي	فوتي			00-06	46-15 2/3	
	09	10-05-1987			3. حاجي امير بخش ولد ملڪ غلام حسين ملڪاڻي	00000-0000000-0			00-06	46-15	
	01	1985-85			4. رئيس محمد خان ولد باقدر خان ملڪاڻي	فوتي			00-34	263-20	
	01	1985-85			5. رئيس مامو خان عرف جهان خان ولد باقدر خان ملڪاڻي	فوتي			00-33	255-08	
	01	1985-85			6. محترمہ نعمت ولد غلام حسين ملڪاڻي	00000-0000000-0			00-02	15-20	
	01	1985-85			7. محمد عمر ولد غلام حسين ملڪاڻي	فوتي			00-08	62-11	
	01	1985-85			8. نورجهان ولد غلام حسين ملڪاڻي	00000-0000000-0			00-03	23-15	
02	01	05-01-2024	01 11 12 15 16	1985-86 10-05-1987 15-06-1994 24-08-2003 30-10-2003	1. ملڪ غلام محمد ولد ملڪ غلام حسين ملڪاڻي	41402-9043387-3	41، 45 ڪان 70، 108 ڪان 111، 119، 137، 155 ڪان 157، 171، 187 ڪان 190، 197 ڪان 203 ڪل سروي نمبرز 48 (صرف اٺيتاليهہ)	234-28 1/3	00-08	18-30	HBL ديوان سٽي جي حق ۾ گروي ڏسو انٽري نمبر: 02 تاريخ 20-03-2026
	10	10-05-1987			2. محمد زمان ولد ملڪ غلام حسين ملڪاڻي	فوتي			00-06	13-33	
	09	10-05-1987			3. حاجي امير بخش ولد ملڪ غلام حسين ملڪاڻي	فوتي			00-06	13-13	
	01	1985-85			4. رئيس محمد خان ولد باقدر خان ملڪاڻي	00000-0000000-0			00-34	80-00	
	07	20-11-1977			5. سنڌ لينڊ ڪميشن	00000-0000000-0			00-33	78-09 1/3	
	01	1985-85			6. محترمہ نعمت ولد غلام حسين ملڪاڻي	فوتي			00-02	04-39	
	01	1985-85			7. محمد عمر ولد غلام حسين ملڪاڻي	00000-0000000-0			00-08	18-19	
	01	1985-85			8. نورجهان ولد غلام حسين ملڪاڻي	فوتي			00-03	07-05	

INF-KRY:NO. 4221/26

مختيارڪار(روينيو)
جاتي

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاڀولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 25 سيپٽمبر 2026ع

انساني جانين کي قيمتي ڇو نٿو سمجهيو وڃي؟

سنڌ جي ڳوٺن شهرن ۽ واهڻن مان ايندڙ قتل جون خبرون سماج اندر پکڙجندڙ ان زهر جي علامت بڻجي ويون آهن جيڪو آهستي آهستي انساني جان جي قدر کي گهٽائي رهيو آهي. ڪٿي ڪجهه جريب زمين جي مالڪيءَ جو تڪرار سالن کان رت وهائيندو رهي ٿو، ڪٿي چوريءَ جي پئسن جي معاملي تي مبينا جرڳو گولين جي آواز ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ ڪٿي هڪ نوجوان جي قتل جو صدمو ايترو گهرو هوندو آهي جو ان جي گهر جو ٻيو بزرگ به صدمي ۾ زندگي وڃائي ويهي ٿو انهن واقعن جو وچور ڪجهه هن ريت آهي ته ٽنڊو ڏيرو ڀرسان چوڏهن سالن کان هلندڙ زرعي زمين جو تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر چار قيمتي جانيون ڳڙڪائي ويو لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ ٻڌڻيءَ کان پوءِ ٽنڊو ڏيرو ويندڙ ڪار تي ڏينهن ڏٺي جو فائرنگ ڪري ٻن سڳن ڀائرن الهورايو ۽ منصور علي ڪوڪر، سندن چاچي علي شير ڪوڪر ۽ ڪار ڊرائيور غلام محي الدين مگنيجو کي قتل ڪيو ويو جڏهن ته يار محمد ڪوڪر زخمي ٿي پيو هڪ اهڙو تڪرار جنهن ۾ اڳ ئي ست انسان جون حياتيون ضايع ٿي چڪيون هيون. ان جو ٻيهر رت سان لکجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جيڪڏهن پراڻن تڪرارن کي وقت سر قانوني طريقي سان ختم نه ڪيو وڃي ته اهي نسلن تائين خاندانن کي اجاڙيندا رهن ٿا. هن واقعي کان پوءِ مقتولن جي ڀيرسن ماءُ ارباب خاتون جون دانهون دل کي چيري ڇڏين ٿيون هڪ ماءُ جنهن اڳ ئي پنهنجي خاندان جا ڪيترائي ماڻهو وڃايا، هاڻي ٻن پٽن کي به پنهنجي اکين اڳيان وڃائي ويٺي سندس فرياد رڳو پنهنجي اولاد لاءِ انصاف جي اپيل ناهي، اها انهن سمورن ادارن کان سوال آهي جن کي ڪنهن به وڏي حادثي کان اڳ خطري کي محسوس ڪرڻ ۽ ماڻهن جي جان بچائڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي ٻئي طرف رستم ۾ مبينا طور چوريءَ جي پئسن بابت جرڳو ڪرڻ دوران ٻن ڌرين وچ ۾ فائرنگ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ هزارو سعلخاڻي ۽ غلام مرتضيٰ مهر مارجي ويا. جڏهن ته واجد علي زخمي ٿي پيو پوليس موجب معاملو چوري ٿيل موٽرسائيڪل جي پئسن تان پيدا ٿيو حيرت جي ڳالهه اها آهي ته مبينا جرڳي لاءِ ماڻهو وٽن جي چلنن ۾ ڪٿون وڃائي ويا هئا. پر مسئلو ڳالهين ۽ فيصلي بدران گولين سان حل ٿيو واقعي کان پوءِ جوابدارن طرفان وڊيو رڪارڊ ڪري وائرل ڪرڻ جو ذڪر به سامهون آيو آهي. جيڪو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته تشدد هاڻي رڳو جرم تائين محدود ناهي رهيو پر ان جي نمائش به ڪئي پئي وڃي سوال اهو آهي ته جڏهن ڪنهن معاملي جو فيصلو عدالتن ۽ قانوني ادارن جي دائري ۾ ٿيڻ گهرجي، تڏهن ماڻهو پاڻ هٿيار کڻي فيصلا ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ٿا ڪن؟ جرڳو جيڪڏهن امن صلح ۽ تڪرار ختم ڪرڻ جو ذريعو هجي ته ان کان بهتر ٻي ڳالهه ڪهڙي؟ پر جڏهن جرڳي جي نالي تي هٿيار گڏ ٿين مخالف ڌريون آمهون سامهون ويهن ۽ معاملو خونريزيءَ تائين پهچي وڃي ته پوءِ اهو جرڳو نه پر هڪ نئين سانحي جي شروعات بڻجي وڃي ٿو رستم واري واقعي ۾ پوليس جي ادائي ڪلاڪن کان پوءِ پهچڻ جو ذڪر به سوال اٿاري ٿو جيڪڏهن ٻن ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ جاري هجي ۽ فائرنگ ۾ ماڻهو مارجي وڃن ته پوليس جي بروقت موجودگي وڌيڪ نقصان کي روڪڻ ۾ اهم ٿي سگهي ٿي اهڙن واقعن ۾ رڳو لاش اسپتال پهچائڻ ۽ جاچ شروع ڪرڻ ڪافي ناهي، اصل ضرورت اها آهي ته خطري کي اڳواٽ محسوس ڪري، ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ هوڏانهن نوابشاهه ۾ قائد عوام يونيورسٽي جي شاگرد عاقب عالماڻيءَ جي قتل کان پوءِ پيش آيل واقعو ته اسان جي سماج جي زخمن جي هڪ ٻي دردناڪ تصوير آهي نوجوان عاقب جي قتل جو صدمو سندس چاچو برداشت نه ڪري سگهيو ۽ ٽن ڏينهن جي نيم بيهوشيءَ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو مقتول جي ماءُ ۽ والد کي بيهوشيءَ جا دورا پوڻ جي خبر ٻڌائي ٿي ته هڪ گولي ڪڏهن ڪڏهن هڪ انسان کي نه پر پوري خاندان کي زخمي ڪري ڇڏيندي آهي

هنن خبرن جي ذڪر جو مقصد رنجايل دلين وڌيڪ ڏکارين ڪرڻ ناهي پر اسين هڪ اهڙي سماج جي ضرورت محسوس ڪريون ٿا، جتي زمين لاءِ انسان نه مرن، پئسن لاءِ رت نه وهي، جرڳا گولين ۾ تبديل نه ٿين ۽ ڪنهن نوجوان جي قتل کان پوءِ سندس پيءُ، ماءُ يا چاچو صدمي ۾ زندگي نه وڃائي قانون جو مقصد صرف ڏوهه کان پوءِ سزا ڏيڻ ناهي؛ قانون جي اصل ڪاميابي ان وقت آهي، جڏهن هو ڪنهن بيگناهه جي جان وڃڻ کان اڳ ان جي حفاظت ڪري اڄ ٽنڊو ڏيرو، رستم ۽ نوابشاهه جون خبرون اسان جي ضمير کي جنجهوڙي رهيون آهن انهن خبرن کي ڪجهه ڏينهن جي افسوس کان پوءِ وساري ڇڏڻ بدران، انهن مان سبق وٺڻو پوندو ڇو ته رت سان لکيل هر خبر اسان کان هڪ ئي سوال ڪري ٿي: آخر انسان جي جان کان وڌيڪ قيمتي اسان وٽ ڇا آهي؟

وياج سبب تباهه ٿيندڙ زندگيون!

مسعود احمد خاصخيلي

الله تعاليٰ انسان کي پنهنجي عبادت ۽ بندگيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي. انسان جي تخليق کان وٺي مرڻ تائين جي سفر ۾ ڪيس زندگيءَ جو ڳاڏو هلائڻ لاءِ مختلف وسيلن، ذريعن ۽ شين جي ضرورت پوي ٿي. انهن وسيلن کي صحيح نموني استعمال ڪندي انسان پنهنجي زندگيءَ جو مقصد برقرار رکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. الله تعاليٰ انسان کي هڪ بهترين زندگي گذارڻ لاءِ پنهنجي پياري رسول حضرت محمد ﷺ کي رهبر ۽ رحمت بڻائي موڪليو جيئن دنيا ۾ ماڻهو سندن اخلاق، انصاف، رحم، برابري ۽ سيرت جي ٻين روشن پهلوئن کي سامهون رکندي پنهنجي زندگي حسنِ اخلاق ۽ مساوات واري رستي تي گذاري سگهن.

ٻئي طرف جڏهن انسان انهن عطا ڪيل نعمتن جو غلط استعمال شروع ڪري ٿو، پنهنجي زندگيءَ جي معاملن مان عدل، احسان ۽ انصاف کي ڪڍي ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي حياتيءَ جي حقيقي مقصد ۽ حقيقي خالق کي وساري ويهي ٿو، تڏهن هو ڪيترن ئي ڏکن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيندي نظر اچي ٿو. اهڙي روش جو نقصان صرف هڪ فرد تائين محدود نٿو رهي پر ان سان لاڳاپيل خاندان، اولاد ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڄو معاشرو به ان جا اثر برداشت ڪري ٿو. نتيجي ۾ انسان نه دنيا ۾ سڪون حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي آخرت جي سفر لاءِ پاڻ کي مڪمل طور تي تيار ڪري سگهي ٿو. زندگيءَ جي انهن غلط رستن مان هڪ انتهائي خطرناڪ رستو وياج ۽ رشوت جو رستو آهي. اهي ٻئي اهڙا سماجي ۽ معاشي مرض آهن، جيڪي بظاهر انسان جي مسئلي جو فوري حل نظر اچن ٿا پر وقت گذرڻ سان فرد، خاندان ۽ معاشري جي بنيادن کي ڪمزور ڪن ٿا. وياج انسان کي قرض جي اهڙي چڪر ۾ ڦاسائي سگهي ٿو جنهن مان نڪرڻ ڏکيو ٿيندو وڃي ٿو. جڏهن ته رشوت انصاف، ميرٽ ۽ حق جي نظام کي اندر کان ڪوڪلو ڪري ڇڏي ٿي.

سڀني مذهبن انسان جي معاشي زندگيءَ کي به اخلاق ۽ انصاف سان ڳنڍيو آهي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ صاف لفظن ۾ وياج کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي. سورة البقرة ۾ ارشاد آهي ته 'اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جيڪو وياج باقي رهجي ويو آهي، اهو ڇڏي ڏيو، جيڪڏهن اوهين ايمان وارا آهيو' (البقرة: 278) ان کان پوءِ ايندڙ آيت ۾ وياج نه ڇڏڻ جي صورت ۾ الله ۽ سندس رسول ﷺ طرفان جنگ جي سخت تنبيهه ڪئي وئي آهي. (البقرة: 279) انهن آيتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اسلام وياج کي صرف هڪ معمولي مالي معاملو نٿو سمجهي پر ان کي معاشري جي معاشي انصاف سان ڳنڍيل هڪ سنگين مسئلو قرار ڏئي ٿو. اسلام حلال واپار، محنت، جائز منافعو ۽ باهمي رضامنديءَ تي ٻڌل معاشي سرگرمين جي حوصلا افزائي ڪري ٿو جڏهن ته اهڙي آمدنيءَ کان روڪي ٿو جنهن ۾ ظلم، استحصال يا ناجائز فائدو شامل هجي. اسان جي سماج ۾ وياج جو مسئلو ڪيترن ئي شڪلن ۾ نظر اچي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ قرض وٺن ٿا پر قرض جي وڌندڙ رقم آهستي آهستي سندس آمدنيءَ جو وڏو حصو کائي وڃي ٿي. هڪ ننڍڙي ضرورت وڏو مالي بار بڻجي وڃي ٿي. گهر جا خرچ متاثر ٿين ٿا، ٻارن جي تعليم تي اثر پوي ٿو. علاج جهڙيون بنيادي ضرورتون به مشڪل بڻجي وڃن ٿيون ۽ انسان مسلسل ذهني دٻاءُ ۾ رهڻ لڳي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ سوال صرف اهو ناهي ته ماڻهوءَ تي ڪيترو قرض آهي؟ پر سوال اهو آهي ته قرض جو سندس خاندان جي مستقبل تي ڪهڙو اثر پئجي رهيو آهي؟ وياج جو نقصان صرف هڪ فرد تائين محدود نٿو رهي جيڪو قرض وٺي ٿو. جڏهن معاشري ۾ دولت جو نظام اهڙي طريقي سان هلڻ لڳي جو ضرورتمند ماڻهو وڌيڪ ضرورتمند ۽ طاقتور ماڻهو وڌيڪ طاقتور ٿيندو وڃي، تڏهن معاشي اڻ برابري وڌي ٿي. اهڙي ماحول ۾ غريب لاءِ پنهنجي پيرن تي بيهڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي وڃي ٿو ان ڪري اسلام معاشي زندگيءَ ۾ به رحم، انصاف، سخاوت ۽ هڪ ٻئي جي مدد کي اهميت ڏئي ٿو. ساڳيءَ طرح رشوت به معاشري جي اخلاقي ۽ انتظامي ڍانچي لاءِ هڪ وڏو خطرو آهي. رشوت جو مطلب صرف ڪنهن اعليٰ عهديدار کي پئسا ڏيڻ يا وٺڻ تائين محدود ناهي؛ بلڪ ان جو بنيادي نقصان اهو آهي ته اها حق ۽ ناحق، اهل ۽ نااهل، مستحق ۽ غير مستحق جي وچ ۾ فرق ختم ڪرڻ شروع ڪري ٿي. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو جائز ڪم رشوت کان سواءِ نه ٿئي ۽ ڪنهن ٻئي جو ناجائز ڪم پئسن جي زور تي ٿي وڃي، تڏهن انصاف جو تصور ڪمزور ٿي وڃي ٿو. رشوت جو سڀ کان وڏو نقصان اهو آهي ته اها ميرٽ کي قتل ڪري ٿي. جڏهن نوڪري قابليت بدران پئسن سان، سهولت حق بدران سفارش سان ۽ انصاف قانون بدران ذاتي مفاد سان ملڻ لڳي، تڏهن معاشرو آهستي آهستي اعتماد وڃائڻ شروع ڪري ٿو. هڪ قابل نوجوان، جيڪو پنهنجي قابليت جي بنياد تي حق حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، جڏهن بار بار ناجائز رڪاوٽن کي منهن ڏئي ٿو ته سندس ادارن ۽ نظام تي اعتماد متاثر ٿي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال صرف هڪ شخص جي مايوسي ناهي پر اها معاشري جي مستقبل لاءِ به نقصانڪار آهي.

اسلام ۾ رشوت بابت به سخت تنبيهه ملي ٿي. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان وياج ۽ رشوت کي صرف مذهبي موضوع نه بڻايون پر انهيءَ جي سماجي نقصانن کي به سمجهون. اسڪولن، يونيورسٽين، مسجدن، ميڊيا ۽ خاندانن کي گڏجي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو جتي حلال روزي، ايمانداري، ميرٽ ۽ انصاف کي عزت ملي. نوجوانن کي اهو سيکارڻ ضروري آهي ته ڪاميابيءَ جو مطلب صرف وڌيڪ دولت حاصل ڪرڻ ناهي، اصل ڪاميابي اها آهي ته انسان پنهنجيون ضرورتون حلال شين يا روزگار ذريعي پوريون ڪري ۽ پنهنجي رب کي جواب ڏيڻ واري وقت کي ياد رکي.

خانداني سهارا ڪيڏانهن ويا؟



محمود شام

پنج ڪهاڻيون وري به اڌوريون رهجي ويون.

منهنجو عظيم وطن وڌيڪ پنج انسانن جي صلاحيتن کان محروم ٿي ويو. ٻن نوجوان پاڪستانين ۽ ٽن ننڍين نياڻين هن دنيا کي ڇڏي ڏنو. موت فليٽن ۽ غريب ماڻهن جي گهرن تائين پهچي وڃي ٿو. جڏهن ته زندگي ۽ سهولتون وڏن بنگلن ۾ رهندڙ ماڻهن جي چوڌاري مصروف نظر اچن ٿيون. موت غريب ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن کي پنهنجو آسان شڪار سمجهي ٿي. جڏهن ته سماج ۽ حڪمران غريبي ختم ڪرڻ کي پنهنجي ذميواري نٿا سمجهن. وڏن وڏن فليٽن جي عمارتن جون انتظاميا رهواسين کان هر مهيني سار سنڀال جا پئسا وٺن ٿيون. پر اِها سار سنڀال رڳو عمارت جي ديوارن، پائپن ۽ ٻين شين تائين محدود هوندي آهي. انهن گهرن ۾ رهندڙ خاندانن جي حفاظت ۽ ڀلائي جو خيال رکڻ اُن ۾ شامل ناهي. وڏيون وڏيون عمارتون ناهيندڙ بلڊر ماڻهن کان ڪروڙين رپيا وٺي شهرن ۾ ڪنڪريٽ جون عمارتون ناهيندا وڃن ٿا. هڪ عمارت مان پنهنجون تجوريون ڀري، پوءِ ٻئي پلاٽ جي ڳولا ۾ نڪري وڃن ٿا. انهن لاءِ زنده انسان جڻ ته رڳو هر مهيني قسطون ادا ڪندڙ ماڻهو آهن. پوليس ٿاڻن جي اصل ذميواري پنهنجي علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ آهي پر پوليس گهڻو ڪري حڪومت جي مخالف ماڻهن جي گهرن تي ڇاپا هڻڻ ۾ مصروف نظر اچي ٿي. علائقي جي عام ماڻهن خاص ڪري ٻارن ۽ نياڻين جي حفاظت لاءِ ايتري فڪرمند نظر نٿي اچي ساڳيءَ طرح بلدياتي ادارا ۽ ڪائونسلر به موجود آهن پر ڪيترائي ڪائونسلر پنهنجي ووٽرن جو حال احوال به نٿا وٺن. آهي ماڻهن جي روزمره زندگي، رهائش، آمدورفت، خوشي يا غمي جي وقت به انهن سان گڏ بيهڻ کي پنهنجي ذميواري نٿا سمجهن.

اڳي گهر خاندانن لاءِ مضبوط ۽ محفوظ قلعا هوندا هئا. يعني ماڻهو پنهنجي گهر کي اهڙي جاءِ سمجهندا هئا. جتي هُو هر خطري کان محفوظ هوندا. پر هاڻي اهي ئي گهر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن لاءِ موت جي جاءِ بڻجي وڃن ٿا. ڊاڪٽر جي عمر 45 سال هئي، سندس زال مهوش جي عمر 35 سال هئي. هڪ ڌيءَ 13 سالن جي هئي. جڏهن ته ٻي ۽ ٽين ڌيءَ ڏهن سالن کان به ننڍيون هيون. هيءَ هڪ خوشحال ۽ آباد خاندان هو. هن خاندان به ضرور زندگيءَ بابت ڪيترائي خواب ڏٺا هوندا ۽ پاڪستان جهڙي اسلامي جمهوريه ملڪ ۾ اڳتي وڌڻ جون ڪيترين ئي اميدون ۽ خواهشون رکيون هونديون. پر هاڻي اِهو معلوم ٿيندو ته آخر اهڙو ڇا ٿيو. جو موت هڪ ئي وقت انهن پنجن کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن توهان هي لفظ پڙهي رهيا هوندا. تڏهن ممڪن آهي ته واقعي جي مڪمل جاچ سامهون اچي چڪي هجي شايد اِهو به معلوم ٿي چڪو هجي ته هن خاندان جو پنهنجن ٻين مائٽن سان رابطو آخر ڇو نه هو.

اڄ 21هين صديءَ ۾ ٽيڪنالاجي اِها دعويٰ ڪري رهي آهي ته اُن انسانن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو آهي. موبائل ڪمپنيون ماڻهن کي فون تي ڳالهائڻ ۽ پيغام موڪلڻ لاءِ مختلف پيڪيج ڏين ٿيون ۽ ان مان ڪروڙين اربين رپيا ڪمائين ٿيون. بظاهر ته ائين لڳي ٿو ته ٽيڪنالاجي رشتن کي هڪٻئي سان ڳنڍي رهي آهي. پر حقيقت اِها آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اها ٽيڪنالاجي ويجهن کان ويجهن خوني رشتن ۾ به فاصلو پيدا ڪري رهي آهي. اسان فون تي ڪنهن سان ڳالهائي وٺون ٿا يا ميسيج موڪلي ڇڏيون ٿا ته پوءِ سمجهون ٿا ته بس هڪٻئي سان رابطو ٿي ويو ۽ پنهنجو فرض پورو ٿي ويو. اسان ٽيڪنالاجيءَ کان تمام گهڻيون اميدون رکي ڇڏيون آهن ۽ اُن کي پنهنجو سهارو سمجهي ورتو آهي پر اُن سان گڏ اسان انهن خانداني سهارن کان به پري ٿيندا پيا وڃون. جيڪي صدين کان خاندان جي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيندا آيا آهن. اڳي ماڻهو هڪٻئي جو خيال رکندا هئا. ڪنهن جي ڳالهائڻ جي انداز يا آواز مان ئي اندازو لڳائي وٺندا هئا ته شايد هي ماڻهو ڪنهن پريشاني يا ڏکيائي ۾ آهي پر هاڻي حالت اِها ٿي وئي آهي ته هر ماڻهو پاڻ پنهنجي مسئلن ۽ پريشانين ۾ ايترو ڦاٿل آهي. جو هو ٻئي ماڻهوءَ جي تڪليف ۽ پريشاني ڄاڻڻ يا سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿو ڪري. پنجن جڻن جي لاشن تي جڪي آهي. هاڻي تحقيق هلندي رهندي ۽ شايد هن واقعي بابت ڪيترين ئي ڳالهين ۽ حقيقتون سامهون اينديون. هاڻي هن فليٽ ۾ ڪو ٻيو خاندان اچي رهندو. پر انهن پنجن ماڻهن جي وڃڻ سان هن ملڪ ۽ سماج کي جيڪو نقصان ۽ خال پيدا ٿيو آهي. اُن بابت آخر ڪير سوچيندو؟ خبر ناهي ته ڊاڪٽر عمر ۽ مهوش جهڙا ڪيترا خاندان اهڙين ئي ڏکي حالتن مان گذري رهيا هوندا. نئون دور ۽ نئين ٽيڪنالاجي انسانن کي هڪٻئي کان ۽ انسانيت کان پري ڪري رهيا آهن انسان کي جيڪو درد، همدردي ۽ ٻين جي تڪليف محسوس ڪرڻ وارو دل ڏنو ويو هو اهي سڀ احساس هاڻي جڻ آن لائن دنيا ۽ ڪاروبار جي نذر ٿي ويا آهن شايد ڪو اُن ڳالهه تي تحقيق نه ڪندو ته جڏهن هڪ ڊاڪٽر پاڻ اهڙي موتمار بيماري ۾ مبتلا نڪتو. ته جنهن اسپتال ۾ هو ڪم ڪندو هو، ان کي سندس علاج ۽ مدد جي فڪر ڪرڻ گهرجي ها. ان وقت سندس ساٿي ڊاڪٽرن کي به هن سان همدردي ۽ سلڪ ڏيڻ گهرجي ها. آئون ته هر آچر تي ماڻهن کي اِها درخواست ڪندو آهيان ته منجهند جي ماني پنهنجي پٽن، ڌيئرن، پوٽن پوٽين نواسن ۽ نياڻين سان گڏ ويهي کائو ۽ هڪٻئي سان ڳالهيون ڪريو. پنهنجي حال احوال کان واقف ٿيو ۽ عصر جي نماز کان پوءِ پاڙي وارن سان ملو. پنهنجن پاڙيسرين سان لاڳاپا وڌايو انهن کي پنهنجي گهر گهرايو يا پاڻ سندن گهر گڏجي وڃو جيڪڏهن اِهو به ممڪن نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ مسجد ۾ گڏ ٿيو ۽ هڪٻئي سان رابطو رکو. احسن آباد جي انهن فليٽن ۾ به مسجد موجود هئي سوال اِهو آهي ته ڇا اُتي ڪنهن کي ڊاڪٽر عمر جي غير موجودگي محسوس ٿي؟ ڇا پاڙي جي ماڻهن سوچيو ته هيءَ خاندان ڪهڙي حال ۾ آهي؟ هاڻي چوريون، ڦرون ۽ موبائل فون ۽ پرس ڇڻڻ جون وارداتون عام ٿي ويون آهن موٽر سائيڪلن تي گهمندڙ اهي ڦورو ماڻهو مزاحمت ڪرڻ تي ڪنهن جي جان به وٺي ڇڏين ٿا. سوال اِهو آهي ته اُهي ڏوهاري ماڻهو آخر ڪٿان اچن ٿا؟ انهن جي پٺيان يا سرپرستي ڪندڙ ڪير آهي؟ ۽ انهن نوجوانن جي جواني آخر ڏوهن جي راهه ۾ ڇو ضايع ٿي رهي آهي؟

هڪ تمام اوچي عمارت جي ستين ماڙ تي ٻن بيڊ رومن واري فليٽ ۾ پنجن ماڻهن جو دردناڪ موت رڳو هڪ خاندان جو ذاتي واقعو سمجهي وساري نه ڇڏڻ گهرجي. هي واقعو اصل ۾ اسان جي سماج جي ٽٽڻ ۽ بگاڙ جي نشاني آهي. سڀ کان پهرين ڳالهه اِها آهي ته هر پاڪستاني خاندان تي معاشي دٻاءُ وڌندو پيو وڃي آمدني گهٽ آهي پر خرچ تمام گهڻا آهن پيٽرول جون قيمتون وڌنديون پيون وڃن بجليءَ جا تمام وڏا بل اچن ٿا ۽ اُن جي نتيجي ۾ روزمره جي ضرورت وارين شين جون قيمتون به تمام گهڻيون وڌي ويون آهن اسان جي سماج جي ماهرن کي سوچڻ گهرجي ته ڇا آمدني ۽ خرچن ۾ توازن رکڻ ۽ دولت جي مناسب ورڇ ڪرڻ سماج جي ذميواري آهي يا نه؟ ملڪ تي هر روز قرض وڌي رهيا آهن ۽ قومي آمدنيءَ جو وڏو حصو انهن قرضن ۽ انهن جي وياج جي ادائيگيءَ ۾ خرچ ٿي وڃي ٿو. حڪمران سياسي پارٽيون، وڏا سرڪاري عهديدار ۽ وزير ڪيترن ئي سالن کان اِهو چوندا آيا آهن ته پاڪستان کي هڪ اهڙي فلاحي رياست بڻايو ويندو، جتي عام ماڻهو خوشحال زندگي گذاري سگهي پر اڃا تائين اهڙو مضبوط نظام ناهڻ ۾ ڪاميابي نه ملي آهي. جنهن سان غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن جو تعداد گهٽجي سگهي. ملڪ جي آبادي به تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. پر موجود وسيلن جي صحيح نموني استعمال ڪرڻ لاءِ ڪا اثرائتي پاليسي نظر نٿي اچي ليکڪ جو خيال آهي ته اسان جي معاشي منصوبابندي به ٻاهرين قرضن خاص طور تي آءِ ايم ايف کان قرض وٺڻ جي ضرورتن سان ڳنڍجي وئي آهي. معاشي پريشانيءَ سان گڏ فليٽن واري زندگي به ماڻهن کي هڪٻئي کان پري ڪري رهي آهي. عمارت ۾ اِهو ته ڏنو وڃي ٿو ته لفٽ صحيح ڪم ڪري رهي آهي يا نه. پر اِهو نٿو ڏنو وڃي ته فليٽ ۾ رهندڙ ماڻهو صحيح حالت ۾ آهن يا ڪنهن پريشاني ۾ مبتلا آهن نه عمارت جا گارڊ، نه فليٽ جي يونين، نه علائقي جو ڪائونسلر ۽ نه ئي پوليس جو ذميوار آفيسر اِهو معلوم ڪري ٿو ته هتي رهندڙ خاندان ڪهڙي حال ۾ آهن خانداني سهارا به آهستي آهستي ختم ٿيندا پيا وڃن اسان ٽيڪنالاجي کي به بنا سوچڻ سمجهڻ جي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب انسان جي احساس، همدردي ۽ هڪٻئي لاءِ خيال رکڻ واري عادت متاثر ٿي رهي آهي. جن ملڪن ۾ اها جديد ٽيڪنالاجي ٺهي رهي آهي اتي جا ماڻهو پنهنجي سماجي روايتن ۽ هڪٻئي سان سٺو ورتاءُ برقرار رکڻ بابت به فڪرمند آهن آمريڪا جي 78 سالن جي سماجيات جي ماهر پروفيسر شيري ٽرڪل پنهنجي ڪتاب *Alone Together* ۾ هڪ اهم ڳالهه ڪئي آهي ته 'اسان ٽيڪنالاجيءَ کان اميدون وڌائي رهيا آهيون پر هڪٻئي کان اميدون گهٽائي رهيا آهيون' اسان جي سماجي ماهرن کي به هيءُ ڪتاب پڙهڻ گهرجي. احسن آباد جي ستين ماڙ واري هي دردناڪ واقعو اُن ڳالهه جي واضح نشاني آهي ته پاڪستاني سماج آهستي آهستي ٽٽندو پيو وڃي. اهڙو مسئلو رڳو ڪراچيءَ تائين محدود ناهي پر ٻين وڏن شهرن ۾ به اهڙا واقعا ۽ گڏيل خودڪشيءَ جو رجحان ڏسڻ ۾ اچي ٿو حڪمرانن کي شايد هن مسئلي جي سنگينيءَ جو احساس نٿو ٿئي يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن کي گهرجي ته سماج ۾ ٿيندڙ هن بگاڙ جو سنجيدگيءَ سان مطالعو ڪن فلاحي تنظيمن کي به پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ماڻهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي اِهو به ڏسڻ گهرجي ته گڏيل خاندان ڇو ٽٽي رهيا آهن ۽ خاندان جا جيڪي سهارا اڳي ماڻهن جي ڪم ايندا هئا، اهي هاڻي ڇو ڪم نٿا اچن

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻيل ڪرپشن جو خاتمو ضروري!

ڪرپشن رڳو سرڪاري ناڻي کي نقصان پهچائڻ جو نالو ناهي پر اها عوام جي حقن، ادارن جي ساک ۽ ملڪ جي مستقبل کي متاثر ڪندڙ هڪ سنگين مسئلو آهي اسان جي معاشري ۾ ڪرپشن جا ڪيترائي روپ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. رشوت، اقربا پروري، اختيارن جو ناجائز استعمال، سرڪاري وسيلن جو غلط استعمال، ٽيڪس ۾ بي ضابطگيون ۽ سفارش ذريعي حق رکندڙ ماڻهن کي پوئتي رکڻ جهڙا عمل ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي ڪمزور ڪن ٿا. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي جائز ڪم لاءِ به رشوت يا سفارش جو سهارو وٺڻو پوي ٿو ته ان سان نه صرف سندس حق متاثر ٿئي ٿو پر قانون ۽ ادارن تي اعتماد پڻ گهٽجي ٿو. ڪرپشن جو سڀ کان وڏو نقصان اهو آهي ته قومي وسيلا انهن ماڻهن ۽ منصوبن تائين نٿا پهچن جن لاءِ اهي مختص ڪيا ويندا آهن جيڪڏهن ترقياتي منصوبي لاءِ رکيل رقم جو وڏو حصو بدعنوانيءَ جي ور چڙهي وڃي ته نتيجي ۾ روڊ اڌورا رهجي سگهن ٿا، اسڪولن ۾ سهولتون گهٽجي سگهن ٿيون، اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي ۽ عوام بنيادي سهولتن کان محروم رهي ٿو اهڙي صورتحال ۾ ملڪ جي معاشي ترقيءَ سان گڏ انساني ترقي پڻ متاثر ٿئي ٿي ڪرپشن جي خاتمي لاءِ رڳو نعرا ڪافي ناهن ان لاءِ مضبوط ۽ شفاف ادارن جي ضرورت آهي سرڪاري معاملن ۾ ڊجيٽل نظام کي وڌائڻ خريداري ۽ ٽيڪس جي عمل کي شفاف بڻائڻ سرڪاري خرچن جي مؤثر نگراني ڪرڻ ۽ معلومات تائين عوام جي رسائي بهتر ڪرڻ سان ڪرپشن جا موقعا گهٽائي سگهجن ٿا. اصل ترقي اها آهي، جنهن جا فائدا عام ماڻهو تائين پهچن ادارا قانون موجب هلن ۽ قومي وسيلا ايمانداري سان استعمال ٿين ڪرپشن انهن مقصدن جي راهه ۾ هڪ اهم رڪاوٽ آهي تنهنڪري ان جي خاتمي لاءِ مسلسل شفاف ۽ قانوني بنيادن تي قدم کڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي جيڪڏهن اسان واقعي هڪ مضبوط، خوشحال ۽ ترقي يافته ملڪ ڏسڻ چاهيون ٿا ته اسان کي ڪرپشن خلاف جنگ کي صرف تقريرن ۽ مهمن تائين محدود نه رکڻو پوندو پر ان کي پنهنجي ادارن، نظام ۽ روزاني زندگيءَ جو حصو بڻائڻو پوندو ترقيءَ جو سفر ايمانداري، شفافيت ۽ قانون جي بالادستي کان سواءِ مڪمل نٿو ٿي سگهي تنهنڪري ڪرپشن جو خاتمو رڳو حڪومتي ذميواري نه پر پوري قوم جي گڏيل ذميواري آهي

محمد اسماعيل لانگاهه

پاڪستان، امن جو علمبردار

عثمان ڀٽي

وچ اوڀر جي موجوده صورتحال کي رڳو ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ سمجهڻ شايد ڪافي نه آهي. هن بحران جي پويان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هلندڙ علائقائي مقابلو عرب ملڪن جون بدلجندڙ ترجيحون، ايران جو وڌندڙ اثر ۽ وڏين عالمي طاقتن جا معاشي مفاد به شامل آهن. هن سڄي صورتحال ۾ پاڪستان جو ڪردار به اڳ کان وڌيڪ اهم ٿي ويو آهي. عرب ملڪن جي وچ ۾ سياسي اختلاف ۽ پنهنجن پنهنجن مفادن جو ٽڪراءُ اڳ کان موجود رهيو آهي. 1979ع جي ايراني انقلاب کانپوءِ ايران فلسطين ۽ اسرائيل جي تڪرار کي پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ جو هڪ اهم حصو بڻايو. ان دوران لبنان، عراق، شام ۽ يمن ۾ به ايران جو سياسي ۽ فوجي اثر وڌندو ويو ايران سان هم خيال گروهن ڪيس رڳو فوجي طاقت نه، پر سڄي علائقي ۾ هڪ وسيع نيٽ ورڪ به فراهم ڪيو. پر هتي اِها ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته وچ اوڀر جي سمورن بحرانن جو اڪيلو سبب ايران ناهي. لبنان جي گهرو ويڙهه، 2003ع کانپوءِ عراق جون حالتون، شام جي جنگ ۽ يمن جو بحران، انهن سڀني جا پنهنجا پنهنجا اندروني سبب به آهن. البته ايران انهن بحرانن دوران ڪيترن ئي گروهن جي مدد ڪندو رهيو آهي. اڄ يمن جا حوثي به هن علائقائي ڇڪتاڻ جي هڪ اهم ڌر آهن. باب المندب ۽ ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) جي ويجهو انهن جون فوجي سرگرميون وڌڻ سبب مسئلو رڳو يمن يا سعودي عرب تائين محدود نه رهيو آهي. باب المندب وارو سامونڊي رستو عالمي واپار ۽ توانائي جي فراهمي لاءِ تمام اهم آهي. جيڪڏهن هتي جهازن جي اچ وڃ غير محفوظ ٿي وڃي ته ان جا اثر خليج کان وٺي يورپ ۽ ايشيا تائين محسوس ٿي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري حوثين جي حملن کي رڳو يمن جي هڪ مقامي جنگ سمجهڻ ڏکيو آهي. سعودي عرب جي سلامتي، خليجي ملڪن جون توانائيءَ جون تنصيبات، ڳاڙهي سمنڊ ۾ جهازن جي اچ وڃ ۽ دنيا جي تيل جي مارڪيٽ هڪٻئي سان ڳنڍجي ويا آهن. هڪ هنڌ ٿيندڙ فوجي ڪارروائي ٻئي علائقي ۾ معاشي ۽ سياسي دٻاءُ پيدا ڪري سگهي ٿي. پر اهو نتيجو ڪڍڻ به مناسب ناهي ته حوثي لازمي طور ڪنهن وڏي طاقت جي هٿ ۾ مڪمل طور استعمال ٿيندڙ رڳو هڪ 'مهرو' آهن. انهن جا پنهنجا يمن سان لاڳاپيل سياسي مفاد، سعودي عرب سان ڊگهو تڪرار ۽ اندروني سبب پڻ موجود آهن. ايران جي حوثين سان سهڪار بابت رپورٽون موجود آهن. پر حوثين جي پنهنجي سياسي ۽ مقامي مفادن کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اصل صورتحال شايد ان کان به وڌيڪ پيچيده آهي. علائقي جا تقريباً سڀ وڏا ڌر پنهنجي پنهنجي مفادن لاءِ طاقت جا مختلف مرڪز استعمال ڪري رهيا آهن. جڏهن ته عام ماڻهو هن سڄي ڇڪتاڻ جي سڀ کان وڏي قيمت ادا ڪري رهيا آهن. پاڪستان جي حوالي سان به ملڪ سرڪاري طور علائقي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ، ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ تي زور ڏيندو رهيو آهي ۽ ڳاڙهي سمنڊ ۾ واپار ۽ سامونڊي جهازن جي حفاظت بابت خدشا ظاهر ڪيا آهن.

هن صورتحال ۾ آمريڪا جو ڪردار به اهم آهي. خليجي ملڪ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پنهنجي سلامتيءَ لاءِ آمريڪا جي سهڪار ۽ دفاعي نظام تي ڀاڙيندا آيا آهن. پر تازي ڇڪتاڻ ۽ بحرانن وري اِهو سوال پيدا ڪيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا هر ڀيري پنهنجي ساٿين جي بچاءَ لاءِ سڌيءَ طرح جنگ ۾ شامل نه ٿئي، ته پوءِ عرب ملڪن کي پنهنجي سلامتيءَ لاءِ ٻيا ڪهڙا انتظام ڪرڻا پوندا؟ اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جي اهميت وڌي وڃي ٿي. پاڪستان جا سعودي عرب سان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دفاعي لاڳاپا آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ فوجي تربيت، دفاعي سهڪار ۽ افرادي قوت جي حوالي سان پراڻا لاڳاپا موجود آهن. ٻئي طرف ايران پاڪستان جو پاڙيسري ملڪ آهي، جڏهن ته چين پاڪستان جو اهم اسٽريٽجڪ ۽ معاشي ساٿي آهي. ترڪيءَ سان به پاڪستان جا دفاعي لاڳاپا مسلسل مضبوط ٿيا آهن. انهيءَ ڪري وچ اوڀر جو هيءُ بحران پاڪستان لاءِ سفارتي لحاظ کان تمام اهم آهي. پاڪستان کي هڪ طرف سعودي عرب جي سلامتيءَ بابت پنهنجين ذميوارين کي نظر ۾ رکڻو آهي ته ٻئي طرف ايران سان سڌي فوجي ڇڪتاڻ کان به بچڻو آهي. ساڳئي وقت چين سان پنهنجا لاڳاپا ۽ ملڪ جون معاشي ضرورتون به نظر ۾ رکڻيون پونديون. شايد پاڪستان جي سڀ کان وڏي طاقت ئي اها هجي ته هو انهن مختلف لاڳاپن ۾ توازن برقرار رکي. جيڪڏهن پاڪستان رڳو ڪنهن هڪ ڌر جي فوجي موقف جو حصو بڻجي وڃي ته پوءِ ٻين ملڪن سان ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ لاءِ سندس گنجائش گهٽجي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن پاڪستان سعودي عرب سان پنهنجو دفاعي سهڪار جاري رکندي، ايران سان به رابطو برقرار رکي ۽ ترڪي ۽ چين جهڙن ملڪن سان گڏجي ڇڪتاڻ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري، ته اهڙي صورت ۾ هو علائقي ۾ وڌيڪ اثرائتو سفارتي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

مصنوعي ذهانت (AI) بابت تازين خبرن ۽ معلومات مان هڪ ٻيو خطرناڪ پاسو به سامهون آيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن فوجي يا انٽيليجنس نظام ۾ AI طرفان تيار ڪيل غلط معلومات کي صحيح سمجهي ورتو وڃي ته هڪ ننڍڙي غلطي به ٻن وڏين طاقتن کي سڌي ٽڪراءُ يا جنگ جي ويجهو وٺي وڃي سگهي ٿي.

اڄ جي جديد جنگ ۾ خطرو رڳو ميزائلن ۽ ڊرونن کان ناهي، پر غلط معلومات به جنگ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هي صورتحال پاڪستان لاءِ به هڪ اهم سبق آهي. مستقبل ۾ قومي سلامتي جو مطلب رڳو سرحدن تي فوج مقرر ڪرڻ نه هوندو پر اُن ۾ سائبر سيڪيورٽي، مصنوعي ذهانت، صحيح انٽيليجنس، سفارتڪاري ۽ مضبوط معيشت به شامل هوندي. وچ اوڀر ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ شايد جلد ختم نه ٿئي، پر پاڪستان کي اهو ضرور طئي ڪرڻو پوندو ته هُو هن بحران ۾ رڳو ٻين جي قدمن جو جواب ڏيندڙ ملڪ بڻجي رهندو يا هڪ سرگرم ۽ اثرائتي علائقائي سفارتي قوت طور پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. پاڪستان لاءِ سمجهه واري ڳالهه اِها هوندي ته هُو پاڻ ڪنهن نئين جنگ جو ميدان بڻجڻ بدران، جنگ کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. سعودي عرب سان پاڪستان جا دفاعي لاڳاپا، ايران سان پاڙيسري وارو تعلق، چين سان اسٽريٽجڪ ڀائيواري ۽ ترڪيءَ سان ويجها لاڳاپا پاڪستان کي سفارتڪاريءَ جي لحاظ کان هڪ منفرد حيثيت ڏين ٿا. اڄ اصل سوال اِهو ناهي ته پاڪستان ڪنهن جي جنگ وڙهندو. اصل سوال اِهو آهي ته پاڪستان پنهنجي فوجي طاقت، سفارتي اثر ۽ علائقائي لاڳاپن کي استعمال ڪري، پنهنجي سلامتي يقيني بڻائڻ سان گڏ علائقي کي هڪ وڏي جنگ کان بچائڻ لاءِ ڪهڙو ۽ ڪيئن اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟ شايد اِهو ئي اهو موقعو آهي، جتي پاڪستان جو ڪردار رڳو هڪ اتحادي ملڪ جو نه، پر مختلف ڌرين کي هڪٻئي سان ڳنڍيندڙ پل، ڳالهين ۾ وچ وارو ڪردار ادا ڪندڙ ملڪ ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام جو حامي بڻجي سگهي ٿو.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، پَسو سَکَهَ سَنڌِياسِ،
آڏيءَ وَڃيو آڪَڙيءَ، نَڪو پِيُ نَه ماسِ،
سوئي سو سيڻاسِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

هوءَ ولاڙون ڏيندي، وٽن تي چڙهيو وڃي، ڏسو سندس سگهه!. ڪيس نه ماءُ ساڻ آهي نه پيءُ هوءَ اڌ رات جو اڪيلي سفر ڪندي پيئي وڃي، سندس ساٿي اهو ئي سندس آواز آهي، جو پرانهن پنڌن تي پڙاڏا پيو ڪري.

اڄوڪو ڏينهن ..... 25 سيپٽمبر

مخدوم محمد صالح ڀٽي

مخدوم محمد صالح ڀٽي سنڌ جو برک عالم، اديب ۽ شاعر هو. هن جي ولادت 25 سيپٽمبر 1887ع تي هالا پراڻا ۾ ٿي سندس والد محمد ابراهيم صوفي ڀٽي به پنهنجي دور جو هڪ وڏو اديب هو. ابتدائي تعليم هالا پراڻا مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان 1909ع ڌاري سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. 1910ع ڌاري ساڳئي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو هن ٽريننگ ڪاليج فار مئن ۽ ٻين ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ٻارن کي علم جي زيور سان آراسته ڪيو. هن ملا اسڪول جي ففٿ، سيڪنڊ ۽ فرسٽ اسسٽنٽ ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر ۽ سيڪنڊ اسسٽنٽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور به ڪم ڪيو. هن ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ ٿرپارڪر ۽ نواب شاهه ۾ پڻ انسپيڪٽر طور ڪم ڪيو. لکڻ سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس. سنڌ مدرسي ۾ نوڪريءَ دوران انهيءَ مدرسي مان جاري ٿيندڙ رسالي "الاسلام" جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. پاڻ ڪيترن ئي ادبي، تعليمي ۽ سماجي تنظيمن جو ميمبر هو. هن لڳ ڀڳ 40 ڪتاب تحرير ڪيا، جن مان لڳ ڀڳ اڌ ڪتاب اڃا تائين ڇپجي نه سگهيا آهن. نثر سان گڏ شاعري به ڪيائين. هن 27 ڊسمبر 1953ع تي راهه رباني ورتي.

سڄڻ قبولائي

هن مشهور شاعر جو جنم 25 سيپٽمبر 1934ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڪوٽ قبولي ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ اسڪول جي استاد طور زندگيءَ جا ڏينهن گذاريا. هن 1950ع واري ڏهاڪي ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ دادن فقير ۽ ڄاڻڻ جن کي پنهنجو استاد مڃيندو هو. هو ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي ڪمپيئر پڻ رهيو. هن 21 آڪٽوبر 1991ع تي وفات ڪئي.



شهيد حزب الله ميمڻ

شهيد حزب الله ميمڻ هڪ علم دوست انسان هئڻ سان گڏ سنڌي ثقافت جو سچو سڄڻ هو. هن جي ذاتي لائبريريءَ ۾ 10 هزار کان وڌيڪ ڪتاب سانڍيل هئا. جن ۾ قرآن شريف جي ناياب نسخن سان گڏ ڪئين قيمتي ڪتاب شامل هئا. هن کي سِڪن گڏ ڪرڻ جو به تمام گهڻو شوق هو. انهن ۾ سون، چاندي، پتل ۽ ٽامي جا هزارين تاريخي سِڪا شامل هئا. حيدرآباد شهر ۾ اڏيل سندس گهر سنڌي ثقافت ۽ نوادرات جي هڪ قيمتي خزاني کان گهٽ نه هو. اهو خزانو ڏسڻ لاءِ ڪيترائي اديب، سياستدان ۽ سنڌي ثقافت جا سڄڻ وٽس کهي ايندا هئا. اهو گهر سنڌي ثقافت جي دشمنن لاءِ جڻ ته اک جو ڪنڊو هو ۽ هو انهيءَ عظيم الشان گهر کي ڇيهو پهچائڻ لاءِ بهانا ڳوليندا رهيا. شهيد حزب الله جو جنم 25 سيپٽمبر 1944ع تي فقير جي پڙ حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد حاجي عبدالڪريم ميمڻ اصل ۾ مٽياريءَ جو رهواسي هو، جنهن جو شاهي بازار ۾ "حاجي عبدالڪريم اينڊ سنز" جي نالي سان هڪ وڏو مشهور دڪان هو. انهيءَ دڪان تي اجرڪون، ٽوپيون، سوسيون، لونگيون ۽ اهڙي قسم جون ٻيون شيون وڪري لاءِ موجود هونديون هيون. حزب الله مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۽ نفسيات ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. هن سنڌ لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند به حاصل ڪئي. 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سائڪالاجيءَ واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تائين پهتو. 27 مئي 1990ع تي ڪجهه تعصب پرست ماڻهو سندس گهر ۾ موجود سمورو ثقافتي خزانو لُٽي ويا. انهيءَ واقعي کان ڏهه ڏينهن پوءِ 7 جون 1990ع تي هنن ڊفينس سوسائٽيءَ ۾ سندس زير تعمير گهر تي حملو ڪري کيس شهيد ڪري ڇڏيو. شهيد حزب الله ميمڻ کي مٽياريءَ ۾ سندس آبائي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

ڊاڪٽر ارشاد ڪاظمي

هن نامور ليکڪ ۽ معالج جو جنم 25 سيپٽمبر 1967ع تي ڪوٽڙي ڪبير تعلقي محراب پور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هن لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي ۽ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز مان پوسٽ گريجوئيشن ڪئي. ان کان علاوه ميڊيڪل سائنس سان لاڳاپيل ڪيترائي ڪورس پاس ڪيائين. ڊاڪٽر ارشاد ڪاظميءَ ادبي دنيا ۾ نثر توڙي نظم ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. شاعريءَ ۾ هن نظم، نثري نظم، ٽيڙو ۽ غزل وغيره لکيا آهن جيڪي سنڌ جي ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا آهن. ان کان علاوه هن جا ڪيترائي ڪالم، ڪهاڻيون ۽ افسانا به شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ساحلن تي آوارگيون" (شاعري) ۽ "منهنجو ديس جهان" (سفرنامو) ڇپجي چڪا آهن.

مختيار انڙ

حاجي پرويز علي ميمڻ

حاجي پرويز علي ميمڻ جو شمار مٽياريءَ جي ڪامياب ڪاروباري ۽ سماجي شخصيتن ۾ ٿئي ٿو سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1968ع ۾ ٿيو. مئٽرڪ جو امتحان مٽياريءَ مان پاس ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اڪنامڪس) جي سند حاصل ڪيائين. پاڻ مٽياريءَ جي واپاري تنظيم جو جنرل سيڪريٽري، ميمڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن جو وائيس چيئرمين ۽ مٽياري ايڪشن ڪاميٽيءَ جو سينئر نائب صدر رهي چڪو آهي. 2005ع ۾ مٽياري تعلقي جو نائب ناظم چونڊيو ويو هو. 2022ع وارين مقامي چونڊن ۾ به بنا مقابلي يونين ڪائونسل مٽياري جو ميمبر چونڊيو ويو.

خالد جميل پنڌ

هن نالي واري اديب جو جنم 25 سيپٽمبر 1968ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ بلاول پنڌ ۾ نظيراحمد پنڌ جي گهر ۾ ٿيو. هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ مختلف پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائيندو رهيو آهي. هن 1990ع ڌاري هڪ شاعر طور ادبي دنيا ۾ پير پاتو. هو سنڌي ادبي سنگت خدا آباد شاخ جو سرگرم ڪارڪن آهي ۽ انهيءَ شاخ ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪندو رهيو آهي.

بانو محبوب جوکيو

هن مشهور شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره جو جنم 25 سيپٽمبر 1969ع تي محراب پور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو غلام بتول آهي. هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول محرابپور مان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان سنڌي ۽ شماريات ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. هن عملي زندگيءَ جي شروعات گورنمينٽ ڪاليج خيرپور ۾ ليڪچرار طور ڪئي. هوءَ سنڌي ادبي ڪيتر ۾ هڪ شاعره، افسانه نگاره، ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نگاره طور ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. سندس لکڻيون سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. هن جو ناول "اڌ ڏکوئي آهيان" ڇپجي چڪو آهي.

مرزا قمبر علي بيگ

مرزا قمبر علي بيگ هڪ مشهور قانوندان هئڻ سان گڏ هڪ نالي وارو شاعر هو. اڄ هن جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. مرزا قمبر علي بيگ جو جنم 25 آڪٽوبر 1906ع تي حيدرآباد جي مرزا پاڙي ۾ ٿيو. ايل ايل بي جي سند حاصل ڪري وڪالت شروع ڪيائين. اڳتي هلي سيشن جج جو عهدو ماڻيائين. هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، مرثيه، سلام، نوحه، منقبتون، قصيده، غزل ۽ ڪافيون شامل آهن. هن سنڌي توڙي اردو ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "ڪليات حيدري (سنڌي)" ۽ "ڪليات حيدري (اردو)" شامل آهن هن 25 سيپٽمبر 1972ع تي ايران جي شهر مشهد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

صوفي ولي محمد تراب

هن صوفي شاعر جو جنم 1936ع ڌاري ڳوٺ تجل شريف تعلقي ناري ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪئي. گڏوگڏ ڳوٺ جي مدرسي مان ابتدائي ديني تعليم پڻ حاصل ڪيائين. هو هڪ صوفي شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، منقبتون، گيت، غزل، بيت، وايون ۽ ڪافيون وغيره شامل آهن هن جي شاعريءَ جو ڪتاب "اذان عشق" 2002ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. پاڻ صوفي سلام الله جي درگاهه جو نائون سجاده نشين پڻ رهيو. هن 25 سيپٽمبر 1996ع تي وفات ڪئي.



الهورايو ڀڻ

اڄ مشهور نثر نويس ۽ شاعر الهورائي اداسي ڀڻ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌي ادبي دنيا جي هن انمول انسان جو جنم پهرين فيبروري 1942ع تي سانگهڙ ضلعي جي مشهور ڳوٺ ڳوڙنگ ۾ ٿيو. هن جو ننڍپڻ انگريز سرڪار پاران قائم ڪيل لوڙهن ۾ گذريو. هن 1960ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي ادب) جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين. اڳتي هلي گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج سانگهڙ ۾ استاد مقرر ٿيو. هن 1960ع ڌاري اداسي تخلص سان شاعري شروع ڪئي شاعريءَ سان گڏ ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيائين. سندس ڪتابن ۾ "ايڏو درد عميق" (شاعري)، "رنگا رنگ ملائيشيا" (سفرنامو)، "جي گهارياسين بند ۾" (ساروڻيون) ۽ "قيد ڪشالا زندگي" (آتم ڪهاڻي) شامل آهن. هن 25 سيپٽمبر 2023ع تي وفات ڪئي.



CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم MIMC/I ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 95 سال 2026

مسمات سميرا ڌيءَ پرويز زال محمد آصف ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ حاجي خان لغاري نزد دولت لغاري تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف..بخلاف.. محمد آصف ولد جمن ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ سليمان لغاري تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم MIMC/I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Shahina ڌيءَ محمد علي ذات بلوچ رهندڙ بلوچ پاڙو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف..بخلاف.. محمد ولد عبدالڪريم ذات لنڊ رهندڙ غلام حسين لنڊ تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر975 سال 2026

مسمات سويرا..پلينٽف..بخلاف.. اويس علي ولد انور علي ذات راجپوت رهندڙ فتح پور محلہ راجپوت ڪالوني ماتلي ضلعو بدين 03423685728 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار داور امائونٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Uzma ..پلينٽف..بخلاف.. ذيشان ولد اڪبر ذات برڦت رهندڙ جمالي محلہ شيدي ڳوٺ قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03029706183 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 223سال 2026

مسمات فوزيہ لاشاري ..پلينٽف..بخلاف.. آصف ولد حاڪم ذات لاشاري رهندڙ علي آباد ڪول مائن تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج X حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1593 سال 2026

مسمات Noom زال فريد مخراج ڌيءَ اسماعيل سولنگي رهندڙ نزد مراد شاهہ قبرستان ٽنڊو قيصر ٽنڊو ڄام ضلعو حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. فريد مخراج ولد مريد رهندڙ ڳوٺ محمد امين تعلقو ڪيرو ضلعو سانگهڙ. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهہ
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 93 سال 2026

مسمات رخسانہ ولد حاجي طارق علي ذات اعوان ويندل بيگو ديروتعلقو ڪي اين شاهہ ..پلينٽف..بخلاف.. جبدار ولد عنايت الله ذات اعوان ويندل بيگو ديرو تعلقو ڪي اين شاهہ ضلعو دادو حال سڪندرآباد گلزار هجري اسڪيم 33 ڊسٽرڪٽ ملير ڪراچي . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/جج ڪي اين شاهہ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 08 سال 2026

محمد عاشق ولد ڏٽي بخش ذات ڏاهري رهندڙ ڳوٺ Sandhan هالانيو ضلعو مٽياري ..پلينٽف..بخلاف.. عابد خان ولد غلام محمد ذات راجپوت رهندڙ محلہ مير نبي بخش ٽائون پريٽ آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ٿرڊ ڪلاس سوٽ فار رڪوري -/325000 روپيا ايڊميشن جي بنياد تي لاءِ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 146 سال 2026

مسمات ملڪ ڌيءَ علي محمد ڪيرير رهندڙ ڳوٺ نيو بلو تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف..بخلاف.. حسن ولد مير خان ڪيرير رهندڙ نيو بلو تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد 03238727011 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن 50 سال 2026فيملي سوٽ نمبر 146 سال 2026

(1) عابده پروين ڌيءَ نور الدين (2) بيبي دعا ڌيءَ سلار الدين (مائنر) رهندڙ محلہ غلام رسول شاهہ هائوس غريب آباد نوابشاهہ . پلينٽف. بخلاف. سلار الدين ولد محمد اسلم رهندڙ ڳوٺ ڪرم علي جمالي 60 ميل روڊ نوابشاهہ سيل نمبر 03253783700... ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

نالي جي درستي

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته منهنجي اسڪول رڪارڊ ۾ غلطي سان نالو وڪرم سنگهہ ولد تلسي داس لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صحيح نالو وڪرم سنگهہ ولد تلسي لکيو ۽ پڙهيو وڃي ۽ اهڙي درستگي رڪارڊ ۾ ڪري ڏني وڃي ۽ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن ضرورت وقت ڪم اچي سگهي

وڪرم سنگهہ ولد تلسي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير اباد
سڪسيشن درخواست نمبر 83 سال 2026

(1) اميرزادي بيواهہ مرحوم علي محمد (2) محمد مدني ولد مرحوم علي محمد معرفت ماءُ رهندڙ ڳوٺ محمد خان مگسي پي او صابر راهو تعلقو سڪرنڊ . اپيليڪينٽ. بخلاف. (1) اسسٽنٽ ڊائريڪٽر/ انچارج نادرا نوابشاهہ (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 370,372 سڪسيشن ايڪٽ جي سيڪشن 5(B), 2(B) تحت داخل ڪئي آهي فوتي علي محمد ولد خدا بخش جي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ مرحوم جو فوتي ڪاتو بدل بابت پرايزي ۾ فليٽ نمبر B-10 سيڪنڊ فلور ڊيسنٽ پلازه ايراضي 96 اسڪوائر يارڊ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 23 سال 2026

مسمات عارفہ ڌيءَ محمد حنيف ذات راجپوت رهندڙ ڳوٺ خاصپوره ستياري تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان..پلينٽف..بخلاف.. امتياز احمد ولد رانا اڪبر ذات راجپوت رهندڙ خاصپوره ستياري تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/فيملي جج ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر 12 سال 2026

دادن ولد محمد صالح ذات گنڀير رهندڙ ڳوٺ وسي ملڪ شاهہ تعلقو بلڙي شاهہ ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان..اپيليڪينٽ..بخلاف..(1) گل محمد ولد محمد هاشم ذات گنڀير رهندڙ ڳوٺ وسي ملڪ شاهہ تعلقو بلڙي شاهہ ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج . اپوننٽس (1) بيبي دعا حنيف ڌيءَ گل محمد عمر 15 سال ..مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته 25-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/فيملي جج ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرخاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته هيٺ ڄاڻايل موٽر سائيڪلون مون پنهنجي جوڙهڻ لاءِ خريد ڪري ورتي وڪري ڪري چڪيون آهن جنهن جا تفصيل هن ريت آهن

انجڻ نمبر	ماڊل	رجسٽريشن
6510153	2011	HAR-1558 CD-70
3926897	2014	HAY-4631 CC-1
6647990	2013	HAV-1137 CD-70
4596769	2009	CAC-5785
E145314	2023	DUL-2108
D 065422	2021	DUK 3094
8549183	2016	DUF-8419
B158265	2019	DUI-5244
9726535	2017	DUE-6178
8672102	2017	DUE-3733
B109828	2018	DUJ-1126
6899501	2015	DUF-3602

جيئن ته مذڪوره موٽر سائيڪلون مون وڪرو ڪري ڇڏيون آهن هن وقت جنهن وٽ به آهي يا جيڪو به استعمال ڪري رهيو آهي اهو پنهنجي نالي تي ٽرانسفر ڪرائي ڇڏي ڪنهن به صورتحال لاءِ آئون ذميوار نہ آهيان نہ رهندس.

ظهير احمد سومرو ويڏل سيتا وليج ضلع دادو

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿي ڏجي ته مون هڪ عدد گهر نمبر 57 ايريا 1590 اسڪوائر فٽ واقع خيابان مصطفيٰ هائوسنگ اسڪيم ديهہ 108 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص نالي منٺار ولد موگهيت مهر رهندڙ گهر نمبر 50 گلشن اقبال ميرپورخاص شناختي ڪارڊ نمبر کان خريد ڪرڻ جو سودو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبہ اعتراض هجي ته هن اشاعت کان پوءِ ستن ڏينهن اندر تحريري ثبوتن سان رابطو ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کان پوءِ ڪوبہ اعتراض قابل قبول نہ ڪيو ويندو ۽ خريد و فروخت جي قانوني ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

عبدالملڪ ولد عبداللطيف رهندڙ گلشن ڪالوني
ميرپورخاص شناختي ڪارڊ نمبر44103.9690707.9
موبائل نمبر 03363299740

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهہ ٿو ڪجي ته مون مسٽر سندر داس پٽ موهن شناختي ڪارڊ نمبر 4130316761999 کان سنڌس زمين 23-06 ايڪڙ ديهہ مرزا پور ٽپو هٽڙي تعلقو قاسم آباد خريد ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي اها زمين هٽڙي پوليس اسٽيشن جي پرسان آهي ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبہ اعتراض هجي ته اشاعت جي 07 ڏينهن اندر تعلقو مختيارڪار آفيس قاسم آباد وٽ دستاويزي ثبوتن سان پيش ٿين ٻي صورت ۾ ضروري ڪاغذي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي.

غلام مصطفيٰ راهوجو شناختي ڪارڊ نمبر
4120481143775 سيل نمبر 03008027585
اينڊ 03342659181

عام اطلاع

هرعام و خاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي حسينہ بيواهہ صاحب ڏنو ذات ملاح رهندڙ محمد يوسف ميربحر ديهہ ايلچي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي صاحب ڏنو ولد محمد پنهل تاريخ 12-2025-19 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هرهڪ نالي (1) محبوب ملاح ولد ميوو رهندڙ يوسف ميربحر (2) سجاد ولد محمد هاشم رهندڙ يوسف ميربحر يو سي ڏاسوڙي آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي صاحب ڏنو ولد محمد پنهل سنڌس پويان هيٺيان وارث ڇڏيا آهن (1) مريم (ڌي) (2) طيبه (ڌي) (3) فراز (پٽ) ڇڏيا آهن فوتي جا اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض نہ ٻڌو ويندو ۽ درخواستگذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي ڏاسوڙي تعلقو جهنڊو مري

بقايا 1 روزاني عبرت

حيدرآباد طارق نواز ڏاريجو جو ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق ڇهانگا ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايس پي ڊي سي ڪي ڊي ۽ ٻين عملدارن سان گڏ پوليس اسٽيشن ٿانوبولاخان جو دورو ڪري جائزو ورتو. ان موقعي تي ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق نواز ڏاريجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته بلوچستان صوبي جي صورتحال خراب آهي ڪوهستان تعلقي ٿانوبولاخان جو حدون بلوچستان سان گڏيل آهن جنهن سبب اسان حدن جو دورو ڪري سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ پهتا آهيون ، هن چيو ته اسان جو ڪوشش آهي ته بلوچستان جي خراب صورتحال جا اثر ڪوهستان تي نہ پون جنهن سبب سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو ورتي آهي جڏهن ته اڄان به سيڪيورٽي سخت ڪئي ويندي ، هن چيو ته ڪوهستان پُرامن علائقو آهي ڪوهستان جو امن خراب ٿيڻ نہ ڏنو ويندو ڊي آءِ جي حيدرآباد چيو ته بلوچستان ۽ ڪوهستان جي بارڊر وارن علائقن ۾ پوليس جو گشت ۽ پوليس چوڪيون وڌايون وينديون هن چيو ته بلوچستان جا حالات هن وقت تمام گهڻو خراب آهن صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي جنهن سبب اسان پنهنجن علائقن جو دورو ڪري رهيا آهيون ڪوهستان ۽ بلوچستان جي رستن تي سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويندا غير ضروري رستن کي بند ڪري ڪجهہ رستن کي کوليو ويندو بلوچستان کان ڪوهستان سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ رستن تي چوڪيون قائم ڪيون وينديون جيئن ڪو اڻٽيندڙ واقعو پيش نہ اچي سگهي

بقايا 2 روزاني عبرت

(تمغه امتياز) ڪيو افتتاح جي موقعي تي اورڪ جي ڊائريڪٽر ۽ مارئي گرلز هاسٽل جي پرووسٽ ڊاڪٽر فرحت نورين ۽ بيورو آف اسٽيڪس جو ڊائريڪٽر اجويد احمد پٺي ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چيئر اينڊ ڪنوينشن سينٽر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ريحانہ ملاح پڻ موجود هئا. هن ميلي ۾ مارئي گرلز هاسٽل ۾ رهندڙ شاگرديائين طرفان ديسي کاڌن، فروٽ چاٽ، چولا چاٽ مصالحن، سيڪروني، گول گپن، چانهہ ڪافي شريڪن هٿ جي هنر جي شين ڪپڙن اليڪٽرانڪس جي سامان پرٽ پريل رگن چادرن ڪتابن زيورن ميڪ اپ جي سامان سميت مختلف شين جا رعايتي اسٽال لڳايا ويا هئا. هڪ ڏينهن واري هن ڪاروباري صلاحيتن واري ميلي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جي وڏي تعداد شريڪ ٿي اسٽالن تان ڪاڏي پيتي سميت ٻيون شيون خريد ڪيون. افتتاح بعد وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري سمورن اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ اتي رکيل شين کي دلچسپي سان ڏٺو ۽ شاگردن جي ڪوشش جي واکاڻ ڪندي، ڪين اتساهہ ڏنو ان موقعي تي پنهنجا ويچار ونڊيندي وائيس چانسلر چيو ته هن قسم جا ميلا شاگردن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جو موقعو فراهم ڪن ٿا ۽ منجهن خوداعتمادي پيدا ڪن ٿا.هن چيو اسان جي ڪوشش آهي ته هاسٽلن ۾ رهندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي رهائش جي بهتر سهولتن سان گڏ رانديون ۽ ٻين هم نصابي سرگرمين لاءِ به وڌ ۾ وڌ سهولتون ۽ موقعا فراهم ڪريون ته جيئن اهي تفريح سان گڏ پنهنجي ٽئلنٽ کي به ظاهر ڪري سگهن هن چيو مارئي گرلز هاسٽل ۾ رهندڙ شاگرديائين طرفان جنهن محنت، دلچسپي ۽ سليقي سان هن ميلي ۾ اسٽال قائم ڪيا ويا آهن ان مان ثابت ٿئي ٿو ته منجهن بهترين ڪاروباري صلاحيتون موجود آهن، صرف ڪين رهنمائي ۽ موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي وائيس چانسلر چيو ته هن قسم جا ميلا نہ رڳو شاگردن ۾ بهترين ڪاروباري خيال پيدا ڪن ٿا پر شيون تيار ڪرڻ، اهي وڪري لاءِ رکڻ ، انهن مان منافعو حاصل ڪرڻ ۽ خريدارن سان ڳالهائڻ جو تجربو به حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪين خبر پوي ٿي ته شيون مارڪيٽ ۾ ڪيئن متعارف ڪجن ۽ انهن کي ٻين کان ڪيئن بهتر بڻائجي ان سان سندن اعتماد وڌي ٿو وائيس چانسلر اورڪ ۽ بيورو آف اسٽيڪس جي ڊائريڪٽرن جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته هي ميلو شاگردن جون ڪاروباري صلاحيتون، دلچسپي ۽ خوداعتمادي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ان موقعي تي اورڪ جي ڊائريڪٽر ۽ مارئي گرلز هاسٽل جي پرووسٽ ڊاڪٽر فرحت نورين ۽ ڊائريڪٽر اسٽيڪس اجويد احمد پٺي وائيس چانسلر کي ميلي ۾ قائم اسٽالن بابت آگاهي ڏني ۽ سنڌس شرڪت ۽ همت افزائي ڪرڻ جي مهرباني مڃي هن ميلي ۾ فئڪلٽي آف ڪامرس اينڊ بزنس ائڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو فئڪلٽي آف سوشل سائنس جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نائڪ رام فئڪلٽي آف لا جي ڊين ڊاڪٽر سردار علي شاهہ لڪياري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف، بوائز هاسٽلز جي پرووسٽ ڊاڪٽر پنهل لاشاري سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي چيئرمين ڊاڪٽر مظهر علي عباسي، اورڪ جي مئنيجر سيد اڪبر علي شاهہ سميت مختلف شعبن جي سربراهن فئڪلٽي ميمبرن ڊاڪٽر محمد حسن اگهيم ڊاڪٽر اصغر علي ڏاهر هڪڙو ڊاڪٽر محمد يونس لغاري ڊاڪٽر باراڻي ورياڻي ڊاڪٽر امبرين زيب خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 3 روزاني عبرت

ڊرڳو هٿي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي واضح رهي ته دوڙ جي آس پاس روڊ حادثا روزانه جو معمول بڻجي چڪا آهن جنهن سبب عوام جي پريشاني ۾ بيحد اضافو ٿيڻ انتظاميه جي نااهلي بي ڌيانائي سبب عوام کي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي عوام کي بيحدپريشاني ۾ مبتلاڪري ڇڏيوآهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ڪارروائي لاءِ ڪوسڪي ٿاڻي تي جوابدار عظيم خاصخيلي خلاف ڪيس داخل ڪرايو پر پوليس اڃا تائين جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو هن چيو ته جوابدار آزاد گهمي رهيو آهي ۽ ڪين مسلسل ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي احتجاج ڪندڙ بيءَ الزام لڳايو ته ڪوسڪي پوليس جوابدار خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران رشوت وٺي ڪيس گرفتار ٿيڻ کان بچائي رهي آهي جنهن سبب ڪين سخت خوف ۽ خطرو آهي هن چيو ته هڪ پاسي سنڌس معصوم نياڻي زيادتي جو شڪار ٿي جڏهن ته ٻئي پاسي جوابدار جي گرفتاري نہ ٿيڻ ۽ ڌمڪين سبب سنڌن خاندان سخت پريشاني ۽ خوف ۾ مبتلا آهي هن چيو ته هو غريب پورهيت آهي ۽ باثر ماڻهن سان مقابلو ڪرڻ جي سگهہ نٿو رکي تنهن ڪري اعليٰ اختيارين جي مداخلت ڪانسواءِ ڪين انصاف ملڻ ڏکيو نظر اچي رهيو آهي سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين سيشن جج بدين ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪوسڪي پوليس جي لاپرواهي خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي نورمحمد خاصخيلي ۽ سنڌس نياڻي چيو ته جيڪڏهن جوابدار کي ترت گرفتار ڪري ڪين تحفظ ۽ انصاف فراهم نہ ڪيو ويو ته هو بدين پريس ڪلب اڳيان مرڻ گهوڙي تائين بک هڙتال شروع ڪندا

بقايا 5 روزاني عبرت

مهم ۾ اسپتال ۾ موجود ٻارڙن کي پوليو ڦڙا پيارايا، ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته ڪافي عرصي کان صحت مرڪز زبون بڻيل هيو صحت واري وزير عذرا پيچوهو سان ڳالهہ ٻولهہ بعد تعميراتي ڪم شروع ٿيو آهي اميد ته اڏاوت بعد هي ضلع جي بهترين اسپتال ٿيندي، ان موقعي تي پ پ تعلقہ غلام مصطفيٰ منگي ايم ايس ڊاڪٽر تصور علي ميمڻ، مختيار ڪار ڳوڙهي ياسين شوڪت علي پنگوار،پريس ڪلب صدر شفيق مهر ،آفيس سيڪريٽري محڪم الدين مهر جاني خان پٺاڻ نعيم خان پٺاڻ ظهير عباس منگي غازي گل محمد ڪاڪيپوٽو سميت شهر جا معزز موجود هئا.

بقايا 6 روزاني عبرت

جي ڪوشش ڪئي جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو ڳوٺ ڪوڙو خان ميتلو ۾ غلام سرور ميتلو مبينا طور پنهنجي زال مسمات مريم کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو جنهن بعد جوابدار پاڻ کي به گولي هڻي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي واقعي کان پوءِ علائقي واسين ۾ چرڪ پکڙجي ويو ۽ ماڻهن وڏي انگ ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ويا واقعي جو اطلاع ملڻ تي ٻبرلو پوليس فوري طور تي پهچي عورت جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته زخمي غلام سرور بابت پڻ پوليس طرفان وڌيڪ ڪارروائي ۽ سنڌس حالت بابت ڄاڻ حاصل ڪئي پئي وڃي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ فائرنگ جو اصل سبب معلوم ڪرڻ لاءِ شاهدن کان پڻ معلومات ورتي پئي وڃي پوليس موجب واقعي جي مڪمل حقيقت جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سامهون ايندي، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو

بقايا 7 روزاني عبرت

بارجود بار بار وڌيڪ پئو وصول ڪرڻ لاءِ ڪين پريشان ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ايس ايس پي ۽ با اثر ماڻهو ارباب سمون ۽ روشن راجپر ملوث آهن هنن چيو ته ڊي سي ڄامشورو ارباب سمون سان ملي جعلي ليز ذريعي هاڻ اسان جي ريتي جي دڪن تي به قبضا ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن جنهن ڪري اسان سخت پريشاني واري صورتحال ۾ مبتلا آهيون هنن چيو ته مائنيز ۽ منرل ڪاتي جي ملي ڀڳت سان ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڪاتي جي با اثر آفيسر روشن راجپر وڏي پيماني تي خرد برد ڪئي آهي هنن چيو ته پيدا خوري جو اهڙو سسٽم پوليس جي نگراني ۾ هلي پيو هنن چيو ته ڪڏهن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ارباب سمون جي چوڻ تي ايس ايڇ او نوري آباد غلام حسين ڪوراڻي ايس ايڇ او خانوٺ ذوالفقار اوڏاڻو ۽ ايس ايڇ او زاهد جهڃيال ڪان ڌمڪيون ڏياريون پيا اسان کي ڪجهہ به ٿيو ته ذميوار ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ارباب سمون تي هوندي هنن وڌيڪ چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر پيدا خوري ختم نہ ڪئي وئي ۽ اسان جا ريتي بجري جا دڪا هلڻ نہ ڏنا ويا تهہ 28 سيپٽمبر تي ايس ايس پي آفيس اڳيان ۽ موٽر وي ايم 9 تي احتجاج ڌرڻا هڻندا

بقايا 8 روزاني عبرت

بارجود بار بار وڌيڪ پئو وصول ڪرڻ لاءِ ڪين پريشان ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ايس ايس پي ۽ با اثر ماڻهو ارباب سمون ۽ روشن راجپر ملوث آهن هنن چيو ته ڊي سي ڄامشورو ارباب سمون سان ملي جعلي ليز ذريعي هاڻ اسان جي ريتي جي دڪن تي به قبضا ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن جنهن ڪري اسان سخت پريشاني واري صورتحال ۾ مبتلا آهيون هنن چيو ته مائنيز ۽ منرل ڪاتي جي ملي ڀڳت سان ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڪاتي جي با اثر آفيسر روشن راجپر وڏي پيماني تي خرد برد ڪئي آهي هنن چيو ته پيدا خوري جو اهڙو سسٽم پوليس جي نگراني ۾ هلي پيو هنن چيو ته ڪڏهن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ارباب سمون جي چوڻ تي ايس ايڇ او نوري آباد غلام حسين ڪوراڻي ايس ايڇ او خانوٺ ذوالفقار اوڏاڻو ۽ ايس ايڇ او زاهد جهڃيال ڪان ڌمڪيون ڏياريون پيا اسان کي ڪجهہ به ٿيو ته ذميوار ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ارباب سمون تي هوندي هنن وڌيڪ چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر پيدا خوري ختم نہ ڪئي وئي ۽ اسان جا ريتي بجري جا دڪا هلڻ نہ ڏنا ويا تهہ 28 سيپٽمبر تي ايس ايس پي آفيس اڳيان ۽ موٽر وي ايم 9 تي احتجاج ڌرڻا هڻندا

بقايا 9 روزاني عبرت

آرڊر ورهايا ان موقعي تي ريگيولر ٿيندڙ ملازمن پاران عدالت جي حڪم تي عمل ڪندي سندن خدمتون ريگيولر ڪرڻ تي ڪاليج انتظاميا جا ٿورا مڃيا ملازمن جو چوڻ هو ته هو ڪيترن ئي سالن کان اداري ۾ پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيا هئا ۽ ريگيولر ٿيڻ سندن لاءِ وڏي خوشي ۽ اطمينان جو سبب آهي واضح رهي ته خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي ملازمن پاران ريگيولر ڪرڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو جيڪو ڪافي عرصي کان عدالت ۾ هلندڙ هو عدالت جي حڪم کان پوءِ خيرپور ميڊيڪل ڪاليج انتظاميا 57 ملازمن کي ريگيولر ڪري آفر آرڊر جاري ڪيا ويا آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

جنهن سان شادي ڪرائي ٿي ان جي عمر 40 سالن کان مٿي آهي جنهنجو نالو لڪمير ٽنيو آهي هن وقت مون کي پنهنجي گهر مان ٻي گهر ڪري ڇڏيو آهي، مون کي شڪ آهي ته منهنجي زال جا ناجائز تعلقات لڪمير سان آهن ان لاءِ ڊي سي ايس پي ۽ سيشن جج کان مطالبو ڪيان ٿو ته منهنجي معصوم نياڻي جي زندگي بچائي مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

عيوض ڇڏي ڏنو شهدادپور جڪيا پوليس پي پي ايل ڪمبٽ سائوٿ، شاهپور چاڪر ۽ مقصودو رند واري علائقي مان مبينا طور چوري ڪيل پائيپ ڪٽي اينڊڙ گروهہ جي چنگجي ٿلي واري کي گرفتار ڪرڻ بعد ڪيس مبينا طور50 هزار رپين جي ڏيتي ليتي ڪانپوءِ آزاد ڪري ڇڏيو.جڪيا پوليس مبينا طور چوري جا پائيپ سميت چنگجي ٿلي واري کي پڪڙي، سامان شهدادپور جي هڪ پرائيويٽ سوسائٽي ۾ زيرتعمير جاءِ تي رکرايو بعد ۾ جڪيا پوليس انچارج مبينا ڏيتي ليتي ٿيڻ ڪانپوءِ گرفتار شخص کي آزاد ڪري ڇڏيو واضح رهي ته پي پي ايل ڪمبٽ سائوٿ مان پائيپ ۽ ٻيو سامان چوري ڪندڙ گروهہ مبينا طور ڪباڙي وارن ۽ ڪجهہ پوليس اهلڪارن سان ڳنڍ جوڙ ذريعي اهڙيون وارداتون ڪندو رهي ٿو ٻئي طرف ساڃاهہ وند ڌرين ايس ايس پي سانگهڙ کان واقعي جو جاچ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

علي گوهر همين نادر سجل لاڪو ۽ ٻيا ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ مختلف طريقن سان تنگ ڪري رهيا آهن هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ لاچار بڻيل آهي جنهن سبب اسان کي جاني توڙي مالي نقصان جو خطرو آهي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته مڪ جوابدارن کي گرفتار انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو دادو پوليس جي اها دهشتگردي ڪنهن به صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي ايس ايس پي دادو جي اهڙي واقعي تي خاموشي ظاهر ڪري ٿي ته هو ان سڄي معاملي ۾ ملوث آهي فوري طور ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 14 روزاني عبرت

آزاد رهواسين پاران شڪايتون پڻ ڪيون ويون مارڪيٽ تي مبينا قبضي جو ٻڌي شهرين ۾ ڳڻتي پکڙيل ڪوڙڙي جي جهونن ۽ پرا رهواسين موجب شهر جي وچ ۾ قائم پراڻي گوشت مارڪيٽ ۾ نئين ۽ وڏي گوشت، مڇي ۽ ٻين ڪاروبارن جون دڪانون موجود هيون جڏهن ته مارڪيٽ جي چوڌاري ڀاڄين سبزين ۽ ڪرياني جي دڪانن جون قطارون پڻ هونديون هيون جتي ماڻهن جا وڏا هجوم ۽ پري پري کان ٻهراڙين جو عوام جي سمنڊ جون چوليون پڻ لڳل هونديون هيون . مارڪيٽ جي پراڻي عمارت زبون حال ٿيڻ ڪانپوءِ ميونسپل انتظاميا طرفان سنڌ حڪومت جي فنڊن سان نئين عمارت تعمير ڪرائي وئي پر شهرين جو چوڻ آهي ته نئين عمارت تيار ٿيڻ باوجود مين روڊ تي هلندڙ گوشت، مڇي، مرغي ۽ سبزي جي دڪانن کي نئين مارڪيٽ ۾ منتقل نہ ڪيو ويو آهي جنهن سبب مارڪيٽ تي گهٽ توجهہ ڏنو ويو ۽ سڄي مارڪيٽ جوڪچرو پڻ هتي جمع ٿيندو رهيو جنهن جي ڪري سڄي علائقي ۾ بدبوءِ ڦهليل رهندي هئي . شهرين موجب مين روڊ تي دڪان قائم هجڻ سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ سان گڏ شهرين کي به اچ وڃ دوران پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته ٻئي پاسي گوشت مارڪيٽ جي عمارت تي مبينا طور بااثر ماڻهن پاران قبضو ڪرڻ جو تياريون ۾ رذل نظر اچن ٿا هنن چيو ته وس وارن کي ۽ چونڊيل نمائندن کي هن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي.

بقايا 15 روزاني عبرت

تقسيم واري سوچ ايم ڪيو ايم جي ڪجهہ دهشتگردن جي آهي جيڪي هزارين ماڻهن جي ناحق خون ۾ ملوث آهن خالد مقبول صديقي ۽ فاروق ستار هڪ پريس ڪانفرنس ۾ پنهنجي موقف سان هڪ ٻئي سان متفق نہ آهن اهي سنڌ ورهائڻ جو خواب ٿا ڏسن صوبن واري معاملي تي آئيني طور پيپلز پارٽي پنهنجو موقف ڏئي چڪي آهي محسن نقوي ڪير ٿيندو آهي جيڪو سنڌ کي تقسيم ڪري ۽ اتي انتظامي يونٽ ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪري ان وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي هر ان عمل جي مخالفت ڪندي جيڪو آئين جي متراڊف هوندو ان موقعي تي تقريب کي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر صوبائي اسيمبلي ميمبر ريحانہ لغاري داؤد سومرو محمد علي خواجا شفيع لغاري اياز ميمڻ ابراهيم سوهو نعمان شورو لطيف اڪبر شاهہ فهد شورو ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا 16 روزاني عبرت

ايچ ڊي ڪنڊ سائين عبدالجبار نظاماڻي جن هئا. پروگرام جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر سائين محمد اسماعيل ميمڻ جن ڪئي، اعزازي مهمان سائين علي احمد بليدي پرنسپال گورنمنٽ هائير سيڪنڊري ٽنڊوباگو ، پروفيسر امتياز علي ڪمبراڻي پرنسپال مير غلام محمد خان ٽالپور ڊگري ڪاليج ٽنڊوباگو ، ٽي اي او پرائمري سائين امتياز احمد پنڀڻ، شاعر اديب سيد جڙيل بخاري، عوامي تحريڪ بدين ضلع جي اڳواڻ سائين مهراڻ درس، پرنسپال هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو شهر پروفيسر سائين گل حسن بليدي ، محمد بخش سمون ، قاسم لغاري سميت غلام اڪبر خواجہ ، منور عالم ڪٽري ، مبشر عالم ڪٽري ،فراق هاليپوٽو منظور احمد سمون ،شبير احمد لغاري ،علي احمد چانڊيو غلام حيدر بڪاري، مختيار احمد بڪاري يوسف ملاح، سائين اشفاق احمد ميمڻ ،سائين خبير ميمڻ، سائين باسط چانڊيو صدام اسحاق ميمڻ ، سوين ماڻهن ۽ اسڪولي شاگردن شرڪت ڪئي ،انهي موقعي تي ورسي ۾ شريڪ مقررن مرحوم محمد صديق مسافر جي ڪيل خدمتن تي روشني وجهندي چيو ته محمد صديق مسافر ٽنڊوباگو نہ بدين نہ پر سنڌ جو وڏو هيرو ۽ نالو آهي، اڄ کان هڪ صدي اڳ مرحوم مير غلام محمد ٽالپور ذاتي خرچ سان بدين ضلع جي ٽنڊوباگو شهر اندر غريب مسافر شاگردن لاءِ هي تاريخي مدرسو جوڙايو جنهن مان لکين شاگرد پڙهي نڪتا جن مان اڪثريت نوجوان ملڪ جي اعلي عهدن تي پهتا ، مقررين چيو ت تقريب جي سجاوٽ جو سهرو پروگرام ڪندڙ ڪيمرا تي وڃي ٿو مير صاحب هڪ صدي اڳ اسڪول قائم ڪيو سنڌس پائيواري مسافر ڪئي هي سنڌ جا هيرو آهين هوش محمد شيدي مڙويسو مڙويسيو جو نعرو هڻي سنڌ جو سپوت پٽ هجڻ جو ثبوت ڏنو ،مسافر جو ڪير پٺي سو رير ٿي جهڙي شاعري چٽي باراڻي ادب جو نالو بڻيو ،مسافر سڄي سنڌگي مير صاحب سان گذاري جيڪا پڻ ايمانداري ۽ سچائي سان ، مسافر مير صاحب جي مشن کي آبياري ڏني ، صديق مسافر هڪ گڏي شخصيت جو مالڪ هو ، سنڌس شخصيت تي جيترو ڳالهائجي گهٽ هوندو مرحوم محمد صديق باراڻي ادب جا سوين ڪتاب لکيا ۽ سنڌ ۾ باراڻي ادب جو پهريون شاعر بڻيو خان بهادر مير غلام محمد ۽ مرحوم محمد صديق مسافر جا سنڌ خاص ڪري لاڙ سميت بدين ضلع جي غريب شاگردن تي وڏو احسان ڪيو ،اسان اڄ جيڪي هتي موجود آهيون سنڌن ئي بدولت موجود آهيون ،هر ماڻهو پنهنجي زميدواري پاڻ نڀائيندو ته نتيجا ايندا ،مير صاحب ذاتي خرچ سان انهي جهالت واري دور ۾ هي تاريخي مدرسو جوڙايو ، انهي دور ۾ پئسن وارا بيا ٻ ڪوڙ موجود هئا پر مير صاحب هي مدرسو قائم ڪري سنڌ اندر هڪ نالو بڻجي ويو , اسان مرحوم مير غلام محمد ٽالپور ۽ صديق مسافر کي سلام ٿا پيش ڪريون ،مير صاحب مدرسي جي صورت ۾ جيڪو باغ پوکيو مسافر انهي جو مالي بڻجي خدمت ڪئي 1920 دوران جڏهن هي مدرسو قائم ڪيو ويو ته ڪيس هلائڻ لاءِ مرحوم محمد صديق مسافر وڏي ڪوشش ڪري ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ ٺهي لغاري لڳ ڳوٺ ولي محمد لغاري وڃي انهن جي مدرسي مان 70 کن شاگرد وٺي اچي اسڪول ۾ داخل ڪرايا ۽ هي تاريخي اسڪول هلايو ،هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماسٽر پڻ سائين محمد صديق مسافر رهيو ،مرحوم صديق مسافر اڄ پڻ باراڻي ادب جو سنڌ پهريون شاعر ليکيو ويندو آهي ،سنڌس خدمتن تي ڪيس سلام ٿا پيش ڪريون . آخر ۾ مرحوم محمد صديق مسافر جي ڪيل خدمتن تي بهترين تقريرون ڪندڙ ۽ سنڌ شاعري پيش ڪندڙ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي روڪ رقم سميت ڪاڻيون انعام طور ڏنيون ويون

بقايا 17 روزاني عبرت

۽ ٻين شرڪت ڪئي آفيس جو افتتاح ميونسپل ڪاميٽي ڪمبٽ جو وائيس چيئرمين پ پ سٽي جو صدر سيد سجاد حيدر شاهہ بخاري صفدر سهتو ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته واپارين جو اتحاد تمام ضروري آهي انتظاميه کي واپارين شهرين کي تحفظ اهم ذميواري آهي اسين تاجران برادري جي مسئلن جي ڪوشش ڪنداسين شهر جي بجلي صفائي جهڙا اهم مسئله حل ڪيا ويندا ڪمبٽ انجمن آل تاجران جو بنياد وڌو آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

پوليس ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس دوران ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سال 2026 ع دوران داخل ٿيل قتل جي ڪيسن پراپرٽي ڪرائم منشيات فروشي رپوش ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري سميت ٻين ڏوهن خلاف پوليس پاران ڪيل ڪارروائين ۽ ڪيسن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ايس ايس پي بدين آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي اندر امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس گشت، اسنيپ چيڪنگ ۽ ناڪابندي کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي، جڏهن ته ڏوهاري عنصرن جي سرگرمين تي سخت نظر رکي وڃي ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي هن هدايت ڪئي ته رپوش ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ سنگين ڪيسن ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن ايس ايس پي بدين منشيات فروشن خلاف جاري ڪارروائين ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جي هدايت ڪندي چيو ته منشيات خاص طور تي آئس، چرس، گٽڪي سفينا ۽ ٻين منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ منشيات جي اڏن جي خاتمي لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن هن آفيسرن کي وڌيڪ هدايت ڪئي ته قتل، ڦرلٽ، چوري، موٽرسائيڪل ۽ ٻين پراپرٽي ڪرائمز جي ڪيسن جي جاچ ميرٽ ۽ جديد جاچ واري طريقيڪار موجب مڪمل ڪئي وڃي ۽ زير جاچ ڪيسن جا چالان بروقت عدالتن ۾ پيش ڪيا وڃن ايس ايس پي بدين واضح ڪيو ته فرضن ۾ غفلت، ڪيسن جي جاچ ۾ دير يا ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائي ۾ سستي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نہ ڪئي ويندي. سمورا آفيسر پنهنجي پنهنجي ٿاڻي جي حدن اندر ڏوهن جي روڪٿام ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪيواجلاس ۾ ڊي ايس پي بدين شڪيل احمد سولنگي ڊي ايس پي ماتلي طارق لطيف خانزاده، سب ڊويزن بدين ۽ سب ڊويزن ماتلي جا سمورا ايس ايڇ اوز ۽ سب انسپيڪٽر لکهو مل ريڊر ٽو ايس ايس پي بدين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 19 روزاني عبرت

اسد سڪندر کي ضلعي ڄامشوري لاءِ سوشل ويلفيئر ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪرڻ کانپوءِ ڪميٽي جو اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس دوران ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ضلعي ۾ جاري آئل اينڊ گئس ڪمپنين CSR فنڊز جي مختلف ترقياتي منصوبن صحت، تعليم پبلڪ هيلٿ ۽ ٻين شعبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس ۾ چيئرمين ضلع ڪائونسل سهيل احمد شورو چيئرمين يوسي جهانگارا سيد فرقان علي شاهہ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون بابر خان نظاماڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد طارق ڪاڪا، ضلعي صحت آفيسر ڄامشورو ڊاڪٽر پير منظور احمد، چيئرمين ٽائون ڪميٽي بلال قادر شورو ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ ايجوڪيشن ورڪس پبلڪ هيلٿ، پي ايڇ اي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 20 روزاني عبرت

ڄامشورو شهر توڙي ضلعي اندر بدامني وڌي وئي آهي سرعام شهرين کان ڦرڻ لٽڻ جا واقعا پيش اچي رهيا پر پوليس خاموش آهي هنن چيو ڄامشورو پوليس جي سرپرستي ۾ سڄي ضلعي توڙي ڄامشورو شهر منشيات سرعام وڪرو ٿي آهي پوليس ٿاڻا منشيات فروشن کي وڪرو ڪيا ويا آهن پر ايس ايس پي ڄامشورو خاموشي اختيار ڪري ويٺو آهي هنن مطالبو ڪيو آهي شهر اندر بدامني ۽ منشيات فروشي جو خاتمو آندو وڃي ۽ ڦرڻ چورڻ ڌاڙن ملوثن کي گرفتار ڪري شهرين کي رڪوري ڪرائي ڏني وڃي

بقايا 21 روزاني عبرت

بورڊ جي ڪارڪردگي ۽ مختلف ترقياتي توڙي ادبي منصوبن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي مخدوم سعيد الزمان عاطف ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي معاملن تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نہ ڪئي ويندي، سنڌ جي وحدت، سجاڳي ۽ حقن بابت سنڌي قوم جو موقف چٽو ۽ واضح آهي هن چيو ته ڏاڙو ٿيل ريلي بابت ڪراچي واسين جو ردعمل پڻ اهم آهي جن ان ۾ شرڪت نہ ڪري ان عمل کي رد ڪرڻ جو واضح اظهار ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي، تاريخ، ٻولي ۽ ثقافتي سڃاڻپ سان گهري محبت آهي ۽ سنڌ جي حقن بابت هر قدم سوچي سمجهي سان کنيو ويندو ملاقات دوران سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين پير مظهر الحق صديقي سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٿيندڙ ادبي، علمي ۽ انتظامي ڪم ڪار بابت ڳالهائيندي مخدوم سعيد الزمان عاطف جي دور ۾ بورڊ اندر ٿيندڙ مختلف سرگرمين ۽ قدمن کي ساراهيو هن چيو ته سنڌي ادب، ٻولي ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ ادارن جو فعال ڪردار انتهائي اهم آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي علمي ۽ ادبي ورثي جو اهم امين ادارو آهي مخدوم سعيد الزمان عاطف چيو ته سنڌي ادبي بورڊ کي جديد دور جي ضرورتن موجب بڻائڻ لاءِ مختلف شعبن ۾ ڪم جاري آهي سنڌي ادب جي ڪتابن جي اشاعت، ترجمي، نون منصوبن، ادبي سرگرمين ۽ جديد ذريعن وسيلي سنڌي ادب کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ ٻڌايو ته سنڌ گورنمينٽ سان سنڌي ادبي بورڊ جي مختلف اسڪيمن بابت لکپڙهہ جو سلسلو جاري آهي ۽ لاڳاپيل معاملن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ادارتي سطح تي ڪوششون جاري آهن هن اميد ظاهر ڪئي ته انهن معاملن ۾ اڳڀرائي سان سنڌي ادب، ٻولي ۽ ثقافت جي خدمت لاءِ وڌيڪ نوان موقعا پيدا ٿيندا. ملاقات ۾ سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ موجوده سماجي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن سنڌي ادبي بورڊ کي وڌيڪ فعال ۽ سگهارو بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو

بقايا 22 روزاني عبرت

هوپروفيسر عبدالسميع پنهور چيو ته چانورن جي فصل مارڪيٽ ۾ اچي وئي آهي، پر آبادگارن کي چانورن جا مناسب اگهہ نہ ملي رهيا آهن هن مطالبو ڪيو ته حڪومت چانورن جا سرڪاري اگهہ مقرر ڪري ۽ انهن تي سختي سان عملدرآمد ڪرائي.هن چيو ته واهن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب فصلن جي گهربل پيداوار حاصل نہ ٿي رهي جنهن ڪري آبادگارن کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو ٿورسنڌس چوڻ هو ته حڪومت طرفان في ايڪڙ 4 هزار رپين جي سبسڊي ناڪافي آهي ان ڪري آبادگارن کي في ايڪڙ 30 هزار رپين جي سبسڊي ڏني وڃي جيئن ٻج پاڻ ۽ ڊيزل سميت زرعي خرچ پورا ٿي سگهن.هن چيو ته زرعي پاليسي زرعي ماهرن ۽ آبادگارن سان صلاح مشوري ڪان پوءِ تيار ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ آبادگار وڌيڪ بحران جو شڪار ٿي سگهن ٿا.هن مطالبو ڪيو ته ڪمند، ڪپهہ ۽ ڪڻڪ لاءِ نئين آبادگار دوست پاليسي تيار ڪئي وڃي جيئن آبادگارن کي ٿيندڙ نقصان کان بچائي سگهجي.

بقايا 23 روزاني عبرت

جي ڪمشنر فياض حسين عباسي پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو وائلڊ لائيف ڪاتي جي درخواست تي ڄامشورو ۽ دادو ۾ 90 ڏينهن لاءِ پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

سائنسي ميلي جو خاص مهمان پاڪستان پيپلز پارٽي جو ايم اين اي سيد جاويد شاهہ جيلاني هو ان موقعي تي سيد جاويد شاهہ جيلاني خطاب ڪندي چيو ته جيڪڏهن صوبن ۾ احساس محرومي وڌندي ۽ انهن کي جائز حق نہ ملندا ته ملڪ ۾ انتشار پکڙجندو ملڪ ۾ انتشار واري سياست جو خاتمو ٿيڻ گهرجي تحريڪ انصاف کي لانگ مارچ مان ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو لانگ مارچ سبب ملڪ جي معيشت کي نقصان پهچي رهيو آهي. پر ان باوجود هو پنهنجي ضد تي قائم آهن هن چيو ته ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ ناممڪن آهي، ڪراچي سنڌ کي 75 سيڪڙو روينيو ڏئي ٿي پوءِ ڪراچي کي سنڌ کان ڪيئن الڳ ڪري سگهجي ٿو؟ متحده وارا ٻارن وانگر ضد ڇڏين سيد جاويد شاهہ جيلاني چيو ته سنڌ ۾ ٽيلنٽ جي ڪا به کوٽ ناهي اڄ هتي اچي مون کي حيرت ٿي آهي ته خيرپور جهڙي شهر ۾ ايترو ٽيلنٽ موجود آهي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي ته ان ٽيلنٽ کي اجاگر ڪيو وڃي منهنجي ڪوشش هوندي ته خيرپور ضلعي جا شاگرد ۽ شاگرديائيون اڳتي اچي خيرپور ضلعي سان گڏ ملڪ جو نالو روشن ڪن هن چيو ته سنڌ حڪومت تعليم صحت، زراعت سميت ٻين شعبن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، جڏهن ته سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي سخت ضرورت آهي ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپال مهويش بلوچ، مطهر سيال فواد زيدي، راجا شاهہ نديم اختر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 25 روزاني عبرت

جبر جي حڪومت هلائي پئي وڃي جنهن کي ڪنهن به صورت قبول نہ ڪنداسين پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ ڪامياب ٿيندو سڄي ملڪ ۾ لانگ مارچ ۽ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا لانگ مارچ جماعت اسلامي جيان اڌ رستي تي ختم نہ ٿيندو اسلام آباد ۾ ضرور داخل ٿيندو ملڪ ۾ لاقانونيت سبب ڪير به آزاد ناهي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سنڌس فيملي کي ناجائز قيد ۾ رکيو ويو آهي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ٿيندا ان موقعي تي قومي ڪارڪن غلام سرور ابڙو پي ٽي آءِ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ٻئي طرف شهر جي مختلف علائقن ۾ آگاهي مهم هلائي وڃي هنن عوام کي شرڪت جي اپيل ڪئي

بقايا 26 روزاني عبرت

حقن عزت ۽ وقار سان گڏ معاشري ۾ اڳرائي شرڪت بابت آگاهي ڪي هٿي وٺرائڻ هو ميلي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڪيول ميگهواڙ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

بقايا 27 روزاني عبرت

ڄامشورو جي آءِ ٽي هال ۾ ٿيل جڏهن ته حيدرآباد ۾ ٿيندڙ سيشن ۾ ڪراچي سکر نوابشاهہ ۽ خيرپور/گمبٽ مان شرڪت ڪندڙن آن لائن شرڪت ڪئي

بقايا 28 روزاني عبرت

ٿئي اندر واٽر سپلاءِ ڊرينيج آر او ۽ الٽرا فلٽريشن پلانٽن پيور بلاڪ ۽ ٻين جاري توڙي مڪمل ٿيل ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ سهيل قريشي ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت، چيف انجنيئر ڊولپمينٽ حيدرآباد ڊويزن شفيق ميمڻ چيف انجنيئر او ايم حيدرآباد ڊويزن اختر عالماڻي، چيف انجنيئر رورل ڊولپمينٽ حيدرآباد ڊويزن جميل لبرا سميت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 29 روزاني عبرت

بحث سنڌ ۽ ملڪ کي ٽوڙڻ جي سازش آهي مطالبو ڪريون ٿا ته وفاقي وزير داخلا ۽ ڊي جي آئي ايس پي آر پريس ڪانفرنس ڪري انهي ٿيندڙ بحث کي بند ڪيو وڃي اجلاس ۾ چيو ويو ته پهريان ئي سنڌ جي ورهاست خلاف سنڌ اسيمبلي مان 6 دفعا قرارداد پاس ڪري چڪي هيون

بقايا 30 روزاني عبرت

جيڪو سارين جي لاباري لاءِ پنهنجي گهر پاڻين سان گڏ آيل هو. ڳوٺاڻن طرفان گجو پوليس کي اطلاع پوليس جاءِ واردات تي پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 31 روزاني عبرت

سخت ڌڪ لڳا جنهن سبب هو زخمي ٿي پيو واقعي بابت ڪڙيو گهنور ٿاڻي تي پهچي درخواست ڏيڻ باوجود پوليس سنڌس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري رهي آهي جنهن سبب هو سخت پريشان آهي زخمي خان محمد خاصخيلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سنڌس ڪيس داخل ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جا نائب آهن جن پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ دين اسلام جي پرچار ڪئي ۽ بنا ڪنهن فرق جي سمورن انسانن کي پيار ڏئي ڪين پنهنجو بڻايو

بقايا 33 روزاني عبرت

واپس نہ آيا هنن چيو ته اسان جا ٻار ڪنهن اغوا ڪيا آهن اسان کي اغوا جو شڪ لڳي ٿو هنن چيو ته ايس ايس پي ڄامشورو ۽ وس وارا نوٽيس وٺن ۽ اسان کي ٻار ڳولي ڏنا وڃن .

بقايا 34 روزاني عبرت

جوابدارن حسين ملاح ۽ شريف ملاح کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او ٿاڻو پنگريو انسپيڪٽر مولچند ميگهواڙ عملي سان گڏ ڪارروائي ڪندي منشيات جي ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار خير محمد ماڇي کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او ٿاڻو پنگريو انسپيڪٽر مولچند ميگهواڙ عملي سان گڏ وڌيڪ ڪارروائي ڪندي روپوش جوابدارن نظام الدين، صدر الدين اعجاز رسول بخش، راشد علي ۽ دوست محمد لغاري کي پڻ گرفتار ڪري ورتو هوڏانهن ايس ايڇ او ٿاڻو ڪڍڻ انسپيڪٽر غلام حيدر پنهور عملي سان گڏ ديهي شراب ڀٽي تي ڇاپو هڻي 80 ليٽر ديهي شراب هٿ ڪري ورتي پوليس ڪارروائي دوران جوابدار مبين ملاح کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

بقايا 35 روزاني عبرت

ويو پوليس ٽريڪٽر ٽرالي کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي واقعي جو ڪيس وغيره داخل ناهي ٿيو

بقايا 36 روزاني عبرت

لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا، جن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ فريدآباد ٿاڻي آندو ويو جتان ابتدائي طبي امداد بعد سيهڻ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۽ وڌيڪ ڇڪتاڻ کي روڪڻ لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

شهري غلام رسول ميراڻي جي فرياد تي پوليس اهلڪار رفيق احمد خشڪ خلاف دادو اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو،

بقايا 38 روزاني عبرت

بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا ان موقعي تي ناري جي مڙس آصف سڌايو نثار اوڙ صابر اوڙو ۽ ٻين ڏانهندي چيو ته هڪ ڏينهن اڳ اسان جي ناري سوئيم سڌايو جي طبيعت ٿوري ناساز ٿي جنهن ڪري هو ڊاڪٽرياڻي زيب النساء وٽ وٺي ويا جتي ڊاڪٽرياڻي هڙ جي ڊي اين سي ڪري ڪيس رت چاڙهيو ۽ بعد ۾ ان کي انجيڪشن لڳائي جنهن دوران اسان جي نياڻي تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي هن چيو ته ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي جي غفلت سبب اسان جي ناري فوت ٿي آهي، پوليس ڪالهہ کان وٺي ڪيس داخل ڪرڻ جا ڏڪا دلاسا ڏئي رهي آهي پر ڪيس داخل نٿي ڪري، هنن چيو ته ناري جي فوتگي حادثاتي نہ پر غفلت سبب ٿي آهي جنهن ڪري ڊاڪٽرياڻي سميت عملي مٿان غفلت جو ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 39 روزاني عبرت

هاشمي اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهہ سکر جي ميئر ارسلان شيخ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر سيد احمد شاهہ پارليامينٽ ميمبرن اعليٰ سرڪاري عملدارن ۽ سفارتي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 40 روزاني عبرت

حسام گرين سٽي ۾ ٻوٽا لڳائڻ وقت ڳالهائيندي چيو ته هن چيو ته هيءَ هائوسنگ اسڪيم جيڪا سمورين قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ کانپوءِ شروع ڪئي آهي جنهن ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهيون جديد سهولتون مهيا ڪيون ته جيئن گهر تعمير ڪندڙ عام ماڻهو ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي ان موقعي تي همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو ته همدرد هميشہ عوام جي ڀلائي وارو پاسو ورتو آهي جنهن جا ڪيترائي سماجي ڪم آهن

بقايا 41 روزاني عبرت

بيماري ۾ مبتلا آهي جڏهن ڳالهائڻ ۾ به ڪيس مسئلو پيش ايندو آهي جنهن سبب ڳالهائي به نہ سگهندو آهي هن الزام هڻندي چيو ته سنڌس ڏير جاويد، رحيم رزاق، مصري ۽ ضمير منهنجي ۽ منهنجي مڙس سوڌو ٻارن کي وحشيائي تشدد جو نشانو بڻائيندا آهن جڏهن ته گهر خالي نہ ڪرڻ جي صورت ۾ پيٽرول هاري موتکي گهرڀاتين سوڌو ساڙي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته موتکي ۽ منهنجي مڙس ۽ ٻارن کي ڄاڻايل ماڻهن مان جاني خطرو آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 42 روزاني عبرت

ويو ۽ رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪافي عرصي کان سوري ٽٽڻ سبب اتان گذرندڙ ٽريفڪ ۽ ٿنڊين گاڏين کي تڪليف جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي سندن چوڻ آهي ته فوري طور تي سوري ۽ روڊ جو مرمتي ڪم ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا 43 روزاني عبرت

ڪرڻ لاءِ سيپڪو سرڪل آفيس شڪارپور ۾ خاص ڪليل ڪچهري ڪوٺائي وئي ڪليل ڪچهري ۾ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا بجلي سان لاڳاپيل مسئلا لاڳاپيل عملدارن آڏو پيش ڪيا. شهرين پاران ڊيٽيڪشن بلن اضافي بلنگ، لوڊشيڊنگ، بجلي جي فراهمي ۾ ڏکيائين ڪنيڪشن ۽ ٻين مسئلن بابت سيپڪو عملدارن کي آگاهہ ڪيو ويو جن کي غور سان ٻڌڻ کانپوءِ جائز مسئلن جي حل ۽ شڪايتن جي ازالي لاءِ موقعي تي ئي ضروري ڪارروائي ڪئي وئي

بقايا 44 روزاني عبرت

(آءِ ايس پي آر) موجب تصديق ٿيل اطلاع تي ڪيل ان گڏيل ڪارروائي دوران وڏي مقدار ۾ پرڏيهي شراب ۽ غير قانوني دوائون ضبط ڪيون ويون جڏهن ته ضبط ڪيل سامان وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پاڪستان ڪوسٽ گارڊز جي حوالي ڪيو ويو آهي آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته اها ڪامياب ڪارروائي ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطي جو ثبوت آهي پاڪستان نيوي ۽ ڪوسٽ گارڊز پاڪستان جي سامونڊي ۽ زميني رستن کي غير قانوني سرگرمين کان محفوظ رکڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا 45 روزاني عبرت

98.46 ڊالرز في بيرل ۾ طئہ ٿيا. اسپاٽ گولڊ جي اگهہ ۾ 30.06 ڊالر جي گهٽتائي آئي ۽ سون جو اگهہ 4330.66 ڊالرز في اونس ۽ چاندي جو اگهہ 0.21 ڊالر جي اضافي کان پوءِ 66.74 ڊالر في اونس ۾ طئہ ٿيا. مڪئي جو اگهہ 5.25 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 531.50 ڊالرزجڏهن ته ڪڻڪ جو اگهہ 8.50 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 708.75 ڊالرز في بشل ٿي ويو اهڙي ريت کيهہ جي اگهہ ۾ 0.09 سيڪڙو جڏهن ته چوپائي سال جي اگهہ ۾ 2.55 ڊالرز جو اضافو ٿيو

بقايا 46 روزاني عبرت

ڇڏيو.واقعي کان پوءِ علائقي واسين زخمي صديق ميمڻ کي فوري طور تعلقي سول اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو جتي هو زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ جي لهر پکڙجي وئي،

[illegible] ڳوٺ جي رهواسي صديق ميمڻ ۽ رحيم ميمڻ مبينا طور زمين [illegible] سان تشدد ڪري سخت زخمي ڪري
ميمڻ کي سنڌس [illegible] ميمڻ ۽ نويد [illegible] ڪرڻ واري معاملي تان [illegible] بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

EXTENSION NOTICE

1. Reference our Auction Notice published in newspapers on **12.09.2026**, it is notified that the open auction dates of the following locations are extended as follows:

S#	LOCATION	DESCRIPTION	REVISED DATE OF AUCTION
01	CHAK NARANG BASE STORE CHAKWAL	SCRAP, BITS , BATTERIES, VEHICLES, TYRES, MISC. ITEMS	12.10.2026 AT 1000 HRS
02	KHADEJI BASE STORE KARACHI	SCRAP, BITS, BATTERIES, VEHICLES, TYRES, MISC. ITEMS	14.10.2026 AT 1000 HRS

All other terms and conditions will remain unchanged.

General Manager (MMD)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-9218049

ogdcl.com
No.181/15

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج _II ۾ شهيد بينظير آباد

ايف سي سوٽ نمبر 145 سال 2026

قائدِ عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس ۽ ٽيڪنالوجي معرفت رجسٽرار رضوان عزيزي صديقي... پلينٽف .... بخلاف....

(1)**عاشق علي ميمڻ ولد ساجن عرف غلام الله ميمڻ، ليڪچرار/اسڪالر، شعبو اليڪٽريڪل انجنيئرنگ، ڪوئسٽ، نوابشاهہ**

پتو:معرفت (1) ڊاڪٽر رفيق ميمڻ علي عباس ميڊيڪل اسٽور سوڀو ديرو پي او تعلقو سوڀوديرو ضلعو خيرپورميرس (2) گهر نمبر A/65/100 عبدالله ٽائون قاسم آباد ضلع حيدرآباد

(2)**مسٽر محمد صديق ولد محمد سومار خان ميمڻ رهندڙ ڳوٺ رازل ميمڻ سوڀوديرو ضلعو خيرپور ميرس**

(3)**مختيارڪار روينيو تعلقو سوڀوديرو ضلعو خيرپور ميرس**

(4)**صوبو سنڌ معرفت سيڪريٽري ايجوڪيشن، بذريعہ ڊپٽي ڪمشنر، خيرپور ميرس** ...... ڊفينڊنٽس

بنام:

نالي مٿي ڄاڻايل ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿي ڏنل پلينٽف توهان جي خلاف -/13,907,587 رپين جي ڊڪليريشن ۽ وصولي جو ڪيس داخل ڪيو آهي. جيڪو توهان جي تحريري جواب/اعتراضن لاءِ تاريخ 09.10.2026 تي صبح 08:30 وڳي مقرر ڪيو ويو آهي. جيئن ته توهان کي عام طريقي سان نوٽس تعميل نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري توهان کي هن اخبار ذريعي اطلاع ڏني وڃي ٿي ته توهان بذاتِ خود، وڪيل جي معرفت يا ڪنهن بااختيار ايجنٽ ذريعي هن عدالت ۾ حاضر ٿي ٻڌڻي جي تاريخ تي پنهنجا تحريري جواب/اعتراض داخل ڪريو. غير حاضريءَ جي صورت ۾ مٿئين درخواست تي قانون موجب هڪطرفي (Ex-parte) ڪارروائي ڪندي فيصلو ڪيو ويندو.اڄ مورخہ 22 سيپٽمبر 2026ع تي منهنجي دستخط ۽ عدالت جي مهر سان جاري ڪيو ويو.

PID(H)85/2026

بحڪم:

(علي بخش ميمڻ) سي او سي ۽ سينئر سول جج _II ۾ شهيد بينظير آباد

ٿاڻوبولاخان سميت ڪوهستان ۽ بلوچستان جي صورتحال سبب سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جو فيصلو

ڪوهستان پُرامن علائقو آهي، هتي امن امان جي صورتحال خراب ٿيڻ نه ڏني ويندي: ڊي آءِ جي حيدرآباد

بلوچستان ۽ ڪوهستان کي ملائيندڙ رستن تي سيڪيورٽي انتظام سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ رستن تي پوليس چوڪيون قائم ڪيون وينديون، اڻوڻندڙ واقعي کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

ٿاڻوبولاخان (رپورٽ: شوڪت خاصخيلي) ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق نواز ڌاريجو طرفان اوچتو پوليس اسٽيشن ٿاڻوبولاخان جو دورو، مختلف معاملن جو جائزو ورتو، صحافين جو ڳالهيون، خبر موجب ڊي آئي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٿاڻوبولاخان: ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق نواز ڌاريجو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ يونيورسٽي ۾ مارئي گرلز هاسٽل جو ٻهرين انٽرپرينئرشپ ميلو منعقد

شاگرديائين پاران ديسي کاڌن، هٿ جي هنر، اليڪٽرانڪس، ڪتابن ۽ زيورن جا اسٽال لڳايا ويا

اهڙا ميلا شاگردن ۾ ڪاروباري صلاحيتون، خوداعتمادي ۽ عملي تجربو پيدا ڪن ٿا: وائيس چانسلر

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي آفيس آف دي ريسرچ انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن (آورڪ) شعبي طرفان بيورو آف اسٽيڪس جي سهڪار سان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر اينڊ ڪنوينشن سينٽر ۾ ٻهرين مارئي گرلز هاسٽل انٽرپرينئرشپ ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن جو افتتاح سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر فتح مري اسٽالن جو دورو ڪري رهيو آهي

دوڙ پرسان تيز رفتار ٽرڪ ۽ ڪار ۾ ٽڪر سبب ٻه ڄڻا سخت زخمي، اسپتال منتقل

دوڙ (ن ع) دوڙ سن ميل روڊ تي ڪرم پيٽرول پمپ پرسان تيز رفتار ٽرڪ ۽ ڪار ۾ ٽڪر ڪار سوار 2 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جن جو تعلق مري برادري سان ٻڌايو پيو وڃي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ڊرائيور کي علائقن واسين جي مدد سان پوليس گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته حادثي خلاف رهواسين ۽ جسقم بشيرخان جي ڪارڪنن پاران دوڙ سن ميل روڊ تي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو جوابدار زال کي گولين هڻي قتل ڪري پاڻ به آپگهات جي ڪوشش ڪئي

ڳوٺ ڪوڙو خان ميتلو ۾ غلام سرور ميتلو گهروتڪرار تان زال مريم کي قتل ڪري پاڻ کي گولي هڻي ڇڏي

واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش ۽ زخمي کي ڪٿائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور پرسان ڀيرلوءِ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪوڙو خان ميتلو ۾ مبينا طور گهرو تڪرار تان مڙس پنهنجي زال کي گولين هڻي قتل ڪرڻ بعد پاڻ کي به فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ريتي دڪن ۽ ڊرائيورن کان مبينا ڀتا خوري خلاف ٽرانسپورٽرن جو احتجاج

بااثر ماڻهن کي في ٽرڪ 1500 رپيا ڀتو ڏيڻ باوجود وڌيڪ ڀتو وصول ڪرڻ لاءِ پريشان ڪيو پيو وڃي: اڳواڻ

ڀتا خوري ختم نه ٿيڻ تي ۾ 28 سيپٽمبر تي ايس ايس پي آفيس ۽ موٽر وي تي ڌرڻي جو اعلان

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو (ڪوٽڙي ۽ لوٽي ڪوٽ ۾ هلندڙ ريتي جي دڪن ۽ ٽرڪ ڊرائيورن جي ٽرانسپورٽر ايسوسيئيشن ڀتا خوري خلاف هنگامي پريس ڪانفرنس ايس ايس پي آفيس اڳيان ۽ ايم 9 موٽر وي تي ڌرڻي جو اعلان خبر موجب ٽرانسپورٽر ايسوسيئيشن ڪوٽڙي ۽ لوٽي ڪوٽ جي اڳواڻن نياز حسين ڪوسو فيض محمد ۽ شير خان پٺاڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هو با اثر ماڻهن کي في ٽرڪ تي 1500 رپيا ڀتو ادا ڪن ٿا ان کان علاوه مائنز ۽ منرل کاتي کي سمورا ٽيڪس به ادا ڪريون ٿا پر ان جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ريتي دڪن ۽ ڊرائيورن کان مبينا ڀتا خوري خلاف ٽرانسپورٽرن جو احتجاج

بااثر ماڻهن کي في ٽرڪ 1500 رپيا ڀتو ڏيڻ باوجود وڌيڪ ڀتو وصول ڪرڻ لاءِ پريشان ڪيو پيو وڃي: اڳواڻ

ڀتا خوري ختم نه ٿيڻ تي ۾ 28 سيپٽمبر تي ايس ايس پي آفيس ۽ موٽر وي تي ڌرڻي جو اعلان

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو (ڪوٽڙي ۽ لوٽي ڪوٽ ۾ هلندڙ ريتي جي دڪن ۽ ٽرڪ ڊرائيورن جي ٽرانسپورٽر ايسوسيئيشن ڀتا خوري خلاف هنگامي پريس ڪانفرنس ايس ايس پي آفيس اڳيان ۽ ايم 9 موٽر وي تي ڌرڻي جو اعلان خبر موجب ٽرانسپورٽر ايسوسيئيشن ڪوٽڙي ۽ لوٽي ڪوٽ جي اڳواڻن نياز حسين ڪوسو فيض محمد ۽ شير خان پٺاڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هو با اثر ماڻهن کي في ٽرڪ تي 1500 رپيا ڀتو ادا ڪن ٿا ان کان علاوه مائنز ۽ منرل کاتي کي سمورا ٽيڪس به ادا ڪريون ٿا پر ان جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج انتظاميا عدالتي حڪم بعد 57 ملازمن کي ريگيولر ڪري آفر آرڊر جاري ڪري ڇڏيا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڏگهي عرصي کان مختلف پوسٽن تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندڙ ملازمن کي عدالت جي حڪم تحت ريگيولر ڪرڻ جو عمل مڪمل ڪيو ويو خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد ڦلپوٽو ۽ وائيس پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر مختيار احمد لاڪو ملازمن ۾ آفر

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺاڻي جو زال جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز لڳ ڳوٺ يعقوب ٽنيو جو رهواسي سڄڻ خان ٽنيو پنهنجي زال مسمات خالده تي الزام هڻندي چيو آهي ته منهنجي زال منهنجي صلاح کان سواءِ منهنجي معصوم نياڻي جي شادي ڪرائي ٿي سو به وڏي عمر جي ماڻهوءَ سان جيڪا وڏي زيادتي آهي هن چيو ته روڪڻ تي منهنجي ان قوجي سان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

شهدادپور پوليس چور کي سڱ سميت گرفتار ڪري ڏيتي ليتي بعد آزاد ڪري ڇڏيو

شهدادپور (ن ع) چورن مٽان مور قاطم جي پاڙ جو ڪمال شهدادپور جتيا پوليس تي چوري جي پاٿيين واري گروهه کي رشوت

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: محمد صديق مسافر جي ورسي تقريب ۾ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

ڪوٽڙي جي گوشت، مڇي ۽ مرغي جا دڪان روڊن تي کلي ويا، مارڪيٽ تي قبضا، انتظاميا خاموش

سرڪاري فنڊن سان تعمير ٿيل نئين مارڪيٽ مڪمل طور فعال نه ٿيڻ سبب عمارت گندگي جو ڍير بڻيل

مين روڊ تي گوشت، مڇي ۽ مرغي جا دڪان قائم هجڻ سبب سڄي شهر ۾ بدبو پکڙيل، بيمارين پکڙجڻ جو خدشو

ٽريفڪ جي رواني پڻ سخت متاثر ۽ شهرين کي اچ وڃ ۾ ڏيائيون پيش منهن ڏيڻو پوي ٿو

ڪروڙن جي لاڳت سان ٺهيل مارڪيٽ تي مبينا قبضي جون تياريون شروع، شهرين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي شهر ۾ خالي پيل گوشت مارڪيٽ جي عمارت تي مبينا طور قبضو ڪرڻ جون تياريون جا چرچا سوشل ميڊيا ۽ ڪوٽڙي شهر ۾ زور وٺي ويا. ڪوٽڙي شهر جي پراڻي گوشت مارڪيٽ جي جاءِ تي سنڌ حڪومت جي فنڊن سان تعمير ڪرايل نئين گوشت، مڇي ۽ مرغي مارڪيٽ جي عمارت هن وقت به مڪمل طور فعال نه ٿيڻ سبب عمارت اندر بدبو ۽ گندگي جو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

صوبن واري معاملي تي آئيني طور پ پ پنهنجو موقف ڏئي چڪي آهي: نجمي عالم

محسن نقوي ڪير ٿيندو آهي سنڌ دشمن ۽ انتظامي يونٽ ٺاهڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري

پاڪستان پيپلزپارٽي هر ان عمل جي مخالفت ڪندي جيڪو آئين جي مترادف هوندو

ميرپور بٺورو (ن ع) پيپلزپارٽي جو منشور بيروزگارن کي روزگار ڏيڻ ۽ بي گهر ماڻهن کي گهر فراهم ڪرڻ آهي بلاول ڀٽو جون خاص هدايتون آهن ته ڪچي آبادين ۾ سروي ڪري هتي غريب ماڻهن کي پلاٽ جا مالڪاڻا حق ڏنا وڃن سنڌ هڪ آهي ڪنهن جي پيءُ ۾ طاقت ناهي جو سنڌ صوبي کي تقسيم ڪري اهڙي خيالن جو اظهار وزير اعليٰ جي خاص صلاحڪار نجمي عالم ميرپور بٺورو جي ڪچي آبادي ۾ مختلف ماڻهن کي پلاٽن جو سندون ورهائڻ دوران ڪيو نجمي عالم وڌيڪ چيو ته هو هڪ اردو ڳالهائيندڙ آهي سنڌ جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: هڪ ننگر ٻڪر وڪري لاءِ کڻي ويٺل آهي

ٽنڊوباگو ۾ اديب شاعر ۽ استاد محمد صديق مسافر جي 65 هين ورسي ملهائي وئي

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو شهر ۾ ٻاراڻي ادب جي خالق سنڌ جي مشهور اديب شاعر ۽ استاد سائين مرحوم محمد صديق مسافر جي 65 هين ورسي گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو اندر شاندار نموني سان ملهائي وئي، جتي مهمان خاص مرحوم صديق مسافر جي شخصيت ۽ سنڌس شاعري تي سنڌ اندر ٻهرين پي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گمبٽ انجمن تاجران پاران ريشم گلي بازار جي آفيس جو افتتاح ڪيو ويو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ انجمن تاجران ريشم گلي بازار جي آفيس جو افتتاحي تقريب ريشم گلي ۾ ٿي گذري جنهن ۾ شهر جي تمام بازارن جي صدرن عبدالسميع خواجه صفدر سهتو حاجي عرفان ميمڻ احسام شيخ عبدالسميع عالماڻي امجد شيخ عزيز الله ناريجو روشن علي اڄڻ قاضي ساجد فياض جوکيو قمرالدين شيخ حفيظ منگي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وحدت ۽ حقن خلاف ڪو به ناهه قبول نه ڪبو: مخدوم سعيد الزمان/ پير مظهر

سروري تنظيم جي باني چيئرمين سان سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين ۽ ٻين ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ موجوده سماجي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

ڄامشورو (پ ر) سروري تنظيم جي باني چيئرمين سروري سرهاڻ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان عاطف سان سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين پير مظهرالحق صديقي سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ معزز شخصيتن سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران سنڌ جي موجوده صورتحال، سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقي، سنڌي ادبي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ضلعي جي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي هر صورت يقيني بڻايو وڃي: ايس ايس پي بدين

بدين (ڊ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي صدارت هيٺ امن امان بابت اهم اجلاس بدين: ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي صدارت هيٺ ايس ايس پي آفيس بدين ۾ امن امان ۽ پوليس ڪارڪردگي بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سب ڊويزن بدين ۽ سب ڊويزن ماتلي جي سمورن ٿاڻن جي مجموعي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حڪومت کي پنهنجي زرعي پاليسي تبديل ڪرڻي پوندي: عبدالسميع پنهور

چانورن جي فصل مارڪيٽ ۾ اچي باوجود آبادگارن کي مناسب اگهه نه ملي رهيا آهن

زرعي پاليسي زرعي ماهرن ۽ آبادگارن سان صلاح مشوري کان پوءِ تيار ڪئي وڃي

خيرپور (ڊ ر) سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچرل اينڊ فوڊ، سکر ريجن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور چيو آهي ته حڪومت کي پنهنجي زرعي پاليسي تبديل ڪرڻي پوندي، جعلي زرعي دوائن جي وڪري کي بند ڪرائڻو پوندو جڏهن ته ڪٿي جي فيڪٽرين جا مالڪ غيرقانوني ڪٽوتيون ڪري رهيا آهن جنهن سبب آبادگارن کي ناقابل تلافي نقصان ٿي رهيو آهي هو خيرپور جي ايوان صحافت ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



دادو: گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بند آهي

ڄامشورو ۽ دادو ضلعن ۾ پکين جي جار وسيلي شڪار ڪرڻ تي پابندي لاڳو

لڏپلاڻ ڪندڙ ۽ مقامي پکين جي شڪار خلاف 24 سيپٽمبر کان 22 ڊسمبر تائين پابندي لاڳو ڪئي وئي

ٽنڊن ۽ ٻين پکين کي جار وسيلي پڪڙڻ، جار لڳائڻ ۽ استعمال ڪرڻ تي قلم 144 لڳايو ويو

نوري آباد (ن ع) ضلع ڄامشورو ۽ دادو ۾ پکين کي جار وسيلي پڪڙڻ تي پابندي لڏپلاڻ ڪندڙ ۽ مقامي پکين جي شڪار خلاف قلم 144 لاڳو نوري آباد، دادو ۾ 24 سيپٽمبر کان 22 ڊسمبر تائين قلم 144 لاڳو رهندو ٻڌايو وڃي ٿو لڏپلاڻ ڪندڙ ۽ مقامي پکين کي جار سان پڪڙڻ تي پابندي پکين جي شڪار لاءِ جار لڳائڻ نصب ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ تي پابندي قلم 144 جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قلم 188 پي پي سي تحت ڪارروائي ٿيندي حيدرآباد ڊويزن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پي ٽي آءِ پاڪستان ۽ جمهوريت بچايو تحريڪ هلائي رهي آهي: نويد انجم آرائين

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران 27 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ لانگ مارچ جي سلسلي ۾ ضلعي صدر نويد انجم آرائين نائب صدر ذوالفقار علي نريان پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پي ٽي آءِ پاڪستان ۽ جمهوريت بچايو تحريڪ هلائي رهيا آهيون ملڪ ۾ ظلم ۽

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ انتشار واري سياست جو خاتمو ٿيڻ گهرجي: جاويد شاهه جيلاني

صوبن ۾ احساس محرومي وڌندي ۽ جائز حق نه ملندا ته ملڪ ۾ انتشار پکڙجندو

ڪراچي کي سنڌ کان ڪيئن الڳ ڪري سگهجي ٿو، متحده وارا ٻارن وانگر ضد ڇڏين

خيرپور (ڊ ر) دي رائيٽ اسڪول اينڊ ڪاليج خيرپور پاران سائنسي ميلي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجا سائنسي ماڊل پيش ڪيا.

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد: ٻارهين شريف جي موقعي تي هڪ دڪان تان شهري مٺائي خريد ڪري رهيا آهن

ڪنڈڙو ويجهو تيز رفتاري سبب جيپ ڪلٽي، عورت ڦٽي تي فوت، 4 ڄڻا سخت زخمي

برهون شهدادپور لنڪ روڊ تي ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب گاڏي بي قابو ٿي ڪلٽي ٿي وئي

حادثي ۾ هڪ عورت فوت، رحيم سنجراڻي، لياقت درڪاڻي سميت 4 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

زخمين ۽ لاش علائقي واسين مقامي اسپتال منتقل ڪيو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ڪنڈڙو (رپورٽ اختر ماري) ڪنڈڙو لڳ برهون شهدادپور لنڪ روڊ تي تيز رفتاري سبب جيپ جو ٽائر برسٽ ٿي پيو جنهن سبب گاڏي بي قابو ٿي ڪلٽي ٿي وئي، حادثي ۾ هڪ عورت فوت ٿي وئي جڏهن ته رحيم سنجراڻي لياقت درڪاڻي سميت 4 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي علائقي واسين ريسڪيو ڪري مقامي اسپتال منتقل ڪيو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بدين ۾ ٽنڊو واسي پورهيت جي ڌيءُ سان لڄالٽ ڪندڙ جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاج

8مهينا اڳ بااثر 13 ورهين جي نياڻي ياسمين سان زبردستي زيادتي ڪئي: نور محمد

ڪيس داخل هجڻ باوجود پوليس جوابدار کي گرفتار نٿي ڪري، ڌمڪيون ملي رهيون آهن

بدين (ڊ ر) ٽنڊو ويجهو ڳوٺ مولي ڏنو خاصخيلي جي رهواسي پورهيت نورمحمد خاصخيلي پنهنجي زال ۽ 13 ورهين جي نياڻي ياسمين سان گڏ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ڪوسڪي پوليس خلاف سخت احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ پيءُ ۽ نياڻي جو چوڻ آهي ته 8 مهينا اڳ عظيم خاصخيلي رات جو دير سان سنڌن گهر ۾ داخل ٿي 13 ورهين جي نياڻي ياسمين سان زبردستي زيادتي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ نياڻي پيٽ سان ٿي ۽ بعد ۾ ڪيس بار پڻ ڄاتو نورمحمد خاصخيلي ٻڌائيندي چيو ته واقعي کان پوءِ هن قانوني

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

آغا شهباز دراني پاران رورل هيلٿ سينٽر ڳڙهي ياسين ۾ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياريا

دوري دوران اسپتال جي نئين بلڊنگ جي تعميراتي ڪم جو معائنو ڪري معلومات ورتي

ڳڙهي ياسين (ن ع) ميمبر سنڌ اسيمبلي آغا شهباز دراني، ڊي ايڇ او شڪارپور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جو صحت مرڪز جو دورو ايم پي اي آغا شهباز خان دراني، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر نياز ڍڪ اسسٽنٽ ڪمشنر ڳڙهي ياسين شائسته سنڌو جو رورل هيلٿ سينٽر ڳڙهي ياسين جو دورو نئين بلڊنگ جي تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو، ايم ايس ڊاڪٽر تصور علي ميمڻ ڪاڻ هلندڙ تعميراتي ڪم ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي ڪوٽ بابت معلوم ورتي ۽ هلندڙ پوليو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين: ايم پي اي شهباز دراني اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺاڻن جو قتل ڪيس جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

ڳوٺ چوهڙ لاڪو واسين عبدالحڪيم لاڪو، سليم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

محمد الياس لاڪو جي قاتلن کي پوليس 4 سال گذرڻ باوجود گرفتار ناهي ڪيو: مظاهرين

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ چوهڙ لاڪو جي رهواسي ڳوٺاڻن جو قتل ڪيس جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن عبدالحڪيم لاڪو سليم لاڪو ۽ محمد صالح لڪو ميڊيا اڳيان ٻڌائيندي چيو آهي اسان جي پيءُ محمد الياس لاڪو کي 2023 ۾ قتل ڪيو ويو جنهن کي تقريبن چار سال گذري ويا آهن پر مڪ جوابدار اڄان تائين پوليس گرفتار ڪري ناهي سگهي ۽ جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن جيڪي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته جوابدار بلاول لاڪو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ راڌڻ جي صحافي مظفر ڳوڙو جي گهر تي پوليس گردي خلاف احتجاج

قلم ڌڻين مسرور چانڊيو، ظفر تگڙ، قاضي ذوالفقار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافي مظفر ڳوڙو جي گهر تي پوليس جي دهشتگردي جو ايس ايس پي نوٽيس وٺي

نوشهروفيروز (ڊ ر) راڌڻ جي سينئر صحافي ڪي ٽي اين نيوز ۽ ڪاوش جي رپورٽر مظفر ڳوڙو جي گهر تي پوليس گردي خلاف صحافين جو پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي مسرور چانڊيو ظفر تگڙ، قاضي ذوالفقار خادم سيال شاهد چنه، خادم حسين مري، خالد چانڊيو راجا رجب سمون ممتاز سولنگي، عادل عباسي سهيل راڄپر زاهد لنڊ، ضمير لنڊ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هئا ان موقعي تي مظاهرين چيو ته صحافي مظفر ڳوڙو جي گهر تي پوليس دهشتگردي ڪئي آهي پوليس ڌاڙيلن وانگر ٻتون ٻڌي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ايس ٽي پي پاران نون صوبن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڄامشوري ۾ تيل ۽ گئس ڪمپنين پاران جاري مختلف ترقياتي ڪمن جو جائزو

ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي صدارت هيٺ ضلعي سوشل ويلفيئر ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

ڊي سي غضنفر قادري ضلعي ۾ جاري سي ايس آر فنڊز جي منصوبن بابت بريفنگ ڏني

ڪوٽڙي (ن ع) ڄام شورو سوشل ويلفيئر ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس، قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ سوشل ويلفيئر ڪميٽي جي چيئرمين ملڪ اسد سڪندر جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي دربار هال ۾ سوشل ويلفيئر ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي ڄامشوري ۾ تيل ۽ گئس ڪمپنين پاران جاري مختلف ترقياتي ۽ سوشل ويلفيئر ڪميٽي جي منصوبن جو جائزو ورتو ويو. تفصيل موجب، وفاقي وزارت توانائي، پيٽروليم ڊويزن حڪومت پاڪستان پاران ايم اين اي ملڪ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۽ پرياسي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات فروشي خلاف جي يو آءِ جو مظاهرو

يونٽ امام العصر طرفان ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

پوليس ٿاڻا منشيات فروشن کي وڪرو ڪيا ويا آهن پر ايس ايس پي خاموش آهي: اڳواڻ

ڄامشورو (ڊ ر) شهر ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني پوليس سرپرستي ۾ منشيات فروشي خلاف جمعيت علماءِ اسلام يونٽ امام العصر طرفان شهر جي بابري مسجد کان احتجاجي ريلي ڪڍي بدامني ۽ منشيات فروشي خلاف نعريبازي ڪرڻ بعد ڄامشورو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ جي يو آءِ اڳواڻن مولانا عبدالصمد رئيساڻي مولانا صبغت الله بازري حافظ جميل احمد لغاري مولانا انور علي بليدي مولانا صالح خليل حافظ دين محمد بروهي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو آهي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ حڪومت ۽ انتظاميا جي سهڪار سان ضلعي آواز آگاهي ميلو منعقد

ميلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا جي نمائندن شرڪت ڪئي

مختلف سرگرمين ۾ سهڪار ڪندڙ ماڻهن ۾ تحفا ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

بدين (ڊ ر) سامي فائونڊيشن پاران آواز II- پروگرام تحت ڪيئر پاڪستان ۽ ضلعي حڪومت ۽ انتظاميا جي سهڪار سان بدين جيم خانا ۾ سماجي شموليت جي موضوع تي ضلعي آواز آگاهي ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد معاشري جي مختلف طبقن ۾ برابري، سماجي شموليت، برداشت،

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو لمس يونيورسٽي ۾ هاءِ بلڊ پريشر بابت ٽيون تعليمي سيشن منعقد

سيشن ۾ ڪراچي، سکر، نوابشاهه ۽ خيرپور، گمبٽ مان آن لائن شرڪت ڪئي وئي

اهڙن پروگرامن سان ڊاڪٽرن کي علاج بابت جديد ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي: وي سي

ڄامشورو (ڊ ر) لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس) جي شعبه ميڊيسن پاران پاڪستان سوسائٽي آف فزيشنز (PSP) ۽ ڪيبروس فارما جي سهڪار سان CARE پروگرام تحت هاءِ بلڊ پريشر جي موضوع تي ٽيون تعليمي سيشن منعقد ڪيو ويو هي پروگرام لمس

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ ترقياتي اسڪيمن جو ڪم مقرر معيار موجب مڪمل ڪيو وڃي: سليم بلوچ

سنڌ حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

واٽر سپلاءِ ۽ ٻين منصوبن کي هڪ مهيني اندر مڪمل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ۾ واٽر سپلاءِ ڊرينيج ۽ آر او پلانٽن سميت هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو جائزو هڪ مهيني اندر ڪم مڪمل ڪرڻ جي هدايت وزيراعليٰ سنڌ جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ رورل ڊوليپمينٽ کاتن بابت اسپيشل اسسٽنٽ محمد سليم بلوچ جي صدارت هيٺ دربار هال مڪلي ۾ ضلعي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران نون صوبن يا انتظامي يونٽن تي بحث خلاف مزاحمت جو اعلان

نئون بحث سنڌ ۽ ملڪ کي ٽوڙڻ جي سازش آهي، وفاقي گهرو وزير ۽ ڊي جي آءِ ايس پي آر معاملو واضح ڪن: اڳواڻ

جلالپور ڪئنال، چولستان ۽ سنڌو درياهه تي نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي منصوبن کي تي ڪم روڪيو وڃي

سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون مختلف ڪمپنين کي ڏيڻ جون الاٽمينٽون رد ڪري واپس ڪرڻ جو مطالبو

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ ايڪشن ڪميٽي طرفان سنڌ مشاورتي ڪائونسل جو اجلاس ڪنوينر سيد زين شاهه جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ واضح ڪيو ويو ته ملڪ اندر نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن تي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

مشاورتي ڪائونسل
سنڌ ايڪشن ڪميٽي

ڄامشورو: سنڌ ايڪشن ڪميٽي جا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

گجو لڳ ٽنڊو باگو واسي نوجوان هاري جو وڻ ۾ ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ آيو

ٺٽو (ڊ) گجو لڳ جان محمد جوکيو جي زمين ۾ نوجوان گينو ولد سومجي وڻ ۾ ڦاهو ڪاڌل حالت ۾ لڙڪندي هٿ آيو نوجوان ٽنڊو باگو بدين جو رهواسي آهي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٺٽو: نوجوان جو لاش وڻ ۾ ٽنگيل نظر اچي رهيو آهي

بدين ۾ ڪڙيو گهنور واسي زخمي جو جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

بااثر جوابدارن ڪهاڙين سان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي: خان محمد خاصخيلي

ٿاڻي تي درخواست ڏيڻ باوجود پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري رهي آهي

بدين (ڊ ر) ڪڙيو گهنور واسي زخمي شخص جو جوابدارن خلاف احتجاج پوليس تي ڪيس داخل نه ڪرڻ جو الزام ڪڙيو گهنور پرسان ڳوٺ حمزو خاصخيلي جي رهواسي زخمي خان محمد خاصخيلي بدين پريس ڪلب پهچي جوابدارن خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدار اڪبر خاصخيلي، اشرف، سليم رمضان ۽ سليمان خاصخيلي ڪين پنهنجي زمين ۾ گاهه ڪرڻ کان روڪيو جنهن تان جوابدارن مٿس ڪهاڙين سان حملو ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو هن چيو ته حملي دوران کيس جسم جي مختلف حصن تي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

بدين ويجهو زمين نه وڪڻڻ تان نافرمان پٽن پيءُ کي ڏنڊا هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ترائي واسي صديق ميمڻ کي پٽن جاويد ميمڻ، نويد ميمڻ ۽ وحيد ميمڻ وچ شهر ۾ ڏنڊا هڻي زخمي ڪيو

زخمي کي علائقي واسي ڪٺائي سول اسپتال گولاڙچي پهتا ته زخمن جا سور نه سهندي دم ڏڻي حوالي ڪيو

بدين(ڊ ر) ترائي شهر جي رهواسي صديق ميمڻ کي سنڌس پٽن جاويد ميمڻ نويد ميمڻ ۽ وحيد ميمڻ مبينا طور زمين وڪرو نه ڪرڻ واري معاملي تان شهر جي وچ ۾ لٺين سان تشدد ڪري سخت زخمي ڪري

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

بدين پوليس پاران مختلف ڪارروايون ۾ 10 کان وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بدين (ڊ ر) ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي رپورش ۽ اشتهاري جوابدارن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري آهن ايس ايڇ او ٿاڻو ٽنڊوباگو انسپيڪٽر محمد انور لغاري عملي سان گڏ ڪارروائي ڪندي اقدام قتل جي ڪيس ۾ گهربل بن رپورش

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

باڊهه لڳ درگاهه فقيرپور شريف ۾ ٻارهين شريف جو جلسو عقيدتمندن جي شرڪت

لاڙڪاڻي، دادو ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعن جي عالمن، خلفائن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي

اولياء الله نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات عام ڪري انسانيت سان محبت جو درس ڏنو آهي: اڳواڻن جو خطاب

باڊهه (ن ع) باڊهه پرسان درگاهه فقيرپور شريف ۾ ٻارهين شريف جي مناسبت سان ساهوار جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ لاڙڪاڻي دادو ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعن جي علماء ڪرام خلفاء ۽ تنظيمي عهديدارن سميت عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جلسي ۾ منصور نور جتوئي تلاوت ڪئي جلسي کي خطاب ڪندي مولانا خليفه عرض محمد چانڊيو چيو ته ۽ مولانا خليفه نعيم نور شاهاڻي طاهري چيو ته اولياءالله آخري نبي حضرت محمد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ٽريڪٽر ٽرالي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر عورت سميت 2 ڄڻا زخمي اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي عمران پيٽرول پمپ لڳ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 40 ورهين جي شريمتي نيجمي زال پريم چند مينگهواڙ ۽ خانو ولد لالو مينگهواڙ سخت زخمي ٿي پيا جن کي تعلقي اسپتال آندو ويو جتان عورت کي سول اسپتال حيدرآباد موڪليو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ 3 ٻار مبينا طور گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر، ڳولا شروع

جانو ٻاڙي مان ڀاءُ ڀيڻ ۽ هڪ سئوٽ ٻارڙي جي جي گم ٿيڻ جي ٿاڻي تي رپورٽ داخل

ٻارڙا گهران نڪرڻ بعد واپس نه آيا، اسان جي ڪنهن سان به دشمني نه آهي: وارث

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي جي علائقي جانو ٻاڙي جي رهواسي امام الدين جا به ٻار هڪ ڀائٽي زويا، ارشاد، ۽ عبدالوهاب مبينا لاپتا ٿي ويا لاپتا ٿيل ٻارن جي گهر ۾ پريشاني وارو ماحول ۽ ماتم ڇانيل واقعي جو اطلاع وارثن پاران ڪوٽڙي ٿاڻي تي ڏنو ويو جنهن کان پوءِ پوليس حرڪت ۾ اچي ٻارن جي ڳولا جي لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي ٻئي طرف مبينا گم ٿيل ٻارن جي وارثن جو چوڻ آهي ته اسان جي ڪنهن سان دشمني ڪونهي ، ٻار گهران نڪتا وري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: گم ٿيل ٻارڙن جا فائيل فوٽو

ميهڙ جي ڪاچي ۾ سڱاوتي تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، 2 ڄڻا زخمي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي ڪاچي واري علائقي ڳوٺ عاليوال جي چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ستار چانڊيو ۽ حر چانڊيو وچ ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڪاچي جي ڳوٺ بوري اچي مسجد وٽ ڇڪتاڻ دوران فائرنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو فائرنگ جي نتيجي ۾ علي مردان چانڊيو جي ڌر جا صدام حسين چانڊيو ۽ حر چانڊيو گوليون

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ شهرين تي فائرنگ ڪندڙ پوليس اهلڪار گرفتار، ڪيس داخل

دادو(ڊ ر) دادو ۾ پوليس اهلڪار رفيق احمد خشڪ پاران شهرين سليم جمالي، غلام رسول ميراڻي ۽ منصور ٻبر سان مبينا بدتميزي ۽ فائرنگ واري معاملي تي ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي سخت نوٽيس وٺندي قانوني ڪارروائي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا،

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڊاڪٽرياڻي جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيل ناري جو لاش روڊ تي رکي ڌرڻو

فوتي ناري سونيه سڏايو جي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن شڪارپور ناڪي پرسان احتجاج ڪيو

مڇريل ماڻهن ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندا رهيا.

ڊاڪٽرياڻي مريضه کي رت چاڙهيو انجيڪشن لڳائي جنهن دوران جي نياڻي تڙپي تڙپي فوت ٿي آهي: وارث

جيڪب آباد: مبينا غفلت سبب فوت ٿي ويل ناري جا وارث لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ هڪ ڏينهن اڳ ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي جي مبينا غفلت سبب فوت ٿي ويل ناري سونيه سڏايو جي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيڻ واري عمل خلاف وارثن پاران فوتي ناري جو لاش کڻي شڪارپور ناڪي پرسان قومي شاهراهه تي پهچي ايمبولينس ذريعي لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو مڇريل ماڻهن ٽائر ساڙي روڊ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪنڍيارو جي سماجي اڳواڻ اياز عباسي جو والد رٽائرڊ استاد محمد مٺل عباسي وفات ڪري ويو

ڪنڍيارو (ن ع) سماجي اڳواڻ اياز عباسي جو والد رٽائرڊ استاد محمد مٺل عباسي وفات ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي جنهن بعد مرحوم کي شهر جي آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ امن لاءِ سهڪار وڌايو ويندو: اويس قادر شاهه

عوامي رابطن ۽ ترقياتي سهڪار سان ڀائيواري وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي ٿي: اسپيڪر

پاڪستان امن چاهي ٿو اختلاف ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي حل ڪري سگهجن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ واپار ۽ سيڙپڪاري، تعليمي ۽ ثقافتي ڏي وٺ، عوامي رابطن ۽ امن ۽ استحڪام لاءِ سهڪار وڌائڻ تي زور ڏنو آهي هن اها ڳالهه آمريڪي قونصل جنرل ڪراچي چارلس گڊمين پاران آمريڪا جي آزاديءَ جي 250هين سالگرهه جي موقعي تي آمريڪي قونصليٽ جنرل ڪراچي ۾ منعقد ڪيل ”فريڊم 250“ استقبالي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪئي تقريب ۾ سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: روڊ ڪناري مصنوعي ڪاز وڪري لاءِ رکيل آهن

وڻڪاري مهم نه صرف صدقه جاريه آهي: گل محمد رند

وڻ پوکڻ سان صحت جي حوالي سان ڪافي حد تائين فائدو رسي ٿو

همدرد هميشه عوام جي ڀلائي وارو پاسو ورتو آهي: صحافين سان ڳالهيون

سڪرنڊ (س ر) وڻڪاري مهم نه صرف صدقه جاريه آهي بلڪ انسان توڙي حيوانات لاءِ آڪسيجن فراهم ڪري ٿي جنهن سان صحت ۾ ڪافي حد تائين فائدو رسي ٿو جڏهن ته سماج صحتمند زندگي گذاري ٿو اها ڳالهه اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري همدرد آرگنائيزيشن جي چيئرمين گل محمد رند

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز جي ڳوٺ بختيار خان گهانگهرو جي رهواسڻ جو احتجاج

انيلا چنا پنهنجي مڙس سليم علي ۽ ٻارن سان گڏ ڏيرن خلاف احتجاج ڪيو

ڏيرجاويد، رحيم، رزاق، مصري ۽ ضمير قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: انيلا چنا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)نوشهرو فيروز جي ڳوٺ بختيار خان گهانگهرو جي رهواسڻ انيلا چنا پنهنجي مڙس سليم علي ۽ ٻارن سان گڏ ڏيرن پاران گهر تي قبضي جي ڪوشش خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته سنڌس مڙس ڌڻي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٿاڻي بولاخان کان نوري آباد ويندڙ روڊ ۽ موري ٽٽي وئي

نوجوان ڳوٺاڻي پنهنجي مدد پاڻ تحت مٽي ڀرائي ڪري آمد رفت بحال ڪئي

فوري طور تي موري ۽ روڊ جو مرمتي ڪم ڪرائي ڏنو وڃي: ڳوٺاڻن جو مطالبو

ٿاڻوبولاخان (ن ع) ٿاڻي بولاخان کان نوري آباد ويندڙ روڊ ۽ موري تي ڪڏا ڪوڙا هئڻ سبب رهواسي پريشان جڏهن ته نوجوان ڳوٺاڻي محمد صادق پالاري پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت روڊ ۽ موري تي ڪڏن ۾ ڪوهن تي بيلچي سان مٽي ڀرائي ڪري روڊ ۽ موري تي گاڏين جي عارضي اچ وڃ جي سهولت بحال ڪئي وئي جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران نوجوان جي اهڙي عمل کي ساراهيو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ سيپڪو پاران صارفين جي مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري

انجنيئر ظهور احمد نوناري ۽ ٻين آڏو صارفين اضافي بلنگ ۽ ٻيا مسئلا پيش ڪيا

ڊس ڪنيڪشن وارن سميت ٻين جائز مسئلن جو ترجيحي بنيادن تي ازالو ڪيو ويندو: ظهور نوناري

شڪارپور (ڊ ر) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر امتياز احمد شيخ ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي لاڙڪاڻي ڊويزن جي انفارميشن سيڪريٽري ۽ سيپڪو بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي ميمبر فراز امتياز شيخ جي ڪوشش ۽ سيپڪو جي سي اي او اعجاز احمد چنا جي هدايتن تي شڪارپور جي عوام کي بجلي جي مسئلن سان چوڪارو ڏيارڻ ۽ صارفين جي شڪايتن جو ترت ازالو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: سيپڪو پاران منعقد ڪرايل کلي ڪچهري ۾ مسئلا ٻڌا پيا وڃن

پاڪستان نيوي ۽ ڪوسٽ گارڊز پاران گڏيل آپريشن، منشيات ۽ غير قانوني دوائون هٿ

راولپنڊي (اي پي پي)پاڪستان نيوي ۽ پاڪستان ڪوسٽ گارڊز جوائنٽ ميري ٽائيم انفارميشن ڪوآرڊينيشن سينٽر جي سهڪار سان بلوچستان جي علائقي پشڪان ۾ انٽيليجنس بيسڊ ”منشيات جي اسمگلنگ جي روڪ ٿام لاءِ“ آپريشن ڪندي پابندي پيل شين جي اسمگلنگ ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي آهي پاڪ فوج جي [illegible] واري شعبي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت ثمينه زال قربان علي کهڙو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل سميت سون ۽ جنسن جي اگهن ۾ گهٽتائي جو لاڙو

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ اربع ڏينهن ڪچي تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي جو لاڙو رهيو جڏهن ته سون ۽ جنسن جي اگهه ۾ پڻ لاٿ آئي ميڊيا رپورٽن موجب ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ تحت ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 1.30 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ 98.22 ڊالر ۽ برينٽ ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 0.79 ڊالر جي گهٽتائي کان پوءِ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.